ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
67 YEAR 1958 - 2024
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) خميس 21 نومبر 2024ع 18 جمادي الاول 1446 هه صفحا 06 - ملهه 30 رپيا شمارو (97)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

توشه خاني 2 ڪيس: عمران خان جي ضمانت منظور، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ڪيس آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

جسٽس مياڻ گل حسن اورنگزيب پي ٽي آءِ باني جي ضمانت واري درخواست منظور ڪئي، بيرسٽر سلمان صفدر، ايف آءِ اي اسپيشل پراسيڪيوٽر عمر مجيد ملڪ ۽ ذوالفقار عباس نقوي عدالت ۾ پيش

عمران خان جي 10 لک روپين جي مچلڪن عيوض ضمانت منظور، عدالت جيڪو به فيصلو ڪري پر ميڊيا ۾ ڀڙيان ٿي ضمانت ٿي ويندي (پراسيڪيوٽر ايف آءِ اي) ميڊيا کي پاڻ کان آجو ڪريو: جسٽس مياڻ گل

جيولري سيٽ جو اندازو ڪيئن لڳايو ويو (عدالت) اهو ته عدالت ۾ استغاثه ٻڌائيندو (بئرسٽر سلمان صفدر) چالان ۾ رسيد بشريٰ بي بي جي آهي يا عمران خان جي (عدالت) بشريٰ بي بي جو نالو آهي: وڪيل

پي ٽي آءِ باني ذاتي مفاد لاءِ پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪيو، هن چالان ۾ اهو واضع ناهي ته مرڪزي جوابدار ڪير آهي، توشه خاني نيب ڪيس ۾ عمران خان کي 14 سالن جي سزا ٿي آهي: بئرسٽر سلمان صفدر

اسلام آباد پوليس ڪهڙو ڪيس داخل ڪيو آهي (عدالت) ڪوهسار ٿاڻي جي پوليس جعلي رسيدن جو ڪيس ڪاهيو آهي، انهي ۾ ڏوهه واضع نه ٿيو ته ڪيس وڌيڪ انڪوائري ۽ ضمانت جو لائق ٿو: وڪيل

گذريل حڪومت توشه خاني جا تفصيل نه ٻڌايا هئا، اسان پڇندا هئاسين ته توشه خاني جا تفصيل لڪايا ويندا هئا (جسٽس مياڻ گل) ڪسٽم آفيسرن موجب سندن مٿان دٻاءُ نه هو ته پوءِ انهن صحيح قيمت ڇو نه لڳائي: وڪيل

زال کي فائدو مليو ته مڙس کي به فائدو ٿيو (ايف آءِ اي پراسيڪيوٽر) مهرباني ڪري اهڙا جملا استعمال نه ڪريو منهنجي زال جون شيون منهنجون نه آهن اسان اڃان تائين ڪهڙي دنيا ۾ رهون ٿا: جسٽس مياڻ گل جا ريمارڪس

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ توشه خاني ٽو ڪيس ۾ پي ٽي آءِ باني عمران خان جي ضمانت منظور ڪندي ڪيس آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس مياڻ گل حسن اورنگزيب پي ٽي آءِ باني جي ضمانت واري درخواست منظور ڪئي پي ٽي آءِ باني جو وڪيل بيرسٽر سلمان صفدر، ايف آءِ اي اسپيشل

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

بنون چيڪ پوسٽ تي آپگهاتي حملو 12 جوان شهيد، جوابي ڪارروائي ۾ 6 دهشتگرد مارجي ويا

ضلعي بنون جي علائقي ملي خيل ۾ دهشتگردن هڪ چيڪ پوسٽ تي حملو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر بهادر فورسز جي جوانن جي مزاحمت سبب شرپسند اندر داخل نه ٿي سگهيا

دهشتگردن بارود سان ڀريل هڪ گاڏي کي چيڪ پوسٽ جي ٻاهرين ڀت سان ٽڪرائي ڇڏي، آپگهاتي ڌماڪي جي نتيجي ۾ ڀت جو هڪ حصو ڊهي پيو، چوڌاري جو انفراسٽرڪچر به متاثر ٿيو

آپگهاتي ڌماڪي ۾ 12 بهادر جوان شهيد ٿي ويا جن ۾ 10 سيڪيورٽي فورسز جا جوان ۽ 2 فرنٽيئر ڪانسٽيبلري جا 2 اهلڪار شامل، جوانن جي ڪارروائي ۾ 6 دهشتگرد مارجي ويا: آءِ ايس پي آر

ڪليئرنس آپريشن جاري، نميارن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو، پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پرعزم آهن: ترجمان پاڪ فوج جو جاري ڪيل بيان

وفاقي گهرو وزير جي بنون ۾ سيڪيورٽي فورسز جي چيڪ پوسٽ تي دهشتگردن جي حملي جي سخت مذمت، ملڪ ۾ امن لاءِ پنهنجون حياتيون قربان ڪندڙ پاڪ فوج جا جوان قوم جا هيرو آهن: محسن نقوي

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) بنون ۾ چيڪ پوسٽ تي حملي جي ڪوشش ڪندڙ دهشتگردن سان فائرنگ جي ڏي وٺ دوران 6 دهشتگرد مارجي ويا جڏهن ته 12 جوان شهيد ٿي ويا. آءِ ايس پي آر موجب 19 نومبر تي خوارج ضلعي بنون جي علائقي ملي خيل ۾ هڪ چيڪ پوسٽ تي حملو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي انهي دوران فائرنگ جي ڏي وٺ دوران 6 خوارج مارجي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

عوام جي جان ۽ مال کي خطري ۾ وجهندڙ دهشتگردن کي سخت قيمت ادا ڪرڻي پوندي: وزيراعظم

وزيراعظم پاران بنون ضلعي جي علائقي ملي خيل ۾ سيڪيورٽي فورسز ۽ فرنٽيئر ڪانسٽيبلري جي جوانن جي شهادت تي ڏک جو اظهار

ملڪ مان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين اسان جي دهشتگردن جي خلاف جنگ جاري رهندي: جاري ڪيل بيان

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف بنون ضلعي جي علائقي ملي خيل ۾ سيڪيورٽي فورسز ۽ فرنٽيئر ڪانسٽيبلري جي جوانن جي شهادت تي ڏک جو اظهار ڪندي چيو آهي ته قوم جي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

عمران خان کان 24 نومبر واري احتجاج جو سڏ واپس وٺڻ جي درخواست

بئريسٽر گوهر ۽ علي امين گنڊاپور کي ڳالهين ۾ اڳرائي ڪرڻ جي هدايت

احتجاج سبب ملڪي معيشت کي نقصان ٿيندو، حڪومت سان ڳالهيون ڪريو: بئرسٽر گوهر

ڪريڪ ڊائون ۽ ملڪ جي مفاد ۾ احتجاج جو سڏ واپس وٺڻ گهرجي: عمران خان کي تجويز

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي قيادت عمران خان کان 24 نومبر واري احتجاج جو سڏ واپس وٺڻ

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

عمران خان ڳالهين جو مرحلو اڳتي وڌائڻ لاءِ پارٽي اڳواڻن کي گرين سگنل ڏئي ڇڏيو

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پي ٽي آءِ باني عمران خان ۽ پارٽي اڳواڻن جي ملاقاتن ۾ اهم اڳڀرائي ٿي آهي. ذريعن

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جو چيني صنعتن کي زمين فراهم ڪرڻ جو اعلان

صنعتي زونز لاءِ ون ونڊو سهولت فراهم ڪئي ويندي ته جيئن سيڙپڪارن کي ڏکيائي جي منهن نه ڏيڻو پوي: احسن اقبال

گڏيل تعاون ۽ بهتري آڻڻ جي ضرورت آهي، سيپڪ کان پهرين ماڊل صنعتي زونز لاءِ دستياب زمين جي مقدار جو تعين ڪيو ويندو

چيني ڪمپنين سان هر مهيني باقاعدگي سان ملاقاتون ڪيون وينديون ۽ انهن جي مسئلن جو فوري حل يقيني بڻايو ويندو

اسلام آباد (اي پي پي) رٿابندي، ترقي ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته پاڪستان چيني صنعتن کي زمين فراهم ڪندو جڏهن ته انفرا اسٽرڪچر مارڪيٽ ۽ انهن زونز جو

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه اجالا سينٽر ۾ داخل ٻارن سان ملاقات ڪري رهيو آهي

عوام کي پيئڻ جو صاف پاڻي ۽ سستي بجلي فراهم ڪرڻ پهرين ترجيح آهي: وڏو وزير

ترڪي سويڊن جي سفيرن ۽ عمان جي قونصل جنرل ڪراچي ۾ مراد علي شاهه سان ملاقاتون ڪيون

وڏي وزير پرڏيهي ڪمپنين کي توانائي، ڪول مائننگ ۽ ٻين منصوبن ۾ سيڙپڪاري جي دعوت ڏني

ترڪي جي ڪمپنين سان پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت ڪم ڪرڻ جي آڇ پڻ ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽ : مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته عوام کي پيئڻ جو صاف پاڻي ۽ سستي بجلي فراهم ڪرڻ اسان جي اوّلين ترجيح آهي ان موجب قدم کنيا پيا وڃن تر

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اسرائيلي فوج جي فائرنگ ۾ 3 فلسطيني شهيد

شهيد ٿيل ٽنهي فلسطينين جا لاش اسرائيلي فوج جي قبضي ۾ آهن: ذريعا

7آڪٽوبر 2023ع کان هاڻي تائين اسرائيلي فوج 771 فلسطينين کي شهيد ڪيو

والاريل بيت المقدس (اي پي پي) اسرائيلي فوج اولهه ڪناري جي شهر جنين ۾ فائرنگ ڪري ٽن فلسطينين کي شهيد

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

لبنان ۾ اسرائيلي حملن جي ٻن مهينن دوران 200 ٻار شهيد ٿي چڪا آهن: يونيسف

بيروت (اي پي پي) گڏيل قومن جي اداري اطفال (يونيسيف) چيو آهي ته لبنان تي اسرائيلي حملن جي شروعات کانپوءِ ٻن

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير رانا تنوير پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

سنڌ ۾ ارلي چائلڊ ايجوڪيشن بابت اسڪولن ۾ فائونڊيشن لرننگ ميڪنزم جوڙڻ جو فيصلو

صوبائي وزير سردار شاهه جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ ارلي چائلڊ ايجوڪيشن کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ تي غور ويچار

صوبي ۾ 8 لک ٻار ارلي چائلڊ ڪلاسز ۾ آهن، استادن جي ڀرتي ۽ تربيت مڪمل ڪئي آهي: آگاهي

اسڪولن ۾ فائونڊيشن لرننگ ميڪنزم سان بنيادي تعليمي نظام بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملندي: صوبائي وزير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت ارلي چائلڊ ايجوڪيشن (ECE)پاليسي جو جائزو وٺڻ ۽ اسڪولن ۾ فائونڊيشن لرننگ ميڪنزم کي پاليسي جو حصو بڻائڻ جو فيصلو ڪيو آهي ان ڏس ۾ تعليم ۽

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

اسرائيل جا لبنان تي حملا، ايمرٽس ايئر جي بيروت لاءِ اڏامون 31 ڊسمبر تائين ملتوي

دبئي (اي پي پي) گڏيل عرب امارتن جي ايئر لائن ايمريٽس ايئر اسرائيل جي لبنان

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

لاهور ۾ 24 نومبر تائين هيوي ٽرانسپورٽ جي داخلا تي پابندي لاڳو

لاهور (اي پي پي) پنجاب حڪومت پاران لاهور ۾ 24 نومبر تائين هيوي ٽرانسپورٽ

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: سول ايوئيشن ٽريننگ سينٽر لاءِ ڪراچي کان اسائيل هوائي جهاز ٽئي رستي حيدرآباد ڏانهن اچي رهيو آهي

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ روڊ حادثن ۽ ٻين واقعن ۾ 7 ڄڻا فوت، هڪ ڄڻو زخمي

شاهه لطيف ٽائون ۾ سرڪاري اسڪول جي پراڻي ڀت ڪرڻ سبب نصير احمد ديهجي فوت ٿي ويو

شانتي نگر ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ سبب ڪشن ولد راڃي فوت، گلستان جوهر پرسان بي منزل تان ڪرڻ سبب هڪ ڄڻو فوت

سنگر چورنگي ۽ منگهوپير جي علائقن روڊ حادثن سبب ٻه نامعلوم شخص فوت ٿي ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ 7 ڄڻا فوت ٿي ويا جڏهن ته هڪ ڄڻو زخمي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪراچي مان هڪ ٻيو ناڪاره جهاز روڊ رستي حيدرآباد پهچي ويو

60 ٽن وزني ۽ 160 فٽ ڊگهي جهاز 128 ويلر ٽرالر جي مدد سان منتقل ڪيو ويندو

جهاز 2011ع کان غير فعال آهي جنهن کي تربيتي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو ويندو: ترجمان

ڪراچي(بيورو رپورٽ) ناڪاره جهاز

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ملتان: هڪ گڏهه گاڏي تي پورهيت ڪاٺيون کڻي وڃي رهيو آهي

پيپلز پارٽي پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جي سربراهي گهري ورتي

مسلم ليگ (ن) جو پي اي سي جي سربراهي لاءِ پ پ جي حمايت جو اشارو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان پيپلز پارٽي پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي(پي اي سي) جي سربراهي گهري ورتي، جڏهن ته

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مڙس هٿان زال قتل، مختلف علائقن مان ٻارڙي سميت ٻن ڄڻن جا لاش هٿ آيا

سرجاڻي ٽائون حسن بروهي ڳوٺ ۾ گهر اندران نوجوان عورت اقرا ڌي عاشق علي جو ڳلو ڪٽيل لاش مليو

پوليس عورت جي مڙس کي گرفتار ڪري قتل ۾ استعمال ٿيل تيز ڌار ڇري هٿ ڪري ورتي

بروهي ڳوٺ مان نوجوان زوهيب جو ڦاهو لڳل لاش مليو، گلشن معمار ۾ نينگر عبدالواسع گٽر نالي ۾ ٻڏي فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ عورت قتل سندس مڙس کي پوليس تيزدار آلي سميت گرفتار ڪري ورتو . ٻار جي لاش ملڻ سميت ٻن ڄڻن جا لاش هٿ 2 ڄڻا ٻن زخمي ٿي پيا. سرجاڻي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان سينيٽر عرفان صديقي ملاقات ڪري رهيو آهي

قوم ملڪي سلامتي لاءِ شهادت ماڻيندڙن کي سلام پيش ڪري ٿي: صدر

صدر پاران بنون ۾ دهشتگردن جي حملي ۾ 12 جوانن جي شهادت تي افسوس جو اظهار

صدر آصف زرداري واقعي ۾ شهادت ماڻيندڙ جوانن جي درجن جي بلندي لاءِ دعا ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري بنون ۾ دهشتگردن جي حملي ۾ 12 جوانن جي شهادت تي افسوس جو اظهار ڪيو آهي. ايوان صدر جي پريس ونگ موجب صدر ملڪ جي دفاع لاءِ جانيون ڏيندڙ جوانن جا

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت خاص ٻارن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي: مراد علي شاهه

وڏي وزير ٻارن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي آٽزم ۽ ٻين معذور ٻارن جي مرڪز جو دورو ڪيو

معذورن جي ڪاٽي جي سهڪار سان ڊفينس فيز 8 ۾ اجالا سينٽر جو قائم ڪرڻ جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ٻارن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي آٽزم ۽ ٻين معذور ٻارن جي مرڪز اجالا سينٽر جو دورو ڪيو ۽ سينٽر ۽ معذورن جي ڪاٽي جي سهڪار

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ عالمي دفاعي نمائش جاري، پاڪستان ۾ ٺاهيل خودڪش ڊرون ڌيان جو مرڪز بڻيل

خودڪش ڊرون 8 ڪلوميٽرن تائين پنهنجو هدف کي نشانو بڻائڻ جي صلاحيت رکي ٿو

دفاعي نمائش آئيڊياز 2024 ۾ روس ۽ ايران سميت 300 کان وڌيڪ پرڏيهي وفدن شرڪت ڪئي

شرڪت ڪندڙن پاران ايراني ڪروز، بيلسٽڪ ۽ ايئر ڊيفنس ميزائلن ۽ ريڊار سسٽم کي ساراهيو ويو

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) عالمي دفاعي نمائش آئيڊياز 2024 ۾ پهريون ڀيرو پاڪستان ۾ تيار ڪيل خودڪش ڊرون به ڌيان جو مرڪز بڻجي ويو تفصيل موجب ڪراچي ۾ جاري چار ڏينهن واري عالمي دفاعي نمائش ۾ پاڪستان سميت مختلف

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

باڪو: وزيراعظم جي ڪوآرڊينيٽر رومينا خورشيد سي ڊي آر ايف آءِ کي دستاويز ڏئي رهي آهي

پاڪستاني عوام دهشتگردن هٿان وڏو نقصان پوکيو آهي: آمريڪا

دهشتگردي روڪڻ لاءِ پاڪستاني قيادت سان ڳالهين لاءِ پرعزم آهيون

دهشتگردي خلاف سويلين ۽ فوجي صلاحيت وڌائڻ لاءِ صلاح مشورو جاري آهي

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي پرڏيهي کاتي جي ترجمان ميٿيو ملر پاڪستان ۾ ڪيل دهشتگرد حملن جي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

24نومبر تي اهو ڪنداسين جيڪو دهشتگردن خلاف ڪندا آهيون: عظميٰ بخاري

پي ٽي آءِ وٽ پلان اي، بي ۽ سي آهي ته رياست وٽ پوري اي بي سي آهي

علي امين گنڊاپور جيڪا ريلي اسلام آباد آندي انهي تي 81 ڪروڙ روپيه خرچ ٿيا

لاهور (م د) پنجاب جي اطلاعات واري وزير عظميٰ بخاري چيو آهي ته 24 نومبر تي اسان اهوئي ڪنداسين جيڪو

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

اسٽيل مل جي بحالي لاءِ قومي اسيمبلي جي اسٽينڊنگ ڪميٽي پهچي وئي

صنعت ۽ پيداوار بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي اڳواڻن پاران مختلف معاملن تي غور ويچار

روس اسٽيل مل جي بحالي لاءِ مڪمل تيار آهي هاڻ وفاقي حڪومت کي فيصلو ڪرڻو آهي: چيئرمين

بن قاسم (ن ع) پاڪستان اسٽيل مل جي بحالي ۽ ملازمن جي بحالي لاءِ قومي اسيمبلي جي اسٽينڊنگ ڪميٽي براءِ

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: قومي اسيمبلي جي صنعتن ۽ پيداوار جي اسٽينڊنگ ڪميٽي جي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

پاڪستان ۽ ايران جي لاڳاپن کي عوامي سطح تي تمام گهڻو مضبوط ڪيو آهي: گورنر

ايران سان واپار وڌائڻ پهرين ترجيح آهي، ان حوالي سان سفارتڪاري اهم هوندي

گورنر ڪامران ٽيسوري سان ايران جي سفير رضا اميري موگادم ملاقات ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سان ايران جي سفير رضا اميري موگادم گورنر هائوس ۾ ملاقات

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: هٿيار بند چورن جي فائرنگ ۾ حيدرآباد واسي پيرسن چوڪيدار قتل

سچل جي علائقي گلشن رومي ۾ ورڪشاپ مان چوري لاءِ آيل ڌاڙيلن فائرنگ ڪئي

گوليون لڳڻ سبب 60 ورهين جو چوڪيدار سيد انور شاهه پٽ وزير شاهه قتل ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي سچل

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

نيشنل بئنڪ، ون لنڪ ۽ ماسٽر ڪارڊ ۾ معاهدي تي صحيحون

ماسٽر ڪارڊ سان ڀائيواري صارفين کي محفوظ ۽ بهتر خدمتون فراهم ڪندي: رحمت علي حسني

ڪراچي(بيورو رپورٽ) ملڪ ۾ ڊيبٽ ڪارڊ

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

NBP
CO-BADGE SIGNING CEREMONY

ڪراچي: نيشنل بئنڪ، ون لنڪ ۽ ماسٽر ڪارڊ وچ ۾ ڏاهه تي صحيحن کان پوءِ ورتل گروپ فوٽو

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري طرفان وفاقي حڪومت سان ڳالهين لاءِ 9 رڪني ڪميٽي قائم

ڪميٽي ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جي وڏن وزيرن سميت راجا پرويز اشرف، نويد قمر ۽ شيري الرحمان پڻ شامل

پنجاب جي گورنر سردار سليم خان ۽ خيبرپختونخوا جو گورنر فيصل ڪنڊي کي به ڪميٽي ۾ شامل ڪيو ويو

جوڙيل ڪميٽي وفاقي حڪومت سان رابطو ڪري پ پ سان معاملا حل ڪرڻ بابت ڳالهيون ڪندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري وفاقي حڪومت سان معاملا حل ڪرڻ لاءِ 9 رڪني ڪميٽي جوڙي ڇڏي، تفصيل موجب

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

جانيون قربان ڪندڙ سيڪيورٽي اهلڪار قوم جا اصل هيرو آهن: گورنر ڪي پي ڪي پاران بنون حملي جي مذمت

پشاور (اي پي پي) خيبرپختونخوا جي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ جي فائنل 13 هين ڪال به مس ڪال ثابت ٿيندي: وفاقي وزير انجنيئر امير مقام

اسلام آباد (اي پي پي) ڪشمير ۽ گلگت

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: آءِ ٽي واري وفاقي وزير شزا فاطمه سان ٽڪ ٽاڪ جو وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

سعودي عرب، چين، ايران جو فلسطين ۽ لبنان ۾ جاري اسرائيلي حملا روڪڻ جو مطالبو

سعودي عرب جي نائب پرڏيهي وزير جي صدارت هيٺ بيجنگ ۾ ٽه ڌري ڪميٽي جو ٻيو اجلاس ٿيو

چين جي وفد جي سربراهي نائب پرڏيهي وزير ڊانگ لي، ايراني وفد جي قيادت ڊاڪٽر مجيد تخت روانچي ڪئي

سعودي عرب ۽ ايران پاران چين جي هاڪاري ڪردار جي تعريف ڪندي بيجنگ معاهدي جي اهميت کي اجاگر ڪيو ويو

رياض (اي پي پي) سعودي عرب جي نائب پرڏيهي وزير انجنيئر وليد عبدالڪريم الخريجي جي صدارت هيٺ گاڏي واري شهر ۾ بيجنگ معاهدي جي حوالي سان سعودي، چين ۽ ايران جي ٽه ڌري ڪميٽي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

سنڌ سرڪار اهڙا منصوبا آڻيندي جن سان نوجوان عزت ڀريو روزگار ڪري سگهن: شرجيل ميمڻ

شاگرد مستقبل جا هيروز آهن، سڄي دنيا ۾ نوجوان نسل نون آئيڊياز تحت نوان حل ڳولي رهيا آهن

پيپ حڪومت ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص، لاڙڪاڻي، سکر، شهيد بينظير آباد ۾ پيپلز بس سروس ڏني

ٿر جي ڪوئلي مان پهرين ڀيرو بجلي پيدا ڪرڻ جو سلسلو به پيپلز پارٽي شروع ڪيو آهي

سينيئر وزير اسرا يونيورسٽي حيدرآباد ۾ سول انجنيئرنگ سائنس جي نئين عمارت جو افتتاح ڪيو

ڪراچي (رپورٽ : مجيد عباسي) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته شاگرد اسان جي مستقبل جا هيروز آهن سموري دنيا ۾ نوجوان نسل نون آئيڊياز تحت نوان حل اڳيان اچي رهيا آهن، اسان

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

Transport Day

حيدرآباد: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ اسرا يونيورسٽي جو وي سي احمد ولي الله قاضي ٽرانسپورٽ ڊي تي شاگردن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهائي رهيا آهن

صوبائي وزير اطلاعات وزير عظميٰ بخاري هاءِ ڪورٽ ۾ ريڙهو لڳائيندڙ بيوه عورت کي 5 لک روپين جو چيڪ ڏئي ڇڏيو

لاهور (اي پي پي) پنجاب جي سنڌ سماء

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

اسرائيلي صدر کي ترڪي جون هوائي حدون استعمال ڪرڻ جي اجازت نه ڏني: صدر رجب طيب اردگان

انقره (اي پي پي) ترڪي جي صدر رجب

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

گهرو وزير جي اسلام آباد ۽ رياض کي جاڙا شهر قرار ڏيڻ جي تجويز، سعودي وزير اتفاق ڪري ورتو

پاڪستان مان سعودي پنڻ ويندڙ 4300 پيشو فقيرن جا نالا اي سي ايل ۾ شامل

سعودي عرب جو سفير نواف بن سعيد احمدالمالڪي ۽ وفاقي گهرو وزير ۾ ملاقات، ٻنطرفن لاڳاپن تي ڳالهيون

سعودي عرب اسان جو ڀائيسري ملڪ آهي ٻطرفي تعاون کي هٿي ڏيڻ جي لاءِ هر ممڪن تعاون ڪنداسين: وفاقي گهرو وزير

ولي عهد محمد بن سلمان جي قيادت ۾ سعودي عرب 2023 تائين معاشي، سماجي ۽ اقتصادي شعبن ۾ نمايان مقام حاصل ڪندو: محسن نقوي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي سان سعودي عرب جي نائب گهرو وزير ڊاڪٽر ناصر بن عبدالعزيزالداود جي ملاقات ٿي جنهن ۾ اسلام آباد ۽ رياض کي جاڙا شهر قرارڏيڻ جي تجويز ڏني وئي سعودي عرب جو سفير نواف بن سعيد احمدالمالڪي به انهي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پارلياماني سيڪريٽري دانش چوڌري پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

پاڪستان ۽ هانگ ڪانگ وچ ۾ سامونڊي تعاون نئين باب جي شروعات آهي: قيصر شيخ

معاهدي تحت ڪراچي پورٽ ۽ ٻين هنڌن تي وڏي پيماني تي سيڙپڪاري ۽ جديديت آندي ويندي

پاڪستان جي پورٽ انڊسٽري کي جديد ڪرڻ ۽ عالمي معيارن موجب اڳتي وڌايو ويندو

هي تعاون ملڪي معيشت کي نئين بلندين تي وٺي ويندو، بحري معاملن وارو وفاقي وزير

اسلام آباد (اسپيشل رپورٽر) بحري معاملن واري وفاقي وزير قيصر احمد شيخ چيو آهي ته پاڪستان ۽ بيجيسن پورٽ هانگ ڪانگ وچ ۾ سامونڊي تعاون هڪ نئين باب جي شروعات آهي. ميري ٽائم افيئرز

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

سپريم ڪورٽ سني اتحاد ڪونسل کي پارلياماني پارٽي قرار ڏيڻ جي درخواست رد ڪري ڇڏي

جسٽس امين الدين خان جي سربراهي ۾ سپريم ڪورٽ جي 7 رڪني آئيني بينچ درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

اوهان اسان کان غير آئيني ڪم ڇو ڪرائڻ چاهيو ٿا، اميدوارن جي مرضي آهي ته سياسي پارٽي ۾ شامل ٿين يا نه: جسٽس مندوخيل

اسان آئين ۽ قانون جا تابع آهيون: آئيني بينچ سائلين کي سپريم ڪورٽ تائين پهچڻ نه ڏيڻ بابت درخواست به رد ڪري ڇڏي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سپريم ڪورٽ جي آئيني بينچ سني اتحاد ڪونسل کي پارلياماني پارٽي قرار ڏيڻ خلاف درخواست تي رجسٽرار آفيس جا اعتراض برقرار رکندي داخل ڪيل درخواست

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

KHAIRPUR SUGAR

ڪراچي: گورنر ڪامران ٽسوري خيرپور شگر جونيئر اوپن اسڪواش چيمپيئن شپ ۾ شريڪ رانديگرن سان گڏ بيٺل آهي

ڪوئيٽا جي ٽڪ پي بي 45 جي 15 پولنگ اسٽيشنن تي ٻيهر ڳڻپ جو حڪم

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سپريم ڪورٽ بلوچستان جي ٽڪ پي بي 45 جي 15 پولنگ اسٽيشنن تي ٻيهر ڳڻپ جو

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

سنڌ هاءِ ڪورٽ گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي بابت هر ٿاڻي کي ڊجيٽل لاڳن جو رڪارڊ جوڙڻ جو حڪم

صوبي جي هر پوليس اسٽيشن ۾ گم ۽ ڊيجيٽل ڊيٽا بيز جو رڪارڊ ڊجيٽل نموني تيار ڪيو وڃي: عدالت

رڪارڊ سينٽرل پوليس آفيس سان ڳنڍيو وڃي ته جيئن پوليس ۽ شهري ڄاڻ فوري حاصل ڪري سگهن

عدالت شاهه لطيف جي علائقي مان گم ٿيل شهري بابت درخواست مئجسٽريٽ وٽ پيش ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ لاپتا ماڻهن کي بازياب ڪرائڻ بابت درخواستن تي هر پوليس اسٽيشن ۾ لاپتا

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ٻار ملڪ ۽ قوم جو قيمتي اثاثو آهن: سينيٽ چيئرمين

سندن مستقبل محفوظ بڻائڻ اسان جي پهرين ترجيح آهي

ٻارن تي تشدد ۽ جبري پورهيو روڪڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا پيا وڃن

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

لاهور: ڪوهيڙي کان بچڻ لاءِ شاگرديائيون ماسڪ پائي اسڪول وڃي رهيون آهن

سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سان ترڪي جي سفير جي ملاقات، اهم معاملن تي ڳالهيون

پارليامينٽ ميمبرن جي تربيت ۽ انهن جي قانون سازي جي مهارت وڌائڻ بابت اتفاق ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اسپيڪر سنڌ اسيمبلي اويس قادر شاهه سان ترڪي جي سفير ارفان نظير اوغلو سنڌ اسيمبلي ۾

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ پوليو مهم دوران ڪوتاهي ڪندڙ ڊي سيز، ايس ايس پيز ۽ ڊي ايڇ اوز کي هٽائڻ جو حڪم

وڏي وزير مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ پوليو جي خاتمي بابت اجلاس ۾ چيف سيڪريٽري ۽ ٻين جي شرڪت

لاڳاپيل آفيسرن جي عدم دلچسپي ۽ لڏپلاڻ سبب صوبي ۾ پوليو وائرس پکڙجي ويو آهي: آگاهي

ضلعي انتظاميا، پوليس ۽ ڊي ايڇ اوز ڪارڪردگي بهتر ڪن ٻي صورت ۾ برطرف ڪيو ويندو: وڏو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پوليو جو خاتمو يا گهر پيڙو ٿيو سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جو سخت فيصلو پوليو جي خاتمي بابت اجلاس جي صدارت ڪندي چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه کي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 مارجي ويا

ويا. سيڪيورٽي فورسز جي بهتر مزاحمت سبب خوارج چيڪ پوسٽ ۾ داخل نه ٿي سگهيا جنهن تي هنن بارود سان ڀريل هڪ گاڏي کي چيڪ پوسٽ جي ٻاهرين ڀت سان ٽڪرائي ڇڏي آپگهاتي ڌماڪي جي نتيجي ۾ ڀت جو هڪ حصو ڀٽ پئجي ويو ۽ چوڌاري جو انفرااسٽرڪچر به متاثر ٿيو آپگهاتي ڌماڪي ۾ 12 بهادر جوان شهيد ٿي ويا جن ۾ 10 سيڪيورٽي فورسز جا جوان ۽ 2 فرنٽيئر ڪانسٽيبلري جا 2 اهلڪار شامل آهن پاڪ فوج جي ترجمان موجب علائقي ۾ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي اهڙي عمل جي ذميوارن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پرعزم آهن اسان جي بهادر جوانن جون آهي

بقايا 2 وزيراعظم

فرزندن جون قربانيون ضايع وڃڻ نه ڏينداسين عوام جي جان ۽ مال کي خطري ۾ وجهندڙ دهشتگردن کي سخت قيمت ادا ڪرڻي پوندي. ڪالهه اربع ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان ۾ وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته بنون ضلعي جي علائقي ملي خيل ۾ سيڪيورٽي فورسز 6 دهشتگردن کي جهنم واصل ڪيو ۽ ان عمل ۾ پنهنجي جانين جا نذرانا پيش ڪيا. هن چيو ته ملڪ مان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين اسان جي دهشتگردن جي خلاف جنگ جاري رهندي. ضلعي بنون جي علائقي ملي خيل ۾ چيڪ پوسٽ تي دهشتگردن جي حملي ۾ شهيد ٿيندڙن ۾ صوبيدار عمران احمد فاروقي حوالدار محمد جاويد اقبال نائڪ طهماس نائڪ باسط فريد، سپاهي صفدر علي سپاهي اسد بشير سپاهي اعجاز حسين سپاهي عاطف خان سپاهي امان الله سپاهي شاهه زمان سپاهي حسيب الله ۽ عثمان شامل آهن

بقايا 3 سنگل ڏئي ڇڏيو

موجب، بئريسٽر گوهر ۽ علي امين گنڊاپور گذريل ڏينهن ڳالهين جو پروپوزل کڻي اڊيالا جيل پهتا هئا جتي پي ٽي آءِ باني پروپوزل ۾ شامل ڪجهه شين تي اعتراض واريو هو ذريعن جو چوڻ آهي ته پي ٽي آءِ باني ڳالهين جي پروپوزل تي وڌيڪ ڳالهه ٻولهه لاءِ وقت گهريو ڳالهيون اڳتي وڌائڻ لاءِ عمران خان پنهنجي اڳواڻن کي گرين سگنل ڏئي ڇڏيو آهي ذريعن موجب، اجوڪي ملاقات ۾ پي ٽي آءِ باني کي ڳالهين ۾ اڳڀرائي کان آگاهه ڪيو ويو جنهن تي هن اطمينان جو اظهار ڪيو ڳالهين وارو عمل شروعاتي مرحلي ۾ اتساهيندڙ آهي جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو ويو ۽ ڳالهين ۾ وڌيڪ اڳڀرائي ڪانپوءِ 24 نومبر واري احتجاج بابت فيصلو ڪيو ويندو

بقايا 4 درخواست

جي درخواست ڪري ڇڏي ذريعن موجب، پي ٽي آءِ باني ۽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان ڪالهه ٿيل ملاقات ۾ تحريڪ انصاف جي چيئرمين بئريسٽر گوهر ۽ خيبرپختونخوا جي وڏي وزير علي امين گنڊاپور کي ڳالهين ۾ اڳڀرائي ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو ذريعن جو چوڻ آهي ته بئريسٽر گوهر ۽ علي امين گنڊاپور 24 نومبر واري احتجاج جو سڏ واپس وٺڻ جي درخواست ڪئي بئريسٽر گوهر جو موقف هو ته احتجاج سبب ملڪي معيشت کي نقصان ٿيندو حڪومت سان ڳالهيون ڪرڻ گهرجن ذريعن جو چوڻ آهي ته بئريسٽر گوهر چيو ته جيترو ڪريڪ ڊائون ٿي رهيو آهي گهڻا ڪارڪن گڏ نه ڪري سگهنداسين ڪريڪ ڊائون ۽ ملڪ جي مفاد ۾ احتجاج جو سڏ واپس وٺڻ گهرجي بئريسٽر گوهر وڌيڪ چيو ته ٿڌ سبب ورڪرز کي ڌرڻي ۾ ويهارڻ ۾ مشڪل پيش اچي سگهي ٿي ذريعن موجب، بئريسٽر گوهر عاطف خان ۽ علي امين جي جهيڙي جي تفصيل بابت به عمران خان کي آگاهه ڪيو ذريعن جو چوڻ آهي ته اسٽيبلشمينٽ کي درخواست لاءِ علي امين گنڊاپور کي ٽاسڪ ڏنو ويو آهي جڏهن ته حڪومتي شخصيتن سان رابطن لاءِ بئريسٽر گوهر کي ٽاسڪ ڏنو ويو آهي

بقايا 5 اعلان

انتظام هو پاڻ ڪندا، صنعتي زونز لاءِ ون ونڊو سهولت فراهم ڪئي ويندي ته جيئن سيڙپڪارن کي ڪنهن قسم جي ڏکيائي کي منهن نه ڏيڻو پوي، زونز جي تعمير ۽ سهولتن جي فراهمي ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي اهڙو اظهار هن اربع ڏينهن ماڊل اسپيشل اڪنامڪ زونز (ايس اي زيز) لاءِ جاين جي نشاندهي ۽ چيني صنعتن جي پاڪستان منتقلي لاءِ پاليسي فريم ورڪ تي اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو اجلاس ۾ بورڊ آف انويسٽمينٽ جي عملدارن تفصيلي بريفنگ ڏني احسن اقبال اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته چين سان جي ٽو جي گڏيل تعاون ۾ وڌيڪ بهتري آڻڻ جي ضرورت آهي پاڪستان چيني صنعتن کي زمين فراهم ڪندو وفاقي وزير هدايت ڪئي سڀني کان بهترين ماڊل صنعتي زونز لاءِ دستياب زمين جي مقدار جو تعين ڪيو ويندو ۽ انهن زونز جي پرياسي ۾ بنيادي سهولتن جي دستيابي جو تفصيلي جائزو ورتو وڃي

بقايا 6 وڏو وزير

ملڪن جي سفيرن سان ملاقات ۾ وڏي وزير ترڪي ۽ سويڊن جي سفيرن کي سنڌ ۾ سيڙپڪاري جي آڇ ڪئي وڏي وزير سان ترڪي جي سفير عرفان نيذيروگلو ملاقات ڪئي، ملاقات ۾ ترڪ قونصل جنرل به شرڪت ڪئي وڏي وزير چيو ته پاڪستان جا ترڪي سان خصوصي لاڳاپا آهن ۽ اوهان پاڪستان کي پنهنجو گهر سمجهو ان موقعي تي ترڪ سفير چيو ته ترڪي جون وڏيون ڪمپنيون آئيڊيا ۾ شرڪت لاءِ آيون آهن جيڪو پاڪستان ترڪ عوام ۽ حڪومت لاءِ تمام ضروري آهي وڏي وزير چيو ته سنڌ اهم صوبو آهي جتي ڊيلٽون نديون، سمنڊ، جبل ۽ ريگستان آهن وڏي وزير ترڪ ڪمپنين کي توانائي، ڪول مائننگ ۽ ٻين منصوبن ۾ سيڙپڪاري جي دعوت ڏني ۽ ترڪي جي ڪمپنين سان پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت ڪم ڪرڻ جي آڇ ڪئي اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته وڏي وزير جو خاص صلاحڪار قاسم نويد ترڪ سفير سان رابطو ڪندو وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان سويڊن جي سفير مس اليگزينڊرا برگ ورن لنڊبي پڻ ملاقات ڪئي

بقايا 7 فلسطيني شهيد

ڪري ڇڏيو پرڏيهي نيوز مطابق جنين جي گورنر ڪمال ابو الرب جي حوالي سان ٻڌايو ته شهيد ٿيل ٽنهي فلسطينين جا لاش اسرائيلي فوج جي قبضي ۾ آهن ۽ اڃان تائين سندن وارثن حوالي ناهن ڪيا ويا. اٿارٽي جي صحت واري وزارت پڻ جنين جي علائقي قباطيه ويجهو اسرائيلي فوج جي فائرنگ سبب فلسطيني نوجوانن جي شهادت جي تصديق ڪئي آهي انهن فلسطينين جي عمر 24 کان 32 سالن جي وچ ۾ هئي صحت واري وزارت جو چوڻ آهي ته 7 آڪٽوبر 2023 ع کان هاڻي تائين اسرائيلي فوج اولهه ڪناري ۾ 771 فلسطينين کي شهيد ڪيو آهي

بقايا 8 يونيسيف

مهينن دوران 200 کان به وڌيڪ ٻار شهيد ٿي چڪا آهن العربيه موجب يونيسيف جي ترجمان جيمز ايلڊر جنيوا ۾ پنهنجي بيان ۾ چيو ته لبنان ۾ ٻن مهينن کان به گهٽ عرصي ۾ 200 کان به وڌيڪ ٻارن جي شهادت باوجود هڪ پريشان ڪندڙ رجحان اڀري رهيو آهي جيڪو ظاهر ڪري ٿو ته انهن شهادتن سان گڏ انهن ماڻهن پاران لاتعلقي جو سلوڪ ڪيو پيو وڃي اهي ان تشدد کي روڪڻ جي صلاحيت رکن ٿا. ٻئي پاسي لبنان جي صحت واري وزارت موجب اسرائيلي حملن ۾ هاڻي تائين 516،3 ڄڻا شهيد ٿي چڪا آهن

بقايا 9 فيصلو

معدنيات جي ترقي واري صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه جي صدارت ۾ رٿيل اجلاس ۾ ارلي چائلڊ ايجوڪيشن کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ ۽ فائونڊيشن لرننگ اينڊ نيومرسي کي پاليسي ڊرافٽ ۾ شامل ڪرڻ لاءِ صلاح مشورا ڪيا ويا، گڏجاڻي ۾ اسڪول ايجوڪيشن سيڪريٽري زاهد علي عباسي، آر ايس يو جي چيف پروگرام مئنيجر ڊاڪٽر جنيد سمون زندگي ٽرسٽ جي اڳواڻ شهزاد راءِ دوربين جي سي اي او سلمه نصاب جي چيف ايڊوائيزر ڊاڪٽر فوزيه، ايس ٽي اي ڊي اي (اسٽيڊا) جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر سيد رسول بخش شاهه ڊوليمينٽ ڪنسلٽنٽ پريم ساگر ۽ تعليمي محقق ڊاڪٽر فاطمه ڊار سميت ٻين شرڪت ڪئي اجلاس ۾ ڄاڻايو ويو ته سنڌ ۾ ارلي چائلڊ ايجوڪيشن پاليسي 2015 ۾ لاڳو ڪئي وئي، هن مهل 6 هزار اي سي اي ڪلاسز فعال آهن جتي 3 کان 8 سالن جي عمر جا 8 لک کان وڌيڪ ٻار ارلي چائلڊ ڪلاسز جو حصو آهن

بقايا 10 ملتوي

تي حملي سبب بيروت لاءِ اڏامن جي معطلي ۾ 31 ڊسمبر تائين واڌ ڪري ڇڏي گلف ٽوڊي موجب ايميريٽس ايئر عراق ۽ لبنان لاءِ اڏامن جي اپڊيٽس جاري ڪري ڇڏي آهي جنهن موجب عراق جي گادي واري هنڌ بغداد ويندڙ اڏامون 30 نومبر تائين جڏهن ته لبنان جي گادي واري هنڌ بيروت ويندڙ اڏامون 31 ڊسمبر تائين ملتوي ڪيون ويون آهن

بقايا 11 پابندي لاڳو

جي داخلا تي پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي چيف سٽي ٽريفڪ پوليس آفيسر عماره اطهر ٻڌايو ته ڪنهن به قسم جي هيوي ٽريفڪ لوڊر ٽريڪٽر ٽرالي کي شهرن ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت نه هوندي پابندي کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڊي ايس پي جي نگراني ۾ شهر جي 12 داخلي ۽ خارجي رستن تي پوليس مقرر ڪئي وئي آهي جاري ڪيل بيان ۾ عماره اطهر چيو ته هيوي ٽريفڪ خطرناڪ حد تائين دونهون ڇڏيندڙ ۽ فٽنس سرٽيفڪيٽ نه رکندڙ گاڏين کي اجازت نه هوندي ان پابندي کي 100 سيڪڙو يقيني بڻايو پيو وڃي ٽرانسپورٽر سموگ جي روڪٿام ۽ صحتمند آبهوا لاءِ حڪومتي حڪمن تي عمل ڪن

بقايا 12 زخمي

ٿي پيو شاهه لطيف ٽائون ٿاڻي جي حد صالح محمد ڳوٺ ۾ بيت الله باغ جي پرسان سرڪاري اسڪول جي پراڻي اوچتو ڀت ڪرڻ جي نتيجي ۾ ملبي جي هيٺان اچي نصير احمد ولد ولي محمد فوت ٿي ويو ۽ واحد بخش زخمي ٿي پيو آهي. فوت ٿي ويل شخص جو لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي عبدالله شاهه غازي جي مزار کان سي ويو ويندي روڊ حادثي ۾ ياسر رحمن ولد سيف الرحمن فوت ٿي ويو آهي. عزيز ڀٽي ٿاڻي جي حد ڊالميان شانتي نگر نيشنل سيمينٽ فيڪٽري جي پرسان گهر جي ڇت تان اوچتو ڪرڻ جي نتيجي ۾ ڪشن ولد راڄجي فوت ٿي ويو آهي

بقايا 13 پهچي ويو

ڪراچي کان حيدرآباد منتقلي شروع ٿي وئي، جهاز کي شاهراهه فيصل کان نيشنل هاءِ وي طرف روانو ڪيو ويو ٽرانسپورٽ ڪمپني جي ڊائريڪٽر ٻڌايو ته جهاز کي 128 ويلر ٽرالر جي مدد سان حيدرآباد منتقل ڪيو پيو وڃي جهانگير صديقي چيو ته پوئين جهاز جي مقابلي ۾ هي جهاز وڏو آهي، جهاز سڀاڻي رات تائين حيدرآباد پهچي ويندو ان کان اڳ ترجمان سي اي اي جو چوڻ هو ته 60 ٽن وزني ۽ 160 فٽ ڊگهو جهاز تربيتي مقصد لاءِ منتقل ڪيو ويندو اهو ايم ڊي 83 جهاز 25 ڊسمبر 2011 ع کان غير فعال آهي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر منير عالم جو چوڻ آهي ته جهاز کي ملير نيشنل هاءِ وي کان گهارو ۽ ٺٽي جي رستي حيدرآباد ۾ سول ايوي ايشن اٿارٽي جي ٽريننگ سينٽر منتقل ڪرڻو آهي ۽ ان حوالي سان لاڳاپيل اٿارٽيز کان اين او سيز حاصل ڪيون ويون آهن اختيارين موجب منتقلي کي آسان ڪرڻ جي لاءِ جهاز کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي ته جيئن سفر دوران ٽريفڪ متاثر نه ٿئي

بقايا 14 گهري ورتي

مسلم ليگ(ن) به پي اي سي جي سربراهي لاءِ پيپلز پارٽي جي حمايت جو اشارو ڏئي ڇڏيو رپورٽ موجب سينيٽر سليم مانڊوي والا قومي اسيمبلي جي اسپيڪر کي خط لکي ميمبرن جي ريڪوزيشن تي اجلاس گهرائڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو قومي اسيمبلي جي اسپيڪر اياز صادق طرفان اجلاس نه گهرائڻ جي صورت ۾ پيپلز پارٽي پاڻ اجلاس گهرائڻ جو اشارو ڏئي ڇڏيو آهي ذريعن موجب پي اي سي جي 11 ميمبرن ريڪوزيشن جمع ڪرائي رکي آهي، جيستائين مستقل چيئرمين نٿو بڻجي ڪميٽي جا ميمبر پاڻ پنهنجو چيئرمين اليڪشن ذريعي چونڊ ڪندا قومي اسيمبلي جي اسپيڪر پي اي سي جي سربراهي لاءِ تحريڪ کان ٻيهر ٽالن جو پينل گهري ورتو اڳوڻي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر انهي معاملي تي اسپيڪر اياز صادق سان ملاقات به ڪئي

بقايا 15 لاش هٿ

ٽائون ٿاڻي جي حد سرجاڻي ٽائون جي علائقي حسن بروهي ڳوٺ ۾ گهر جي اندران 25 کان 30 سالن جي عورت اقرا ڌي عاشق علي جو ڳلو ڪٽيل لاش مليو آهي پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي واري هنڌ پهچي مقتولا جو لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو آهي پوليس جو چوڻ آهي ته مقتولا کي سندس مڙس تيزدار ڇري جي وار سان ڪيس قتل ڪيو آهي پوليس مقتولا اقرا جي مڙس فيضان علي پٽ عبدالعزيز کي گرفتار ڪري ورتو آهي

بقايا 16 قتل

ٿاڻي جي حد سپر هاءِ وي جمالي پل وٽ واقع گلشن رومي اسڪيم 33 ۾ ورڪشاپ ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ 60 ورهين جو چوڪيدار سيد انور شاهه پٽ وزير شاهه قتل ٿي ويو تفصيل موجب مقتول جو تعلق حيدرآباد سان آهي ۽ هو 15 ڏينهن اڳ ڪراچي آيو هو فوتي جي مائٽ ظفر شاهه جو چوڻ آهي ته مان ۽ منهنجو مائٽ سيد انور شاهه ورڪشاپ جي ڇت تي ويٺا هئاسين ۽ اسان کي هيٺ لهڻ لاءِ چيو ويو ته جوابدار جو هڪ ساٿي ورڪشاپ جي ٻاهران لوڊر رڪشا سان موجود هو ظفر شاهه چيو ته اسان شور مچايو ته جوابدارن هيٺان فائرنگ ڪئي، گولي انور شاهه جي پيٽ ۾ لڳي ۽ هو فوت ٿي ويو واقعي بعد ملزم فرار ٿي ويا. ان جو چوڻ آهي ته اسان جي ڪنهن سان به دشمني ناهي شڪ آهي ته ملزم ورڪشاپ ۾ چوري جي ارادي سان آيا هئا. پوليس پاران واقعي جي جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا 17 گورنر

ڪئي ان موقعي تي قونصل جنرل حسن نوريان به موجود هو ان موقعي تي گورنر سنڌ چيو ته پاڪستان هميشه پنهنجي پاڙيسري ملڪ ايران سان لاڳاپن کي اوليت ڏني آهي هن وڌيڪ چيو ته مقدس هنڌن اڳ ٿي پاڪستان ۽ ايران جي لاڳاپن کي عوامي سطح تي تمام گهڻو مضبوط ڪيو آهي هن چيو ته پاڪستان ايران سان ٻطرفن لاڳاپن مان ڀرپور فائدو حاصل ڪرڻ چاهي ٿو ڪامران خان ٽيسوري چيو ته ايران سان واپار وڌائڻ اولين ترجيح آهي ان حوالي سان سفارتڪاري اهم هوندي ايراني سفير چيو ته هو پاڪستان کي معيشت ۽ دفاع جي حوالي سان مضبوط ڏسڻ چاهين ٿا ايراني سفير قائداعظم جي تاريخي ڪمري جو دورو ڪيو ۽ جهنڊو به ڦڙڪايو. هن ٻوٽو پڻ پوکيو گورنر هائوس ۾ رکيل مهمانن جي ڪتاب ۾ پنهنجا تاثرات پڻ لکيا.

بقايا 18 پهچي وئي

صنعت ۽ پيداوار جو چيئرمين حفيظ الدين، ڊاڪٽر مهرين ڀٽو، ڊاڪٽر مهيش ملاڻي، ناز بلوچ، ايم اين اي عبدالحڪيم بلوچ، ايم اين اي نفيسه شاهه ۽ ٻيا پاڪستان اسٽيل مل پهچي ويا، ٻهرين ويهڪ ۾ ميمبرن ۽ مل انتظاميه جي وچ ۾ مل جي بحالي ۽ پاڻي، بجلي، گئس جي سهولتن جي بحالي بابت ڳالهه ٻولهه ٿي، ڪميٽي کي ٻڌايو ويو ته پاڪستان اسٽيل مل جي بحالي لاءِ وفاقي حڪومت روس سان 5 ويهڪون ڪري چڪي آهي ۽ روس اسٽيل مل جي بحالي لاءِ مڪمل تيار آهي هاڻي وفاقي حڪومت کي فيصلو ڪرڻو آهي ته مل جي بحالي جو ڪم ڪڏهن ٿي شروع ڪرائي، اسٽينڊنگ ڪميٽي سي اي او پاڪستان اسٽيل اسد اسلام ماڻي کي پابندي ڪيو ته هو پاڪستان اسٽيل مل جي اڪائونٽ جا سمورا تفصيلات جلد مهيا ڪري، ميمبر قومي اسيمبلي ناز بلوچ مل انتظاميه تي ملازمن جي طبي اسپتال 100 بيڊ ۽ تعليمي ادارا جيڪي ملازمن جي ٻارن جي لاءِ مخصوص ٿيل هئا تنهن جي بندش پڻ سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيس ان موقعي تي قومي اسيمبلي جي ميمبر آغا رفيع الله پاڪستان اسٽيل مل جي انتظاميه کي پابند ڪيو ته هو پورهيت جي گهٽ ۾ گهٽ اجرت 37 هزار ڏيڻ جي پابند آهي، اسٽيل ٽائون جي گئس بندش ۽ ملازمن سان لاڳاپيل مسئلن جي ٻي ويهڪ ٿي جنهن ۾ ڏٺي بخش سمون، اڪبر ميمڻ، مرزا طارق بيگ، قدوس شيخ، رائو ذوالفقار اسٽيڪ هولڊر ۽ اسٽيل ۾ رجسٽر يونين جي نمائندن ياسين جامڙو، حيدر گبول، اڪبر ناريجو اظهار الحسن، ناصر ڀٽي، نويد آفتاب ۽ ٻيا پڻ شامل هئا جن جبري برطرفين، رٽائرڊ ملازمن جون رهڻون ۽ ملازمن جي بحالي سميت اسٽيل ٽائون جي گئس، بجلي ۽ پاڻي جي مسئلن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي.

بقايا 19 عظميٰ بخاري

دهشتگردن جي خلاف ڪندا آهيون لاهور هاءِ ڪورٽ جي ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي عظميٰ بخاري چيو ته پي ٽي آءِ وٽ پلان اي، بي ۽ سي آهي ته رياست وٽ پوري آئي بي سي آهي 24 نومبر تي اسان اهوئي ڪنداسين جيڪو هميشه دهشتگردن جي خلاف ڪندا آيا آهيون هن چيو ته علي امين گنڊاپور جيڪا ريلي اسلام آباد آندي انهي تي 81 ڪروڙ روپيه خرچ ٿيا، ايم پي ايز ۽ ايم اين ايز کي فساد ڪرڻ جي لاءِ 4-4 لک روپيه ڏنا پيا وڃن عظميٰ بخاري وڌيڪ چيو ته جعلي وڊيو ڪيس ۾ پي ٽي آءِ جي پروپيگنڊا سيل جا ماڻهو ملوث آهن دعا آهي ته ڪيس ۾ جلد کان جلد انصاف ملي سگهي

بقايا 20 آمريڪا

مذمت ڪندي چيو آهي ته پاڪستاني عوام خلاف دهشتگردن جا خوفناڪ حملا جاري آهن پاڪستاني عوام دهشتگردن هٿان وڏو نقصان پوڳيو آهي آمريڪي پرڏيهي کاتي جي ترجمان ميٿيو ملر چيو ته دهشتگردي سبب متاثر ٿيل خاندانن سان همدردي آهي. دهشتگردي روڪڻ لاءِ پاڪستاني قيادت سان ڳالهين لاءِ پرعزم آهيون آمريڪي پرڏيهي ترجمان جو چوڻ هو ته دهشتگردي خلاف سويلين ۽ فوجي صلاحيت وڌائڻ لاءِ صلاح مشورو جاري آهي

بقايا 21 مرڪز بڻيل

ملڪن جون دفاعي مصنوعات سامان جي نمائش جاري آهي نمائش ۾ پهريون پيرو رکيل واهه فيڪٽري پاران پيش ڪيل پهريون پيرو خود ڪش ڊرون ڌيان جو مرڪز هو خودڪش ڊرون 8 ڪلوميٽرن تائين پنهنجو هدف کي نشانو بڻائڻ جي صلاحيت رکي ٿو جڏهن ته واهه فيڪٽري پاران تيار ڪيل ٻيو ڊرون 20 ڪلوميٽرن جي رينج تائين نگراني ۽ بارودي مواد کڻي وڃڻ جي صلاحيت رکي ٿو. نيسٽيپ به دفاعي ڊرون سان گڏ هارين جي لاءِ زمين جي معلومات جي لاءِ ڊرونز ٽيڪنالاجي سان وڌيڪ منصوبا تيار ڪري ورتو آهي ايئر وائيس مارشل لياقت الله اقبال چيو ته نيشنل ايرواسپيس سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي پارڪ دفاعي ڊرونز کان علاوه هارين کي زرعي شعبي لاءِ زمين ۽ فصلن جي معلومات فراهم ڪرڻ جو منصوبو مڪمل ڪيو آهي

بقايا 22 مراد علي شاهه

سان ڊفينس فيز 8 ۾ اجالا 2 قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو مراد علي شاهه يقين ڏياريو ته سنڌ حڪومت خاص ٻارن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي ته جيئن هڪ جامع سماج جو قيام ممڪن ٿي سگهي وڏي وزير چيو ته جامع سنڌ، خوشحال سنڌ، برابري جا موقعا هر ٻار جو حق آهن وڏي وزير سان معذورن واري کاتي جو سيڪريٽري طحه فاروقي به ساڻس گڏ هو. اجالا سينٽر جي چيئرمين ذڪريا گونڊل ۽ سي اي او حماد اسلم وڏي وزير جو استقبال ڪيو وڏي وزير اجالا سينٽر جي دوري دوران ڪلفٽن ۾ اسپيشل ٻارن لاءِ الڳ پارڪ ٺاهڻ جو اعلان ڪيو وڏي وزير مراد علي شاهه اربع ڏينهن ڪراچي ۾ اجالا سينٽر جو دورو ڪيو سينٽر ۾ موجود سهولتن جو جائزو ورتو انتظاميا سان ملاقات ۾ خاص ٻارن خاص ڪري آٽزم ۾ مبتلا ٻارن جي مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي دوري دوران وڏي وزير کي اجالا 2 سي آرٽس پروجيڪٽ بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي ۽ ٻڌايو ويو ته منصوبي جو مقصد آٽزم ۾ مبتلا ٻارن جي مدد ڪرڻ آهي سينٽر کي اميد آهي ته ٻارن کي خاص تعليم ۽ علاج جون خدمتون مهيا ڪرڻ ۾ اهم ترقي ڪري اجالا 2 پروجيڪٽ ڊفينس فيز 8 ۾ 400 اسڪوائر گز تي اجالا جي سربراهه يعقوب ذڪريا ۽ صوبائي ڊپارٽمينٽ آف ڊس ايبلڊ پرسن جي سهڪار سان قائم ڪيو ويندو

بقايا 23 صدر

نذرانا پيش ڪندڙ پاڪ فوج جي جوانن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته سڄي قوم ملڪ جي سلامتي لاءِ شهادت ماڻيندڙن کي سلام پيش ڪري ٿي صدر دهشتگردي جي لعنت جي مڪمل خاتمي جي عزم جو ورجاءُ ڪيو هن دهشتگردي جي واقعي ۾ شهادت ماڻيندڙ جوانن جي درجن جي بلندي لاءِ دعا ڪئي صدر شهيدن جي پونئيرن سان افسوس جو اظهار ڪندي انهن جي لاءِ صبر جي دعا پڻ ڪئي

بقايا 24 حڪم

پراسيڪيوٽر عمر مجيد ملڪ ۽ ذوالفقار عباس نقوي عدالت ۾ پيش ٿيا ڊگهي ٻڌڻي کان پوءِ عدالت عمران خان جي 10 لک روپين جي مچلڪن عيوض ضمانت منظور ڪئي ٻڌڻي دوران ايف آءِ اي پراسيڪيوٽر چيو ته عدالت جيڪو به فيصلو ڪري پر ميڊيا ۾ پهريان ئي ضمانت ٿي ويندي جنهن تي جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب چيو ته ميڊيا کي پاڻ کان آجو ڪريو عدالت وڪيل صفائي کان پڇاڻو ڪيو ته هن جيولري سيٽ جو اندازو ڪيئن لڳايو؟ بيرسٽر سلمان صفدر چيو ته اهو ته عدالت ۾ استغاثه ٻڌائيندو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پڇيو ته چالان ۾ رسيد بشريٰ بي بي جي آهي يا عمران خان جي؟ جنهن تي بيرسٽر سلمان صفدر چيو ته چالان ۾ رسيد تي بشريٰ بي بي جو نالو آهي بيرسٽر سلمان صفدر چيو ته الزام آهي ته پي ٽي آءِ باني ذاتي مفاد لاءِ پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪيو هن چالان ۾ اهو واضح ناهي ته مرڪزي جوابدار ڪير آهي توشه خانه نيب ڪيس ۾ عمران خان کي 14 سالن جي سزا ٿي آهي عدالت پڇيو ته اسلام آباد پوليس ڪهڙو ڪيس داخل ڪيو آهي؟ بيرسٽر سلمان صفدر ٻڌايو ته ڪوهسار ٿاڻي جي پوليس جعلي رسيدن جو ڪيس داخل ڪيو آهي انهي ۾ ڏوهه واضح نه ٿيو ته ڪيس وڌيڪ انڪوائري ۽ ضمانت جو ٿئي ٿو. جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب ريمارڪس ڏيندي چيو ته گذريل حڪومت توشه خانه جا تفصيل نه ٻڌايا هئا، اسان پڇندا هئاسين ته توشه خانه جا تفصيل لڪايا ويندا هئا. پي ٽي آءِ باني جي وڪيل دليل مڪمل ڪندي چيو ته ايريز صهيب عباسي چوي ٿو ته مون کي پي ٽي آءِ باني ٽريٽ ڪيو جڏهن ته عمران خان ۽ بشريٰ بي بي جي ته ملاقات ئي صهيب عباسي سان نه ٿي آهي. ڪسٽم جي ٽنهي آفيسرن پنهنجي بيان ۾ چيو ته اسان جي مٿان ڪوبه دٻاءُ نه هو ته پوءِ انهن صحيح قيمت ڇو نه لڳائي؟ ايف آءِ اي پراسيڪيوٽر چيو ته بلغاري سيٽ توشه خاني ۾ جمع ئي ناهي ڪرايو ويو رياست جي تحفي جي گهٽ قيمت لڳرائي رياست کي نقصان پهچايو ويو پي ٽي آءِ باني ۽ ان جي گهر واري ٻنهي جڻن فائدو کنيو آهي

بقايا 25 ڪميٽي قائم

اڳوڻي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو وفاقي حڪومت سان معاملا اٿارڻ لاءِ ڪميٽي جوڙي ڇڏي آهي 9 رڪني ڪميٽي ۾ راجا پرويز اشرف، نويد قمر ۽ شيري الرحمان شامل آهي ان کانسواءِ ڪميٽي ۾ سنڌ جو وڏو وزير ۽ بلوچستان جو وڏو وزير به شامل آهي پنجاب جو گورنر سردار سليم خان ۽ خيبرپختونخوا جو گورنر فيصل ڪنڊي به هن ڪميٽي جو حصو آهي هي ڪميٽي وفاقي حڪومت سان رابطي ۾ رهندي، مسئلن کي اجاگر ڪندي، جڏهن ته ڪميٽي پنهنجي رپورٽ ايندڙ مهيني ٿيندڙ سينٽرل ڪميٽي ايگزيڪيوٽو اجلاس ۾ پيش ڪندي

بقايا 26 مذمت

گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي بنون جي علائقي ملي خيل ۾ پاڪ فوج ۽ فرنٽيئر ڪور جي گڏيل چيڪ پوسٽ تي خوارجين جي آپگهاتي حملي جي شديد مذمت ڪئي آهي هن 12 سيڪيورٽي اهلڪارن جي شهادت تي سندن وارثن سان تعزيت جو اظهار پڻ ڪيو ۽ شهيدن جي درجن جي بلندي ۽ سوڳوار خاندانن لاءِ صبر جي دعا ڪئي آهي هن چيو ته هو سوڳوار خاندانن جي ڏک ۾ برابر جو شريڪ آهي، ملڪ ۽ قوم خاطر پنهنجيون جانيون قربان ڪندڙ سيڪيورٽي اهلڪار قوم جا اصل هيرو آهن

بقايا 27 انجنيئر امير مقام

بلتستان معاملن بابت وفاقي وزير انجنيئر امير مقام چيو آهي ته پي ٽي آءِ جي فائنل 13 هين ڪال به مس ڪال ثابت ٿيندي، وزيراعليٰ علي امين وفاق تي حملو ڪري توانائيون ضايع ڪرڻ بدران صوبي ۾ دهشتگردي جي وڌندڙ واقعن تي ڌيان ڏئي پي ٽي آءِ جي 24 نومبر جي احتجاجي ڪال تي پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته علي امين عمران خان جو خودڪش بمبار نه بڻجي، عمران خان گهرواري ۽ ڀيڻ کي پارٽي حوالي ڪري انقلاب کڻي آيو آهي، عمران خان اهو ئي ڪيو جنهن خلاف هو ڳالهيون ڪندو هو امير مقام چيو ته هڪ ٻي 9 مئي جي سازش سان عمران خان کي ڪجهه حاصل نه ٿيندو سياست ۾ دهشتگردي جو انجام به دهشتگردن وارو ٿيندو دهشتگردي خلاف پوري قوم 2014 ع ۾ متفق ٿي چڪي آهي جنهن ۾ پي ٽي آءِ به شامل آهي هن چيو ته سياست ۾ سياسي مطالبا هوندا آهن سياسي قوتن سان ڳالهين نه ڪري عمران خان ثابت ڪيو ته ڪيس سياسي سمجهه ئي ناهي نه ئي سياسي جدوجهد تي ان جو يقين آهي، هميشه سياسي قوتن ئي لچڪ ڏيکاريندي آهن امير مقام چيو ته قانون هٿ ۾ کڻندا ته قانون حرڪت ۾ ايندو عمران خان بي گناهه ماڻهن کي قرباني جو ٻڪرو نه بڻائي

بقايا 28 مطالبو

جو ٻيو اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ گڏيل طور تي فلسطين ۽ لبنان ۾ جاري اسرائيلي جارحيت جي مذمت ڪندي ان کي فوري طور تي روڪڻ جو مطالبو ڪيو ويو ميڊيا رپورٽن موجب اجلاس ۾ چين جي وفد جي سربراهي نائب پرڏيهي وزير دانگ لي جڏهن ته ايراني وفد جي قيادت ڊاڪٽر مجيد تخت روانچي ڪئي اجلاس ۾ سعودي عرب ۽ ايران بيجنگ معاهدي جي سمورن شقن تي عملدرآمد ڪرڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو جن ۾ گڏيل قومن ۽ اسلامي سهڪار تنظيم جي چارٽر موجب رياستي خودمختياري، گڏيل احترام ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ لاڳاپن کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري رکڻ جو يقين ڏياريو ويو

بقايا 29 شرجيل ميمڻ

کي به گهرجي ته پنهنجي نوجوان نسل جي حوصلا افزائي ڪيون ته جيئن اسان جا نوجوان اڳتي وڌي ملڪ ۽ قوم جو نالو روشن ڪن اهڙن خيالن جو اظهار سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ اسراءِ يونيورسٽي حيدرآباد ۾ فيڪلٽي آف سول انجنيئرنگ سائنس جي نئين تعمير ٿيل عمارت جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته اسراءِ يونيورسٽي حيدرآباد سٺو ڪم ڪري رهي آهي مون شاگردن جا اسٽال ڏٺا، اسان جا شاگرد سٺو ڪم ڪري رهيا آهن اسان کي پنهنجي نوجوانن جي حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي هن چيو ته سنڌ سرڪار پاڪستان ۾ پهرئين پيري هوا سان بجلي پيدا ڪري رهي آهي، ٿر جي ڪوئلي مان پهرين پيري بجلي پيدا ڪرڻ جو سلسلو به پيپلز پارٽي شروع ڪيس شهيد بي بي ٿر ڪول منصوبو شروع ڪيس سندس حڪومت جي خاتمي بعد جيڪا بي حڪومت آئي ان ٿرڪول منصوبو بند ڪري ڇڏيو 2008 ۾ صدر آصف علي زرداري صدر بڻيو ته ان ٿرڪول منصوبو ٻيهر شروع ڪرايو اڄ ٿرپارڪر جي ڪوئلي مان هزارين ميگا واٽ بجلي پيدا ٿي رهي آهي، معاشري ماهرن به اڄ اعتراف ڪن ٿا ته سستي بجلي ٿر جي ڪوئلي مان ئي پيدا ٿي سگهي ٿي، سنڌ سرڪار پوري پاڪستان کي اهو تحفو ڏنو ٿر جي ڪوئلي مان سستي بجلي ملي رهي آهي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پاڪستان ۾ تمام گهڻا موقعا موجود آهن اسان جو نوجوان نسل صلاحيتون رکندڙ آهن اسان کي قومي طور پنهنجي پيرن تي بيهڻو پوندو ته جيئن اسان کي مدد لاءِ ڪنهن ڏانهن ڏسڻو نه پوي، نوجوان مايوس نه ٿين اسان سڀ گڏجي هڪ مضبوط پاڪستان ۽ قوم جوڙي بڻائي سگهون ٿا هن چيو ته سنڌ سرڪار ڪيترن ئي موقعن تي ڪم ڪري رهي آهي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري نوجوانن لاءِ ڪيترن ئي منصوبن تي ڪم ڪري رهيو آهي بي آءِ ايس پي تحت ماڻهن کي هنر سيکاريا ويا، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ سنڌ سرڪار اهڙا منصوبا آڻيندي جن سان اسان جو نوجوان عزت ڀريو روزگار ڪري سگهن سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ سرڪار ٽرانسپورٽ جي شعبي ۾ تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي، ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص لاڙڪاڻي، سکر شهيد بينظير آباد ۾ پيپلز بس سروس ڏني وئي آهي، پاڪستان ۾ پهرين اي وي بس ۽ عورتن لاءِ مخصوص پنڪ بس سروس پيپلز پارٽي جي سنڌ سرڪار شروع ڪئي، ڪراچي ۾ يلو لائين ۽ ريڊ لائين بي آر ٽي ڪم هلي رهيو آهي، اسان جي ڪوشش هوندي ته حيدرآباد کي به بي آر ٽي ڏني وڃي هن چيو ته اسان جي ڪوشش هوندي ته ڊبل ڊيڪر بسون اسان جي صوبي ۾ شروع ٿين چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ اسان جي اها به ڪوشش آهي ته سنڌ جي سمورن شهرن ۾ پيپلز بس سروس شروع ٿئي نوجوانن کي روزگار ڏيڻ لاءِ اي وي ٽيڪسيز جو سلسلو شروع ڪرڻ وڃي رهيا آهيون اسان جي ڪوشش هوندي ته نوجوانن کي آسان قسطن تي اي وي ٽيڪسيز ڏيون ته جيئن اهي عزت ڀريو روزگار ڪري سگهن سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اسان کي هر شعبي تي ڌيان ڏيڻو پوندو ملڪ جا سمورا کاتا ٺيڪ ڪم ڪن ته ڪيترائي مسئلا حل ٿي سگهن ٿا، شاگردن جي انرولمينٽ وڌائڻ جي سلسلي ۾ سنڌ سرڪار پاران وفاق سان ڳالهائيندس تقريب جي موقعي تي ميڊيا جي سوالن جا جواب ڏيندي، وي پي اين بابت سوال جي جواب ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته هر شئي جو سٺو ۽ برو استعمال ٿيندو آهي اسان کي پنهنجي نئين نسل کي اي آءِ سميت جديد ٽيڪنالوجيز ڏيڻ گهرجن ۾ هڪ شخص جي ڪوشش آهي ته نوجوانن کي گارگند سيکاري وڃي ڪجهه بيمار ذهن پنهنجن ڪڌن مقصدن لاءِ اسان جي نوجوانن کي گمراهه ڪيس نوجوانن کي چوندس ته اهڙيون شيون ملڪ ۽ ملڪي ادارن خلاف استعمال نه ڪن اختلاف راءِ سڀني جو حق آهي پر احتجاج جو مقصد اهو ناهي ته پارليامينٽ، ريڊيو پاڪستان ۽ پي ٽي وي تي حملا ڪيا وڃن احتجاج اخلاق جي دائري ۾ ڪيو وڃي، قائد اعظم جي گهر ۾ گهڙي ڀڃ ڊاهه ڪرڻ احتجاج جو طريقو ناهي، جن نوجوان نسل کي تشدد سيکاريو انهن کي چوڻ ٿو چاهيان ته سڀاڻي اهي نوجوان اوهان جي خلاف به استعمال ٿي سگهن ٿا هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪراچي ۾ جيترا به غير قانوني بس اڏا هئا اهي ختم ڪيا ويا آهن حيدرآباد سميت سنڌ جي ٻين شهرن ۾ به غير قانوني بس اڏا مرحليوار بند ڪيا ويندا، ٽرانسپورٽ کاتي جي زمينن تي قبضا به ختم ڪرائڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي، حيدرآباد ۾ ٽرانسپورٽ کاتي جي زمينن تي ڪجهه سرڪاري کاتن جا قبضا آهن جن کي نوٽيس موڪليا ويا آهن هڪ سوال جي جواب ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته حيدرآباد ۾ پيپلز بس سروس جون محدود بسون شروع ڪيون ويون آهن

بقايا 30 ڏئي ڇڏيو

واري وزير عظميٰ بخاري اربع ڏينهن لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ ٻڌڻي جي موقعي تي هاءِ ڪورٽ ۾ ريڙهو لڳائيندڙ بيوه عورت کي پنج لک روپين جو امدادي چيڪ ڏئي ڇڏيو هاءِ ڪورٽ جي پڌر ۾ عورت ڪيترن سالن کان ريڙهو لڳائي شيون وڪرو ڪندي آهي پنجاب جي سڌسماءُ واري وزير جي ان قدم کي موقعي تي موجود وڪيلن ۽ اتي موجود ماڻهن ساراهيو آهي

بقايا 31 رجب طيب

طيب اردگان چيو آهي ته هن اسرائيلي صدر کي آذربائيجان ۾ منعقد ڪلائميٽ ايڪشن سربراهي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ پنهنجون هوائي حدون استعمال ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ميڊيا رپورٽن موجب صدر رجب طيب اردگان برازيل ۾ جي 20 سمٽ دوران صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسان اسرائيلي صدر کي ڪوپ سربراهه اجلاس ۾ شرڪت لاءِ پنهنجون هوائي حدون استعمال ڪرڻ جي اجازت نه ڏني

بقايا 32 شامل

موقعي تي موجود هو ملاقات ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن ۽ پاڪ سعودي لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ تي ڳالهيون ڪيون ويون. جڏهن ته پيرا ملٽري فورسز ۽ پوليس جي گڏيل تعاون ۽ گڏيل ٽريننگ جي معاملن تي به ڳالهيون ٿيون گهرو وزير جي اسلام آباد ۽ رياض کي جاڙا شهر قرار ڏيڻ جي تجويز تي سعودي وزير اتفاق ڪيو ملاقات ۾ فيصلو ڪيو ويو ته انهي حوالي سان وڌيڪ ضروري قدم کنيا ويندا. ملاقات ۾ پاڪستان مان فقيرن کي سعودي عرب اماڻيندڙ مافيا جي نگراني ۽ قيدين جي ڏي وٺ جي معاهدي تي عمل ڪرڻ تي اتفاق ٿيو سعودي عرب مان 419 پاڪستاني قيدين جي ملڪ واپسي جي لاءِ قانوني ڪارروائي جلد مڪمل ڪئي ويندي، محسن نقوي چيو ته سعودي عرب اسان جو پاڙيسري ملڪ آهي ٻطرفي تعاون کي هٿي ڏيڻ جي لاءِ هر ممڪن تعاون ڪنداسين سعودي شهرين جي لاءِ پاڪستان اچڻ تي ڪابه ويزا نه آهي جڏهن چاهين اچي سگهن ٿا. گهرو وزير چيو ته 4300 فقيرن جا نالا اي سي ايل ۾ شامل ڪيا ويا آهن سعودي عرب ويندڙ فقيرن جي خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي تي عمل ڪيو ويو آهي ۽ اهڙن فقيرن جي پوئيواري ڪندڙ مافيا جي خلاف سڄي ملڪ ۾ موثر ڪريڪ ڊائون ڪيو پيو وڃي

بقايا 33 قيصر شيخ

۽ بيجيسن پورٽ جي وچ ۾ ٿيل موجوده معاهدي تحت ڪراچي پورٽ ۽ ٻين هنڌن تي وڏي پيماني تي سيڙپڪاري ۽ جديديت آندو پيو وڃي جيڪو بندرگاهه جي شعبي ۾ انقلاب جو اڳوٽو اڳيرو آهي سمنڊري معاملن واري وفاقي وزير قيصر احمد شيخ بيجيسن پورٽ هانگ ڪانگ جو اهم دورو ڪيس جنهن جو مقصد پاڪستان جي پورٽ انڊسٽري کي جديد خطوط تي استوار ڪرڻ ۽ ان کي عالمي معيارن موجب اڳتي وڌائڻ آهي

بقايا 34 درخواست رد

کي رد ڪري ڇڏيو جسٽس امين الدين خان جي سربراهي ۾ 7 رڪني آئيني بينچ درخواست تي ٻڌڻي ڪئي مولوي اقبال حيدر چيو ته منهنجي طرفان درخواست وقت تي داخل ڪئي وئي هئي. هاڻ نظرثاني ڪيس ٻڌڻي هيٺ آهي، چاهيان ٿو ته ڪنهن به ڪيس ۾ هن معاملي کي به ڏٺو وڃي. جسٽس جمال خان مندوخيل چيو ته اوهان اسان کان غير آئيني ڪم جو ڪرائڻ چاهيو ٿا، اميدوارن جي مرضي آهي سياسي پارٽي ۾ شامل ٿين يا نه ٿين آئيني بينچ جي سربراهه جسٽس امين الدين خان ريمارڪس ڏنا ته مولوي اقبال صاحب اوهان ٻيهر انهي طرف وڃي رهيا آهيو جنهن جي ڪري پابندي لڳي هئي جنهن کان پوءِ عدالت درخواست تي رجسٽرار آفيس جا اعتراض برقرار رکندي درخواست کي رد ڪري ڇڏيو آئيني بينچ سائلين کي سپريم ڪورٽ تائين پهچڻ ۾ ملڻ بابت درخواست به رد ڪري ڇڏي ٻڌڻي دوران درخواستگذار جي وڪيل چيو ته 90 سيڪڙو سائلين کي سپريم ڪورٽ تائين پهچ ئي نٿي ملي جسٽس جمال خان مندوخيل ريمارڪس ڏنا ته اسان اوهان کي سڌو سنئون ٻڌي رهيا آهيون انهي کان وڌيڪ ٻئي ڪهڙي پهچ گهرجي، اوهان ته پنهنجي ئي اداري کي تباهه ڪري رهيا آهيو

بقايا 35 حڪم

فيصلو ٻڌائي ڇڏيو سپريم ڪورٽ ۾ علي محمد جتڪ جي ڪوئٽا جي تڪ پي بي 45 جي 15 پولنگ اسٽيشنن تي ٻيهر چونڊ جي فيصلي خلاف اپيل جي ٻڌڻي ٿي جسٽس عقيل عباسي وڪيل شهزاد شوڪت کان پڇائو ڪيو ته هن ڪيس ۾ الزام فارم 45 ۽ 47 ۾ تضاد جو آهي فارم 45 ۽ فارم 47 جو فرق به ڏسي وٺو رڪارڊ مان تضاد واضح نظر اچي رهيو آهي. حيران ڪندڙ جي طور تي فارم 45 بابت الزام ٻنهي طرفن کان آيا آهن جسٽس عرفان سعادت چيو ته وڪيل صاحب سنگين الزام آهن سيل ٽٽل آهن هڪ رات اڳ بيلٽ پيپر غائب ڪيا ويا،

بقايا 36 حڪم

۽ نامعلوم لاشن جو رڪارڊ اپڊيٽ ڪرڻ جي هدايت ڪندي اهم حڪم جاري ڪري ڇڏيا. گهرو سيڪريٽري ۽ آئي جي سنڌ عدالت حڪمن تي عمل ڪن صوبي جي هر پوليس اسٽيشن ۾ گم ۽ اڻڄاتل ڊيڊ باڊيز جو رڪارڊ ڊجيٽل نمونو تيار ڪيو وڃي، عدالت هدايت ڪئي ته رڪارڊ سينٽرل پوليس آفيس سان ڳنڍيو وڃي ته جيئن پوليس آفيشل ۽ شهري جاڻ فوري حاصل ڪري سگهن عدالت شاهه لطيف جي علائقي مان لاپتا شهري جي بازيابي جي درخواست اڪلائي ڇڏي عدالت ڪيس جي جاچ آفيسر کي رپورٽ لاڳاپيل مئجسٽريٽ وٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي، عدالت حڪم ڏنو ته جوڊيشل مئجسٽريٽ لاپتا شهري کي حفاظت سان بازياب ڪرائي

بقايا 37 سينيٽ چيئرمين

سيد يوسف رضا گيلاني چيو آهي ته ٻار ملڪ ۽ قوم جو قيمتي اثاثو آهن ٻارن جي حقن جو تحفظ ۽ انهن جو مستقبل محفوظ بڻائڻ اسان جي پهرين ترجيح آهي گذريل ڏينهن سينيٽ سيڪريٽريٽ مان جاري بيان ۾ ٻارن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي جاري ڪيل پيغام ۾ سينيٽ چيئرمين چيو ته ٻار ملڪ ۽ قوم جو قيمتي اثاثو آهن ٻارن جو عالمي ڏينهن اسان کي ٻارن جي حقن جي تحفظ واري عزم کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿو ٻارن کي معياري تعليم صحت ۽ بهترين تربيت فراهم ڪرڻ ضروري آهي پاڪستان جي هر ٻار کي محفوظ ۽ روشن مستقبل ڏيڻ لاءِ پرعزم آهيون ٻارن تي تشدد ۽ جبري پورهيو روڪڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا پيا وڃن ٻارن جي حقن جي پاسداري لاءِ سماجي ۽ سرڪاري سطح تي تعاون ضروري آهي

بقايا 38 ڳالهيون

ملاقات ڪئي جنهن ۾ پاڪستان ۽ ترڪي جي وچ ۾ ٻه طرفي لاڳاپن کي مضبوط ڪرڻ تي ڌيان ڏنو ويو ملاقات دوران سنڌ ۾ واپار ۽ سيڙپڪاري، قانون سازي جي عمل ۽ بين الپارلياماني سهڪار سميت اهم موضوعن تي ڳالهيون ڪيون ويون اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه ترڪي جي سفير سان نوجوان پارليامينٽ ميمبرن جي تربيت ۽ انهن جي قانون سازي جي مهارت وڌائڻ بابت منصوبا به زير بحث آندا ان موقعي تي ارفان نظير اوغلو سان گڏ ڪراچي ۾ ترڪي جي قونصل جنرل جمال سانگو پڻ موجود هئا هن اي- پارليامينٽ پروگرام ۾ مصنوعي ذهانت (Artificial Intelligence)جي اهميت تي زور ڏنو ملاقات دوران ترڪي جي سفير ارفان نظير اوغلو ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن کي مضبوط ڪرڻ ۽ سنڌ اسيمبلي جي اسٽريٽجڪ پلان تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

بقايا 39 حڪم

پوليو مهم دوران فعال ڪردار ادا نه ڪندڙ ڊي سيز ايس ايس پيز ۽ ڊي ايڇ اوز کي هٽائڻ جي هدايت ڪئي آهي. هن چيو ته هو پوليو جي خاتمي لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهيا آهن پر هو هيستائين تن چئلينجن کي منهن ڏئي رهيا آهن. پوليو جا ڦڙا پيارڻ کان انڪار لاڳاپيل آفيسرن جي عدم دلچسپي ۽ لڏپلاڻ جنهن سبب سڄي صوبي ۾ پوليو وائرس پکڙجي ويو آهي. اجلاس اربع ڏينهن وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيو جنهن ۾ صوبائي وزير صحت عذرا فضل پيچوهو چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه پبلڪ سيڪٽر ڪميونيڪيشن مئنيجمينٽ (PSCM) آغا واصف، سيڪريٽري صحت ريحان بلوچ ايمرجنسي آپريشن سينٽر (EOC) جي انچارج ارشاد سوڍڙ ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ملاقات دوران صحت واري صوبائي وزير عذرا فضل پيچوهو ۽ انچارج اي او سي ارشاد سوڍڙ وڏي وزير کي تفصيلي بريفنگ ڏني. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته سڄي ملڪ ۾ پوليو جا 50 ڪيس سامهون آيا آهن. سنڌ ۾ 13، خيبرپختونخواهه ۾ 11، پنجاب ۾ هڪ ۽ بلوچستان ۾ 24 ڪيس رپورٽ ٿيا آهن. سنڌ ۾ حيدرآباد، جيڪب آباد ۽ ڪيماڙي ۾ 2-2، شڪارپور شرقي (گلبرو)، سجاول، ملير، ميرپورخاص، سانگهڙ ۽ گهوٽڪي ۾ هڪ هڪ ڪيس رپورٽ ٿيو آهي. ٻارن جي آبادي ۽ پوليو جي صورتحال بابت وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته هن وقت سنڌ ۾ پنجن سالن کان گهٽ عمر جا هڪ ڪروڙ ڇهه لک ٻار آهن ان کان علاوه 3 لک 21 هزار 323 ٻار اهڙا آهن جيڪي پنهنجي والدين سان گڏ لڏپلاڻ ڪري ويا آهن. في الحال 69 سيڪڙو ٻارن کي سيٽي ڊوز ملي چڪا آهن. 2024 جي رپورٽ موجب 20 ضلعن مان گڏ ڪيل ماحولياتي نمونن مان 66 سيڪڙو ۾ پوليو وائرس جي موجودگي ملي. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته آڪٽوبر دوران مختلف ضلعن ۾ 43 هزار 227 ڪوڙا ڪيس رپورٽ ٿيا آهن. جنهن تي وڏي وزير چيو ته انڪار جو وقت گذري ويو آهي اسان ان کي برداشت نٿا ڪري سگهون. هن چيف سيڪريٽري ذريعي ڊپٽي ڪمشنرن ۽ ايس ايس پيز کي هدايت ڪئي ته پوليو جا ڦڙا پيارڻ جي انتظامن کي يقيني بڻايو وڃي ٻي صورت ۾ انهن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. بريفنگ دوران وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته آڪٽوبر 2024ع جي مهم دوران 6 ضلعن جامشورو سينٽرل اوڀر ملير ڪشمور ۽ ٿرپارڪر جي ڪارڪردگي خراب رهي. وڏي وزير چيف سيڪريٽري کي هدايت ڪئي ته ضلعي انتظاميا، پوليس ۽ ڊي ايڇ اوز کي چيو وڃي ته هو پنهنجي ڪارڪردگي بهتر ڪن ٻي صورت ۾ برطرف ڪيو وڃي. هن چيف سيڪريٽري کي مخاطب ٿيندي چيو ته معاملي جي جاچ ڪري ضروري ڪارروائي ڪئي وڃي. آخر ۾ وڏي وزير چيو ته پاڪستان 50 ڪيسن سان گڏ ۽ افغانستان 23 ڪيسن سان دنيا جا واحد ملڪ آهن جتي پوليو تي اڃا تائين ضابطو نه اچي سگهيو آهي. پوليو جي خاتمي لاءِ سمورن اسٽيڪ هولڊرن ۽ والدين کي حڪومت جو ساٿ ڏيڻ گهرجي.

بقايا 40 صحيحون

جاري ڪندڙ سڀ کان وڏي بينڪ نيشنل بينڪ آف پاڪستان ون لنڪ ۽ ماسٽر ڪارڊ سان معاهدي تي صحيحون ڪندڙ پهرين پاڪستاني بينڪ بڻجي وئي آهي معاهدي تي صحيحون نيشنل بينڪ جي هيڊ ڪوارٽر ۾ ڪيون ويون نيشنل بينڪ جي صدر رحمت علي حسني ۽ ون لنڪ جي سي اي او نجيب آگرا والا ماسٽر ڪارڊ جي ڪنٽري مينيجر ارسلان خان جي موجودگي ۾ معاهدي تي صحيحون ڪيون تقريب ۾ عدنان ناصر ايس اي وي پي فيصل توور، فواد فرخ امين مانجهي امين سيجواڻي شهزاد شاهد فيض محمد ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي رحمت علي حسني چيو ته اها پائيواري صارفين کي محفوظ ۽ عالمي معيار جي ادائگي وارو حل فراهم ڪرڻ ۾ مدد ڪندي ماسٽر ڪارڊ جي بيج واري ڪارڊ کي بين الاقوامي طور تي قبول ڪيو ويندو.

آفيس آف ايگزيڪيوٽو انجنيئر پراونشل هاءِ ويز ڊويزن شهيد بينظير آباد

NO. TC/G-55/1096of2024
Dated:14-11-2024

مهربند ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

1. دلچسپي رکندڙ شخصن / ٺيڪيدارن / ڪمپنين / فرمن کان معياري واک دستاويز (SBDs) تي هيٺ ڄاڻايل ڪمن جي پروڪيورمينٽ لاءِ SPP رول 2010 (ترميم ٿيل 2019) مطابق مهربند ٽينڊر گهرائجن ٿا.

نمبر شمار	ڪم جو نالو	ڪٿيل لاڳت ملين ۾	ڪانٽريڪٽرز ڪيٽيگري	اسپيشلائيز ڊ ڪوڊ	ٽينڊر في	5%واک سيڪيورٽي ملين ۾ CD-R	تڪميل جو مدو
01	نوابشاهه سرهاڙي روڊ ميل 2/0 کان ڳوٺ غلام رسول تائين روڊ جي تعمير ميل 0/0-0/4+330	31.968	C-5 ۽ مٿي	CE01، CE10	3000	1.598	30 جون 2026
02	جونا موري صاحب خان روڊ کان ڳوٺ شير محمد تائين روڊ جي تعمير. ميل 0/0-0/5+330 (0.90 ڪي.ايم)	38.151	C-5 ۽ مٿي	CE01، CE10	3000	1.908	30 جون 2026
03	يو سي ڪڙ، مرزاباغ، نور محمد جا ڦبا ۽ تعلقي قاضي احمدجي مختلف ڳوٺن جي انٽرنل اسٽريٽ/ روڊن جي تعمير/ سڌارو.	19.106	C-5 ۽ مٿي	CE01، CE10	3000	0.955	30 جون 2026
04	حاجي بهرام برهماڻي کان ڳوٺ غلام حسين ڪيريو تائين روڊ جي تعمير ميل 0/0-0/5 (1.0 ڪي.ايم).	35.005	C-5 ۽ مٿي	CE01، CE10	3000	1.750	30 جون 2026
05	ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن اولڊ نوابشاهه جي مختلف يوسيز/ واردن جي گهٽين/ روڊن جي ٻيهر بحالي/ تعمير. ميل 0/0-0/2+130 (0.44 ڪي.ايم).	18.922	C-5 ۽ مٿي	CE01، CE10	3000	0.946	30 جون 2026
06	نوابشاهه سڪرنڊ جمال ڪيريو روڊ کان ڳوٺ عثمان لاکو روڊ تائين روڊ جي ريڪنڊيشننگ ميل 0/0-0/2+440	15.060	C-5 ۽ مٿي	CE01، CE10	3000	0.753	30 جون 2026
07	نوابشاهه قاضي احمد روڊ کان ڳوٺ نبي بخش خاصخيلي روڊ تائين روڊ جي ريڪنڊيشننگ ميل 0/0-0/3=0.60 km	17.764	C-5 ۽ مٿي	CE01، CE10	3000	0.888	30 جون 2026
08	نوابشاهه سڪرنڊ روڊ کان لانڊي وليج تائين پيور بلاڪ جي فراهمي. ميل 0/0-0/0+500	4.698	C-5 ۽ مٿي	CE01، CE10	3000	0.235	30 جون 2026
09	درگاهه لالڻ پير کان آءِ.پي پاٽ روهڙي ڪئنال جهڙوڪ: لنڪس عارب ۽ ڪوڙو خان تائين روڊ جي تعمير ميل 0/0-0/2+330 (0.50 ڪي ايم).	17.648	C-5 ۽ مٿي	CE01، CE10	3000	0.882	30 جون 2026
10	يو سي دولتپور، سعيد ٽنبو، ٿارو، تعلقي قاضي احمد جي مختلف ڳوٺن جي نقصان پهتل روڊن/ گهٽين جو سڌارو/ تعمير.	21.309	C-5 ۽ مٿي	CE01، CE10	3000	1.065	30 جون 2026
11	HM خوجه ٽائون نوابشاهه جي مختلف يوسيز/ واردن جي گهٽين/ روڊن جو سڌارو/ تعمير. ميل 0/0-0/1+590 (0.38 ڪي.ايم).	13.717	C-5 ۽ مٿي	CE01، CE10	3000	0.686	30 جون 2026
12	چتن شاخ روڊ کان ڳوٺ ابراهيم مري تائين روڊ جي تعمير ميل 0/0-0/5 (1.0 KM)	36.555	C-5 ۽ مٿي	CE01، CE10	3000	1.828	30 جون 2026
13	مجيد ڪيريو محرابپور روڊ کان ڳوٺ دري مگسي روڊ تائين روڊ جي ريڪنڊيشننگ ميل 0/0-0/4+330= 0.90KM	28.186	C-5 ۽ مٿي	CE01، CE10	3000	1.409	30 جون 2026

ٽينڊر جاري ڪرڻ / وصول ڪرڻ ۽ کولڻ لاءِ پروگرام

نمبر شمار	تفصيل	پهريون پيرو	ٻيون پيرو (موٽ نه ملڻ جي صورت ۾ ٽينڊر)
1	درخواست جي وصولي ۽ ٽينڊر جو اجراءُ جي آخري تاريخ NIT جي اخبارن ۾ شايع ٿيڻ کانپوءِ صبح 09:30 وڳي تائين.	06-12-2024	17-12-2024
2	ٽينڊر ساڳئي ڏينهن تي صبح 10:00 وڳي تائين وصول ڪيا ۽ ساڳئي ڏينهن صبح 11:00 وڳي تائين کوليا ويندا.	06-12-2024	17-12-2024

2) اهليت / لازمي
- i) ڪارگر رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ جون 2025 ۽ ان کانپوءِ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان واسطيدار ڪيٽيگري ۽ اسپشلائيزڊ ڪوڊ جيئن هر هڪ ڪم سامهون ذڪر ٿيل آهن.
- ii) ڊيٽا آف، (i) گهٽ کان گهٽ جي ڪٿيل لاڳت جو 80 سيڪڙو رکندڙ ساڳي نوعيت جو 01 ڪم، يا (ii) گهٽ کان گهٽ جي ڪٿيل لاڳت جو 50 سيڪڙو رکندڙ ساڳي نوعيت جو 02 ڪم.
- iii) فرم وٽ ڪم ڪندڙ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف جي پاليو هجڻ.
- iv) گذريل 05 سالن دوران ڪم جي ڪٿيل لاڳت کان گهٽ نه هجي سراسري ساليانو مالياتي ٽرن اوور.
- v) گذريل ٽن سالن جون ساليانيون آڊٽ ٿيل رپورٽون رجسٽرڊ آڊٽ فرم کان.
- vi) مشينري ۽ موجود ايڪيوپمينٽ جي لسٽ دستاويزي ثبوت ان جي مالڪي/مسواڙ جا.
- vii) دستاويزي ثبوت جنهن ۾ ڪانٽريڪٽر / فرم جو پنهنجو / مسواڙ تي هڪ اسفالٽ پلانٽ ان جي لاڳاپيل مشينري واسطيدار جي عملدر آمد لاءِ.
- viii) انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ سان رجسٽريشن (NTN سرٽيفڪيٽ) ايڪٽيويٽ اسٽيٽس ۽ فيڊرل بورڊ آف روينيو سميت.
- ix) گذريل ٽن سالن جا ساليانا انڪم ٽيڪس رٽرنز
- x) سنڌ روينيو بورڊ گورنمينٽ آف سنڌ (SRB) جو رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ ساڻ سرگرم حيثيت.
- xi) سمورو مٿيون لازمي اهليت جو معيار 4.00 ملين رپين کان مٿي ڪمن لاءِ آهي.

3) پروڪيورمينٽ جو طريقڪار (سنگل اسٽيج ٽو اينولپ).

4) واک / ٽينڊر دستاويز:

1. ٽيڪي جا دستاويز، ٻيا شرط ۽ ضابطا ۽ ڪورا ٽينڊر SPPRA جي سرڪاري ويب سائيٽ يعني: "www.ppms.pprasindh.gov.pk" تان ڏسي، جاري يا ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا. ٽينڊر في 3000 هزار رپيا (پاڪستاني) ۽ واک سيڪيورٽي جيئن مذڪوره مٿي ڄاڻايل آهي، فقط ڪال ڊپازٽ جي صورت ۾ ڪنهن به شيڊيول بينڪ آف پاڪستان مان بحق ايگزيڪيوٽو انجنيئر، هاءِ ويز ڊويزن شهيد بينظير آباد جي کاتي ۾ (فرم جو نالو) واک / ٽينڊر سان شامل هئڻ گهرجي، ٻي صورت ۾ اهڙا ٽينڊر غور هيٺ نه ايندا.
2. مڪمل ٽيڪنيڪل پروپوزل جي جانچ پڙتال لاءِ اهليت جو معيار/ سب ڪرائيٽيريا/ نه يا پاس/ فيل جي بنياد تي آهي جيڪڏهن هڪ واک ڏيندڙ ڪنهن به معيار يا سب ڪرائيٽيريا ۾ ها يا پاس حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو ته تڏهن هي/ اهو ڪواليفائيڊ نه هوندو.
3. واک سنگل پئڪيج ٻن ڊار لفافن تي مشتمل هوندا هر هڪ لفافو فنانشل پروپوزل ۽ ٽيڪنيڪل پروپوزل تي ڊار مشتمل هوندو. لفافي تي وڏن اکرن ۾ بنا ڪنهن مونجهاري جي ٽيڪنيڪل پروپوزل ۽ فنانشل پروپوزل لکيل هئڻ گهرجي.
4. ٽيڪنيڪل پروپوزل کليل فرمن جي ٽيڪنيڪل ڪواليفڪيشن لاءِ جانچ پڙتال ڪيا ويندا فني طرح ڪواليفائيڊ فرمن جي فنانشل واڪن/ پروپوزلس کي تاريخ ۽ وقت تي کوليو ويندو ان باري ۾ اڳواٽ سمورن اهل ٺيڪيدارن/ فرمن کي لکت ۾ آگاهه ڪيو ويندو. فني طور تي موٽ نه ملندڙ فنانشل واڪن / پروپوزلس کي امڪاني واک ڏيندڙن کي بنا کولڻ جي موٽايو ويندو.
5. ٽينڊر پروڪيورمينٽ ڪميٽي/شرڪت ڪندڙ ٺيڪيدارن/فرمن ۽ سندن مجاز نمائندن جي موجودگي ۾ کوليا ويندا.
6. واڪن جي کولڻ واري تاريخ تي پروڪيورمينٽ ڪميٽي جو ڪوبه ميمبر هيڊ ڪوارٽر کان ٻاهر هئڻ جي صورت ۾ ورندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳئي پروگرام مطابق اماڻيا ۽ کوليا ويندا.
7. ان ڏس ۾ حلفنامون ته سمورا دستاويز / تفصيل / مشينري جي معلومات صحيح ۽ درست آهن. بوگس / ٽيمپرڊ يا غلط معلومات / سرٽيفڪيٽ / ڪمپني / فرم پاران فراهم ڪرڻ جي صورت ۾ ڪنهن به مرحلي تي بليڪ لسٽ ڪيو ويندو.
8. مالڪ جا تفصيل سي اين آءِ سي سان گڏ جڊيشل اسٽامپ پيپر تي هڪ نمائندي کي مالڪ پاران شرڪت لاءِ اجازت هوندي.
9. فرم جي صورت ۾، ڊائريڪٽر / پروپرائيٽرز جا مڪمل تفصيل ڏنا وڃن يا ٻيا لاڳاپيل ڪاغذ پاور آف اٽارني سان ڏنا وڃن. سول پروپرائيٽر جي صورت ۾ حلف نامي تي اهڙي انڊرٽيڪنگ شامل ٿيل هجي.
10. جوائنٽ وينچر جي اجازت نه هوندي.
11. دلچسپي رکندڙ واک ڏيندڙ/ ٺيڪيدار لازمي حلف نامو جمع ڪرائيندا ته سندن فرم/ ڪمپني يا سندن اسٽاف يا آفيشل ڪنهن به سرڪاري کاتي سان مقدمي بازي ۾ ملوث ناهي ۽ ڪم کي اڌ نه ڇڏيو آهي ۽ ڄاڻايل مدي اندر ڪنهن ڪم جي تڪميل ۾ دير نه ڪئي آهي. جيڪڏهن اهڙي معلومات ملي ته ڪامياب واک مرحلي کي هن مرحلي تي ڪم جي ملڻ کي ڪاٽو منسوخ ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو.
12. ان ڏس ۾ حلفنامو ته فرم / ٺيڪيدار اڳ ۾ ڪنهن به ايگزيڪيوٽنگ ايجنسي وٽ بليڪ لسٽ ٿيل نه آهي.
13. ٽينڊر سان گڏ لازمي طور تي مذڪوره گهربل دستاويز / معلومات جمع ڪرائڻي پوندي. جيڪڏهن اهڙا ڪي به گهربل ڪاغذ / معلومات نه ڏني وئي ته پوءِ پروڪيورمينٽ ڪميٽي پاران ان تي غور نه ڪيو ويندو ۽ ڪنهن عذر تي نه ويچاريو ويندو.

جمع ڪرائڻ، معلومات ۽ کولڻ جو هنڌ هيٺين ريت هوندو:

- ➤ ايڊريس: آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر هاءِ ويز ڊويزن، شهيد بينظير آباد.
- ➤ ٽيليفون نمبر: 0244-9370133

5. شرط ۽ ضابطا:

a) هيٺ ڄاڻايل شرطن وارا واک رد ڪيا ويندا:
- i) شرطيه، اليڪٽرونڪ ۽ ٽيليگرافڪ واک / ٽينڊر.
- ii) واک سيڪيورٽي جي گهربل رقم ۽ صورت ۾ شامل نه ٿيل واک.
- iii) مقرر ڪيل تاريخ ۽ وقت کانپوءِ وصول ڪيل واک.

b) واک جو ڪارگر مدو 90 ڏينهن.

c) پروڪيورمينٽ اختياري کي به يا سمورا / ٽينڊر SPRRA رولز 2010 (2019 ۾ ترميم ٿيل) موجب منسوخ ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
هاءِ ويز ڊويزن
شهيد بينظير آباد

INF-KRY No.3725/2024

پڙهندي سنڌ ...... ترونندي سنڌ

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
دهشتگردن خلاف حتمي آپريشن جو فيصلو!
صفحو 4

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي
وي پي اين پابندي نامنظور؟
صفحو 4

تنزليءَ جا ڪارڻ ۽ قومي قيادت جون ذميواريون!
رحمت الله پرڙو
صفحو 4

غلام حسين لغاري
سنڌ جا ٻي يارو مددگار ملاح..!
صفحو 4

سنڌ يونيورسٽي جي آءِ بي اي ۽ هڪ قومي ڪمپني ٽيڪس اِن وچ ۾ مفاهمتي يادداشت تي صحيحون

اسان کي سيني سماجي شعبن ۾ ٽئڪس جي فائدي ۽ ذميوارين بابت شعور ڦهلائڻ تي ڌيان ڏيڻ گهرجي: مقررين

نوجوان هن ملڪ جا مستقبل ۽ اڳواڻ آهن. اسان مستقبل جي انهن اڳواڻن ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ تي يقين رکون ٿا

چاهيون ٿا ته اسانجي نوجوانن کي وڌ کان وڌ انٽرن شپ جا موقعا ميسر ٿي سگهن ته جيئن هو پنهنجي ڪيريئر کي بهتر انداز ۾ شروع ڪري سگهن

ڄامشورو: سنڌ يونيورسٽي جي آءِ بي اي وچ ۾ مفاهمتي يادداشت تي صحيحن واري پروگرام ۾ مقرر خطاب ڪندي

ڄامشورو(اپ ر) سنڌ يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن (آءِ بي اي) ۽ هڪ قومي ڪمپني ٽئڪس اِن وچ ۾ هڪ مفاهمتي يادداشت تي صحيحون ڪيون ويون آهن جنهن تحت ٻئي ادارا مفادن وارن منصوبن تي گڏجي ڪم ڪندا ۽ شاگردن لاءِ اهم موقعا پيدا ڪرڻ توڙي تعليمي ۽ تحقيقي واڌ ويجهه ۾ هڪٻئي سان سهڪار ڪندا. ڄاڻايل معاهدي تي انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن جي ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر امام الدين ڪوسو ۽ ٽئڪس اِن جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر صلاح الدين پنهور رسمي طور صحيحون ڪيون. معاهدي موجب ٽئڪس اِن ڪمپني آءِ بي اي جي شاگردن لاءِ انٽرن شپ جا موقعا فراهم ڪندي. ان موقعي تي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر صلاح الدين پنهور هر سال آءِ بي اي جي شاگردن لاءِ 20 ڪاروباري انٽرن شپ جا موقعا فراهم ڪرڻ ۽ ڪمپيوٽر ليب لاءِ پنج ڊيسڪ ٽاپ ڪمپيوٽر عطيو ڏيڻ جو اعلان ڪيو. ان موقعي تي ڳالهائيندي صلاح الدين پنهور نوجوانن کي عملي سکيا ۽ ٽيڪنالاجي ذريعن ذريعي بااختيار بنائڻ لاءِ پنهنجي ڪمپني جي عزم کي اجاگر ڪيو. هن چيو ته اسان جا نوجوان هن ملڪ جا مستقبل ۽ اڳواڻ آهن. اسان مستقبل جي انهن اڳواڻن ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ تي يقين رکون ٿا. اهڙا انٽرن شپ پروگرام ۽ ٽيڪنالاجي جون سهولتون نواڻ ۽ بهترين قيادت کي هٿي وٺرائڻ لاءِ هڪ وڏي ويڙهه ڏانهن نئون قدم آهن. ڊاڪٽر امام الدين ڪوسو چيو ته ڄاڻايل ڪمپنيءَ سان معاهدي جو فائدو يقيني طور اسان جي شاگردن ۽ شاگردياڻين جو ٿيندو. هن چيو ته چاهيون ٿا ته اسانجي نوجوانن کي وڌ کان وڌ انٽرن شپ جا موقعا ميسر ٿي سگهن ته جيئن هو عملي ڪم سکي پنهنجي ڪيريئر کي بهتر انداز ۾ شروع ڪري سگهن ان کان اڳ "پاڪستان ۾ ٽئڪس قانون" جي سري هيٺ آءِ بي اي جي آڊيٽوريم ۾ هڪ سيمينار منعقد ڪيو ويو. سيمينار ۾ ٽئڪس ماهرن سيد تقي شاهه ۽ فيصل خان ٽئڪس قانونن ۽ فائلر نان فائلر بابت شاگردن ۽ شاگردياڻين کي تفصيلي ڄاڻ مهيا ڪئي. سيد تقي شاهه ٽئڪس جي اهميت کي اجاگر ڪيو ۽ ان کي قومي ترقيءَ لاءِ هڪ لازمي عنصر قرار ڏنو. هن چيو ته ٽئڪس ملڪ جي معيشت جو اهم جز آهي. ٽئڪس قانونن کي سمجهڻ ضروري آهي ته جيئن ٽئڪس جي پابنديءَ کي يقيني بڻائي قومي خوشحاليءَ ۾ حصو وٺي سگهجي. هن ٽئڪس نظام کي آسان ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ته جيئن وڌيڪ ماڻهن کي شريڪ ٿيڻ لاءِ همٿائي سگهجي. فيصل خان چيو ته شهرين خاص طور نوجوانن کي ٽئڪس بابت معلومات هئڻ لازمي آهي. اسان کي سيني سماجي شعبن ۾ ٽئڪس جي فائدي ۽ ذميوارين بابت شعور ڦهلائڻ تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. هن شاگردن کي ٽئڪس مشاورت ۽ پاليسي ٺاهڻ جي ڪيريئر ۾ وڃڻ لاءِ همٿايو ۽ پاڪستان جي اقتصادي ڍانچي کي مضبوط ڪرڻ ۾ سندن ڪردار کي اهم قرار ڏنو. سيمينار جي صدارت پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر عبدالستار شاهه ڪئي. جڏهن ته ٽئڪس اِن ڪمپنيءَ جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر صلاح الدين پنهور، پروفيسر ڊاڪٽر امام الدين ڪوسو پروفيسر ڊاڪٽر انتظار علي لاشاري ۽ وڏي انگ ۾ شاگردن توڙي فئڪلٽي ميمبرن شرڪت ڪئي

****

ڪنڊڙي آبپاشي کاتي ۾ قاعدي قانون جي ڀڃڪڙي، سموري سب ڊويزن جو نظام وائرليس آپريٽر حوالي

ڪڻڪ ۽ ربيع سيزن جي فصلن جي پوکائي دوران ڪنڊڙي سب ڊويزن جي نبي سر واهه سميت ان ئي شاخن ۾ پاڻي جي کوٽ

نبي سر شاخ تي 87 ايڪڙ جا مالڪ آهيون پر راشي آپريٽر پاران پاڻي وڪرو ڪرڻ سبب فصل جي آبادي نه هجڻ برابر آهي: آبادگار

هڪ وائرليس آپريٽر سڄي نظام تي حاوي ٿي ويٺو وڌيڪ بربادي پيو ڪرائي پر ڪير پڇڻ وارو نه آهي، نوٽس ورتو وڃي

ڪنڊڙي(ن ع) ڪڻڪ ۽ ربيع سيزن جي فصلن جي پوکائي دوران ڪنڊڙي سب ڊويزن جي نبي سر واهه سميت ان ئي شاخن ۾ پاڻي جي کوٽ پيدا ٿي وئي پاڻي کوٽ ۽ مٿان سکر بئراج جي سالياني وارابندي ويجهو هجڻ سبب آبادگار سخت پريشان آهن حيرانگي اها آهي ته ايشيا جي وڏي سرچشمدي ۽ سنڌ جي آخري ٽيل واري هن بئراجي علائقي ۾ اهڙي صورتحال باوجود سب ڊويزن ڪنڊڙي جو نظام هڪ عوام آزار اٺيڙهيل راشي وائرليس آپريٽر شڪور آرائين حوالي آهي قاعدي قانون جي ڪلي خلاف ورزي ڪري خاص مهرباني ڪندي نبي سر واهه جو مکيه اهم سيڪشن ۽ ان مان چار شاخن جو نظام انهي آپريٽر حوالي آهي جنهن جي نااهلي بداخلاقي، کليل ڪرپشن سبب آبادگار توڙي آبپاشي ملازم به هن کان سخت بيزار آهن معلوم ٿيو آهي ته ايس ڊي او ڪنڊڙي ظهور بوزدار به انهي وائرليس آپريٽر جي ڪرتوتن مان تنگ آهي پر تازو عمرو ڪري آيل ايڪسئن ملڙائو ۽ ڪجهه ٻيا خاص مهربان هجڻ سبب ڪم ڪندڙ داروغن ۽ ٻئي اسٽاف کي پري رکي نظام انهي راشي آپريٽر حوالي آهي انهي آپريٽر جي زيادتين خلاف نبي سر شاخ جي ٽيل جا آبادگار ميوو چانديو ،علي خان ۽ علي گل مختلف عملدارن آڏو دانهڻ باوجود تدارڪ نه ٿيڻ تي مجبورن سيشن ڪورٽ عمرڪوٽ ۾ درخواست داخل ڪندي الزام هنيو ته اسين نبي سر شاخ تي 87 ايڪڙ جا مالڪ آهيون پر انهي راشي آپريٽر پاران پاڻي وڪرو ڪرڻ سبب فصل جي آبادي نه هجڻ برابر آهي هاڻي پيئڻ جي پاڻي لاءِ به پريشان آهيون اهڙي درخواست تي عدالت نوٽس وٺندي ڌرين کي طلب ڪيو آهي جڏهن ته انهن کان اڳ آبادگار عباس علي رند ۽ ٻيا پڻ انهي راشي آپريٽر خلاف اينٽي ڪرپشن، سيشن ڪورٽ ۽ هائي ڪورٽ ۾ ويل آهن جڏهن ته انهي آپريٽر جي هڪ آڊيو پڻ سوشل ميڊيا تي وائرل آهي جنهن ۾ هو اقرار ڪري پيو ته آئون ٻيٺا پئسا رشوت ڀري آرڊر ڪرايان ٿو ٻيا داروغا آفيسرن کي ستر هزار روپيا هفتو رشوت ڏيندا آهن آئون سوا لک روپيا هفتو رشوت ڏيان ٿو اهڙي ڪرپشن جي اقراري آڊيو ظاهر ٿيڻ علائقي ۾ پاڻي جي سخت کوٽ ۽ نظام تباهه هجڻ باوجود ڪا ڪاروائي نه ٿيڻ سبب آبادگار پريشان ۽ مايوس آهن آبادگارن جو چوڻ آهي ته هر سال پوکائي جي سيزن ۾ ڪنڊڙي سب ڊويزن ۾ هنگامو پاڻي کوٽ ڪئي ويندي آهي پر هن دفعو ويل اهو آهي ته هڪ وائرليس آپريٽر سڄي نظام تي حاوي ٿي ويٺو وڌيڪ بربادي پيو ڪرائي پر ڪير پڇڻ وارو نه آهي هو سرعام داداگيري ڪري رشوت وٺي ٿو نه ڏيڻ تي واٽر بند ڪريو ڇڏي رڳو آفيسرهن مان مطمئن آهن پر ٻيا سڀ تنگ آهيون سنڌ هائي ڪورٽ جي فيصلي جي پڻ خلاف ورزي ڪندي هن کي پوسٽن تي مقرر ڪرڻ توهين عدالت آهي هنن چيف جسٽس ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته ان جو نوٽس وٺي اٺيڙهيل راشي آپريٽر خلاف سخت ڪاروائي ڪري پاڻي جي کوٽ ختم ڪرائي اسان کي ڪڻڪ جهڙي اهم فصل پوکجڻ دوران نقصان کان بچايو وڃي ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

ميهڙ ۾ جي ڊي اي ۽ پ پ پ ڪارڪنن ۾ سوشل ميڊيا تي هڪٻئي خلاف ڇڪتاڻ برقرار

انڊس هاءِ وي تي سر شاخ وٽ پ پ اڳواڻ غلام حيدر مهيسر تي جوابدارن پاران حملو ڪري مارڪٽ

پ پ اڳواڻ غلام حيدر مهيسر جي فرياد تي جي ڊي اي اڳواڻ ڪائونسلر نياز علي برڙو سميت 11 ڄڻن خلاف ڪيس داخل

پ پ ۽ جي ڊي اي جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پاران پارٽي جي اڳواڻن مٿان ڪيس داخل ٿيڻ جي مذمت ڪئي وئي

ميهڙ(ن ع) ميهڙ ۾ جي ڊي اي ۽ پ پ پ ڪارڪنن ۾ سوشل ميڊيا تي هڪٻئي خلاف پوسٽون رکڻ ۽ گارگند دان ڇڪتاڻ برقرار آهي ميهڙ ۾ انڊس هاءِ وي تي سر شاخ وٽ پ پ اڳواڻ غلام حيدر مهيسر تي جوابدارن حملو ڪري مارڪٽ ڪئي واقعي جو ڪيس پ پ اڳواڻ غلام حيدر مهيسر جي فرياد تي گذريل رات ميهڙ جي بي سيڪشن ٿاڻي تي جي ڊي اي اڳواڻ ڪائونسلر نياز علي برڙو هاشم برڙو فتاح شاهه زبير سمون شعيب سمون ۽ 6 نامعلوم جوابدارن سميت11ڄڻن تي حملي ڌمڪين جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جڏهن ته ٻه ڏينهن اڳ ميهڙ جي حاتا محلي ۾ جي ڊي اي ڪارڪن ٻن ڄڻن زبير سمون ۽ امتياز پلي کي مارڪٽ واقعي جو ڪيس پ پ پ ايم اين اي مسرت رفيق مهيسر جي ڀاءُ پ پ پ تعلقي جي صدر محمود مهيسر شمس مهيسر حمزو مهيسر ۽ 15 نامعلوم جوابدارن سميت 18 ڄڻن خلاف ميهڙ جي بي سيڪشن ٿاڻي تي جهيڙي ڌمڪين جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي پر ڪا به گرفتاري عمل ۾ نه آئي جڏهن ته پ پ پ ۽ جي ڊي اي جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پاران پارٽي جي اڳواڻن مٿان ڪيس داخل ٿيڻ جي مذمت ڪئي وئي آهي

نوابشاهه ۾ ٻارن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي تقريب

پاڪستان ۾ لکين ٻارن کي بنيادي حقن سان گڏ تعليم حاصل نه آهي: مقررين

غربت، مهانگائي ۽ بيروزگاريءَ جا شڪار پنهنجي ٻارن کي بنيادي حق ڏيڻ کان قاصر آهن

نوابشاهه(ن ر) ٻارن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي نوابشاهه جي ايچ ايم خواجا آڊيٽوريم ۾ هاري ويلفيئر ايسوسيئيشن ۽ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي تعاون سان منعقد ڪيل تقريب کي خطاب ڪندي هاري ويلفيئر ايسوسيئيشن جي صدر اڪرم خاصخيلي چيو ته اهو فڪر جي ڳالهه آهي ته پاڪستان ۾ لکين ٻارن کي بنيادي حقن سان گڏ تعليم حاصل نه آهي ان موقعي تي ريجنل اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن امام بخش آريسر چيو ته غربت، مهانگائي ۽ بيروزگاريءَ جا شڪار پنهنجي ٻارن کي بنيادي حق ڏيڻ کان قاصر آهن ۽ اهو ئي سبب آهي جو لکين ٻار اسڪول کان ٻاهر آهن جن کي تعليم فراهم ڪري مهذب شهري بڻائڻ جي ضرورت آهي. ڊسٽرڪٽ پاپوليشن آفيسر رياض احمد شر چيو ته اسان کي ٻارن سان غير انساني سلوڪ خلاف آواز بلند ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ ان ڏينهن ٻارن جي بنيادي حقن جي حفاظت لاءِ عملي قدم کڻڻ کي يقيني بڻائڻ گهرجي. ان کان اڳ هوا اسڪار ماڊل هاءِ اسڪول جي شاگردياڻي يشفا نديم، سڪينه فيضه پارس حمزه علي اسدالله پنهنجون تقريرون پيش ڪندي چيو ته حڪومتن کي ٻارن کي بنيادي تعليم فراهم ڪرڻ ۽ سندن اخلاقي تربيت ۽ سندن قيمتي صلاحيتن کي سازگار ماحول فراهم ڪري انهن جي ترقي لاءِ فوري قدم کڻڻ جي ضرورت آهي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر مسعود احمد سهتو چيو ته ڪين تعليم جي شعبي ۾ ٻارن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ اهڙا موقعا ڏنا ويا. ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر مسعود احمد سهتو چيو ته ٻارن کي تعليم جي شعبي ۾ پنهنجي قابليت کي اجاگر ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ جي ضرورت آهي. اسان ٻارن جي عالمي ڏينهن تي هڪ منفرد تقريب منعقد ڪرڻ لاءِ هاري ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران ورتل قدم کي ساراهيون ٿا. ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر اسدالله ڏاهري چيو ته ٻارن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي ٻارن جي صحت ۽ زندگي جي تحفظ لاءِ قدم کڻڻ جي ضرورت آهي ۽ ٻارن جي صحت ۽ زندگي جي تحفظ لاءِ حڪومت طرفان اهم قدم کنيا ويا آهن رفيق احمد بلڊ ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر مير حسن بروهي، اسسٽنٽ رجسٽرار پرائيويٽ اسڪول طالب حسين رند. حڪيم علي چانڊيو پاڪستان سوئيٽ هوم انچارج شهزادو جسڪاڻي صحافي اسماعيل ڊومڪي ساڳا جي جنرل سيڪريٽري لال چند لوهاڻي، پرنسپال بي ڊي ايس ميڊم طاهره انصاري، تعليمي ماهر لياقت علي بروهي ميهان خان زرداري ياسين خاصخيلي فدا حسين مڪراڻي شهزاد علي خاصخيلي معشوق علي، محسن جلباڻي ۽ ٻين پڻ ڳالهايو ان کان اڳ شاگردن ٻارن جي حقن کي اجاگر ڪندي تقريرون به ڪيون جڏهن ته ٻارن رنگ برنگي ٽيبلوز به پيش ڪيا تقريب جي آخر ۾ ٻارن ۾ بهتر ڪارڪردگي جا سرٽيفڪيٽ به ورهايا ويا.

HARI WELFARE ASSOCIATION
Sindh Education Foundation

نوابشاهه: ٻارن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي تقريب ۾ شاگردياڻيون ٽيبلوز پيش ڪندي

مسوبرڳڙي لڳ ملهه پهلوانن جو بااثرن خلاف احتجاجي مظاهرو

مسوبرڳڙي (ن ع) مسوبرڳڙي لڳ ملهه پهلوانن جو بااثرن جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ايس ايس پي معياري کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو تفصيل موجب معياري جي سيڪاٽ ٿاڻي جي حد جاکري موري پرسان سنڌ جي نالي وارن ملهه پهلوانن عاشق علي کوسو ۽ معشوق علي کوسو احتجاج ڪندي الزام هڻندي چيو آهي ته اسان جي گهرن تي پوليس اهلڪارن شاهد کوسو ميرل کوسو ۽ ايريگيشن کاتي جي داروغي مرزي کوسي پنهنجي ساٿين سان گڏجي گهرن تي فائرنگ ڪئي آهي گهر ۾ ويٺل عورتن ۽ معصوم ٻارڙن ۾ ڪيهاٽ پئجي ويا ملهه پهلوانن عاشق علي کوسو ۽ معشوق علي کوسو چيو ته مرزو کوسو ميرل کوسو ۽ شاهد کوسو پنهنجي ساٿارين سان گڏجي اسان جي زرعي زمين تي ناجائز قبضو ڪرڻ لاءِ اسان جي گهرن مٿان فائرنگ ڪري رهيا آهن جنهن ڪري اسان پنهنجن گهرن ۾ قيد آهيون معشوق کوسو ۽ عاشق کوسو چيو ته اسان فقير ماڻهو آهيون اسان کي خبر ناهي ته مرزو کوسو ۽ ميرل کوسو اسان کي ڇو پريشان ڪري رهيا آهن هنن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي معياري کان گهر ڪئي آهي ته معين ماڻهن خلاف قدم کڻي اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ٿيليسيميا جا ٻارڙا اسان ۽ اوهان جي رت جا محتاج آهن: ايس ايس پي

سڪرنڊ (ن ع) ايس ايس پي دادو ڪئپٽن (ر) امير سعود مگسي پاران اڄ 21 نومبر تي پوليس لائن دادو ۾ ٿيليسيميا جي ٻارڙن لاءِ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو اعلان ڪندي چيو آهي ته ٿيليسيميا جا ٻارڙا اسان ۽ اوهان جي رت جا محتاج آهن جن جو جياپو ڪين رت عطيو ڪرڻ تي آهي ان ڪري انسانيت خاطر بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو اهتمام ڪري رهيا آهيون هن پوليس اهلڪارن ڪانسواءِ عوام کي پڻ اپيل ڪئي

خانپورمهر مان 20 ڏينهن اڳ مبينا طور اغوا ٿيل ناري جو ڪيس عدالت جي حڪم تي داخل

ايڊيشنل سيشن جج ميرپورماٿيلو جي عدالت جي حڪم تي خانپورمهر ٿاڻي تي 10 جوابدارن خلاف داخل ڪيو ويو

خانپورمهر ٿاڻي تي ڪيس داخل ٿيڻ باوجود 20 ڏينهن اڳ مبينا طور اغوا ٿيل ناري رضوانه ملڪ بازياب نه ٿي سگهي

جوابدار منهنجي گهر واري رضوانه کي قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏيندا ڪيس هڪ ڪار ۾ اغوا ڪري فرار ٿي ويا: فريادي

خانپورمهر(ن ع) 20 ڏينهن اڳ خانپورمهر مان مبينا طور اغوا ٿيل ناري جو ڪيس عدالت جي حڪم تي 10 جوابدارن خلاف داخل خبر موجب خانپورمهر شهر جي ٻمبلي واهه تي ڪراڙي جي گهر ۾ رهندڙ پورهيت حاڪم علي ملڪ جي مبينا طور اغوا ٿيل زال مسمات رضوانه ملڪ جو اغوا ڪيس ايڊيشنل سيشن جج ميرپورماٿيلو جي عدالت جي حڪم تي خانپورمهر ٿاڻي تي 10 جوابدارن خلاف داخل ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ عورت جي مڙس حاڪم علي پٽ علي مدد ملڪ ڪيس داخل ڪرائيندي ڄاڻايو آهي ته مون 19/3/2024 تي رضوانه ملڪ سان پسند جو پرڻو ڪيو هو جنهن تان جوابدار عنايت علي ملڪ وارا ناراض رهندا هئا تاريخ 30/10/2024 تي رات جو 11 وڳي جوابدار عنايت علي معشوق علي لطف علي فرمان علي سلامت علي صداقت علي علي نواز مياداد ملڪ ۽ 2 اڻسڃاتل جوابدار ڪار ۾ سوار ٿي رات جي وقت منهنجي گهر تي حملو ڪري منهنجي 7 مهينن جي حامله گهرواري رضوانه کي هٿيارن جي زور تي اغوا ڪري ويا ۽ مزاحمت تي اسان کي هٿيار ڏيکاري موتمار ڌمڪيون ڏنيون فريادي حاڪم علي فرياد ۾ وڌيڪ ڄاڻايو آهي ته جوابدار منهنجي گهر واري رضوانه کي قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏيندا ڪيس هڪ ڪار ۾ اغوا ڪري فرار ٿي ويا اهڙي پٽيشن سيشن گهوٽڪي جي عدالت ۾ پڻ داخل ڪرائي آهي خانپورمهر ٿاڻي تي ڪيس داخل ٿيڻ باوجود مبينا طور اغوا ٿيل ناري رضوانه ملڪ بازياب نه ٿي سگهي آهي نه ئي جوابدار گرفتار ٿي سگهيا آهن هوڏانهن پريمي نوجوان گهوٽڪي ضلعي جي مختلف ٿاڻن خانپورمهر، ياروڻد، عادلپور اي سيڪشن گهوٽڪي پوليس ۽ ملڪ برادري جي 8 جوابدارن خلاف ايڊيشنل سيشن جج ميرپورماٿيلو جي عدالت ۾ حراسمينٽ جي پڻ پٽيشن داخل ڪرائي ڇڏي آهي جنهن تي عدالت ڄاڻايل ٿاڻن تي پوليس کي نوٽيس جاري ڪندي درخواستگذار کي حراسان نه ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي.

WORLD DIABETES DAY - 2024
WORLD DIABETES DAY

ڄامشورو: سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ شوگر بابت آگاهي ريلي ڪڍي پئي وڃي

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ شوگر بابت آگاهي پروگرام منعقد

سرگرميءَ جو مقصد شوگر جي وڌندڙ خطرن کي اجاگر ڪرڻ هو: پروفيسر ڊاڪٽر آغا اسد نور

ڄامشورو(اپ ر) سنڌ يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف بائيو ڪيمسٽري ڊيابيٽس/ شوگر جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان هڪ جامع آگاهي پروگرام منعقد ڪيو جنهن جو مقصد شوگر جي وڌندڙ خطرن کي اجاگر ڪرڻ ۽ ان جي روڪٿام توڙي ڪنٽرول بابت نوجوانن کي آگاهه ڪرڻ هو. ڄاڻايل ايونٽ ۾ ڪيترين ئي سرگرمين شامل هيون، جن ۾ ليڪچر عملي مشاورت، شوگر ٽيسٽن ۽ جسماني ماپ ذريعي شوگر جي مريض جي تشخيص شامل هئا. ڪنسلٽنٽ ڊرماٽولوجسٽ ۽ ڊائيبيٽڪ ڪيلي ڪيئر جي سي اي او ۽ باني ڊاڪٽر دانيا بشير ۽ ايشيائي انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنس جي ڪنسلٽنٽ ڊائيبيٽالاجسٽ ڊاڪٽر جويريا سلمان تشخيصي سيشنز منعقد ڪيا. سنڌ يونيورسٽيءَ جي اڳوڻي شاگردياڻي حيدرآباد نيوٽريشن سوسائٽي جي سي اي او ۽ غذائيت جي ماهر خديجه سيد شوگر جي حوالي سان هڪ جامع ليڪچر ڏنو جنهن ۾ هن غذائيت کي متوازن رکڻ جي اهميت تي عملي مشاورت ڪرڻ جو هڪ سيشن پڻ منعقد ڪري ڏيکاريو. انسٽيٽيوٽ آف بائيو ڪيمسٽري جي ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر افشين شاهه ۽ ڊاڪٽر عاطف منگيءَ شوگر جي وڌندڙ واقعن تي ڳڻتي ظاهر ڪئي ۽ ان جي روڪٿام ۽ ڪنٽرول لاءِ موثر قدمن تي زور ڏنو. سيمينار جي صدارت وائيس چانسيلر جي نمائندگي ڪندي نيچرل سائنس فيڪلٽي جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر آغا اسد نور پٺاڻ ڪئي. سيمينار کي خطاب ڪندي پروفيسر ڊاڪٽر افشين شاهه مهمانن ۽ استادن پروفيسر ڊاڪٽر رفيق احمد لاشاري، پروفيسر ڊاڪٽر خالد حسين لاشاري، ڊاڪٽر شيراز، ڊاڪٽر فيض بروهي، ڊاڪٽر محمد يونس لغاري، ڊاڪٽر يوسف سومرو، ڊاڪٽر جمشيد ورسي ۽ ڊاڪٽر وقاص جميل، ڊاڪٽر نسيم اسلم چنا، ڊاڪٽر ابتسام طاهر، ڊاڪٽر مهوش چنا، ڊاڪٽر بينش خانزاده، ڊاڪٽر نجف سومرو ۽ اصغر خاصخيلي ۽ ٻين جا ٿورا مڃيا. تقريب ۾ 300 کان وڌيڪ مختلف شعبن جي شاگردن، سندن والدين ۽ مهمانن شرڪت ڪئي. ايونٽ ۾ رٽائرڊ ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر الله نواز انسٽيٽيوٽ آف بائيو ڪيمسٽري جي آڊيٽوريم لاءِ هڪ لک کان ٻه لک رپين جي قيمت وارو آڊيو سسٽم عطيو ڪرڻ جو اعلان ڪيو تعليمي سيشنز ڪانپوءِ مهمانن گروپ فوٽو ۾ بهرو ورتو ۽ هو ريفريشمينٽ مان لطف اندوز ٿيا. ان موقعي تي شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران مختلف اسٽال پڻ لڳايا ويا ۽ شوگر جون ٽيسٽون پڻ ڪيون

ٺرڙي محبت لڳ ڳوٺ ڪنڊيور جي رهواسي جو احتجاج

حاجي غلام حسين جانوري پاران وڏيري سرفراز ناريجو خلاف احتجاج ڪيو ويو

سرفراز ناريجو ڪڻڪ يا روڪ رقم واپس نه ڪئي ته مان پاڻ کي باهه ڏئي ڏيندس: غلام حسين جانوري

پورهيت غلام حسين جانوري سان انصاف ڪيو

ٺرڙي محبت: ڳوٺ ڪنڊيور جا رهواسي احتجاجي مظاهرو ڪندي

ٺرڙي محبت(ن ع) ٺرڙي محبت لڳ ڳوٺ ڪنڊيور جي رهواسي حاجي غلام حسين جانوري پاران وڏيري سرفراز ناريجو خلاف ناظم منگي چوڪ تي اڄ ٻئي ڏينهن بک هڙتال جاري رکي جتي ميڊيا وارن سان ڳالهائيندي چيو ته سرفراز ناريجو مون کان ٽي سال پهريان ڇهه سو من ڪڻڪ جي رقم ورتي جيڪا ٽي سال گذري وڃڻ باوجود واپس نه پيو ڪري جڏهن مون هن کان ڪڻڪ جي گهر ڪئي ته هن مون پوليس مٿان گرفتار ڪرائي سخت تشدد ڪرايو منهنجي برادري جي چڱن ماڻهن وچ ۾ پئي رقم واپس ڪرائڻ جو چئي پوليس کان ڇڏرايو پر پوءِ هن وقت ٽائين نه ڪڻڪ پيو ڏئي نه وري ان جي رقم مان پريس ڪانفرنس ڪئي ته هو مون هيسائڻ لاءِ ڌمڪائي رهيون هن چيو ته جيڪڏهن مون کي وڏيري سرفراز ناريجو ڪڻڪ يا روڪ رقم واپس نه ڪئي ته مان سندس اوطاق ۾ پاڻ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيندس جنهنجي ذميواري سرفراز ناريجو جي هوندي هن وس وارن کان تحفظ ۽ انصاف ڏيارڻ جو مطالبو ڪيو

ٺري ميرواهه جي ڳوٺ ڏاتو دستي ۾ عورت تي مڙس پاران ڪارنهن جو الزام

مڙس پاران قتل جون ڌمڪيون ملڻ خلاف مسمات هيٺر خاتون دستي جو احتجاج

مڙس محمد علي مون مٿان ڪارنهن جو الزام هڻي گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي: مسمات هيٺر

ٺري ميرواهه(ن ع) ٺري ميرواهه جي ڳوٺ ڏاتو دستي ۾ عورت تي مڙس پاران ڪارنهن جو الزام قتل جون ڌمڪيون مسمات هيٺر خاتون دستي احتجاج ڪندي ڏانهيندي چيو ته منهنجو مڙس محمد علي جنهن مون مٿان ڪارنهن جو الزام هڻي گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي قتل ڪرڻ ٿو مٿان ڏر ڪارنهن جي الزام آيل آميران خاتون روزينه ظهيراڻ ليلان ٻين احتجاج ڪندي چيو ته اسان جا گهر خالي ٿي ويا آهن گهر مٿان قبضو ڪيو ويو آهي ايس ايس پي خيرپور کان اپيل ڪئي ته تحفظ ڏئي جان بچائي وڃي

ٺري ميرواهه: عورت مڙس پاران قتل جون ڌمڪيون ملڻ خلاف احتجاج ڪندي

مورو ۾ سنڌ سڀا جي مرڪزي سڏ تي احتجاج

سنڌو درياهه تي ڏاڙي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

سنڌو درياهه مان 6 ڪينال ڪڍي پنجاب حوالي ڪرڻ چاهين ٿا: مظاهرين

مورو(ن ع) مورو ۾ سنڌ سڀا جي مرڪزي سڏ تي سنڌ سڀا مورو پاران مورو پريس ڪلب اڳيان سنڌو درياهه تي ڏاڙي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي شمن انقلابي، باغي صدار چانڊيو، ديشي ملڪ اشفاق افضل سنڌي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا هنن چيو ته سنڌو درياهه مان 6 ڪينال ڪڍي پنجاب حوالي ڪرڻ چاهين ٿا جيڪو عمل سنڌ دشمني تي مبني آهي اسان هر گز اهو منصوبا ڪامياب نه ٿيڻ ڏينداسين هنن مطالبو ڪيو آهي ته سنڌو درياءَ تي ڪينالن وارو منصوبو ختم ڪيو وڃي.

نامنظور
سنڌو تي ڏاڙو نا منظور
سنڌ سڀا مورو

مورو: سنڌ سڀا پاران سنڌو درياهه تي ڪئنال ٺاهڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ميهڙ شهر جي اسلام آباد محلي جي رهواسين جو احتجاج

ساحل جانوري 5 مهينا اڳ اسان جي نياڻي نيلم کي اغوا ڪيو: مجاهد سيال

ڪورٽ ۾ ان سان زبردستي نڪاح ڪيو اٿئي، اسان جي نياڻي نيلم سيال نابالغ آهي

ميهڙ(ن ع) ميهڙ شهر جي اسلام آباد محلي جي رهواسي سيال برادري جي مجاهد علي سيال ۽ مبين سيال ميهڙ پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪندي ڏانهيندي ۽ الزام هڻندي چيو آهي ته اسٽيٽ بروڪر نظير جانوري جي پاٽج ساحل جانوري 5 مهينا اڳ اسان جي نياڻي نيلم ڌي مجاهد سيال کي اغوا ڪري کڻي ويو ۽ ڪورٽ ۾ ان سان زبردستي نڪاح ڪيو اٿئي هنن چيو ته اسان جي نياڻي نيلم سيال نابالغ آهي جنهن جي عمر 13 سال آهي هنن وڌيڪ چيو ته اسٽيٽ بروڪر نظير جانوري اسان جي نياڻي نيلم سيال کي پان وٽ قيد ڪري ڇڏيو آهي ۽ هو اسان کان ان جا 10 لک روپيه گهري رهيو آهي ته توهان پيسه ڏيو ته توهان جي نياڻي نيلم سيال کي مان واپس ڪيان هنن چيو ته اسين غريب مسڪين آهيون ايترا پيسه ڪٿان آڻيون جو هنن کي ڏيون هنن وڌيڪ چيو ته اسان جي نياڻي هو ڪنهن به ڪورٽ ۾ پيش نه ٿا ڪن ۽ اسان کي هو پاڙي مان لڏي وڃڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هنن چيو ته هو بااثر آهن ميهڙ ٿاڻي تي به ڪيس داخل ٿيڻ باوجود به پوليس انهن خلاف ڪنهن به قسم جي ڪاروائي نه پئي ڪري هنن چيو ته اسان جي نياڻي نيلم سيال ڪجهه ڏينهن اڳ اسان کي موبائيل تي چيو ته مان قيد ۾ آهيان مون هنن کان آزاد ڪرايو هنن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته هنن بااثرن خلاف ڪاروائي ڪري اسان کي پنهنجي نياڻي نيلم سيال واپس ڪرائي وڃي هوڏانهن اسٽيٽ بروڪر نظير جانوري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڇوڪري پاڻ ڇوڪري سان فون تي ڳالهائيندي هئي مون ڇوڪري جي مالڪن کي ڪيترائي ڀيرا در تي وڃي جهليو ته توهان پنهنجي ڇوڪري کي پابند ڪيو پر انهن منهنجي ڳالهه تي عمل نه ڪيو ڇوڪري نيلم جي ماءُ ۽ پئي پاڻ خود ڇوڪري کي لاڙڪاڻي ڪورٽ موڪليو جتي هن ڇوڪري سان شادي ڪئي ۽ هنن سان گڏ هلڻ کان انڪار ڪيو مان پر امن شهري آهيان هر ڪو منهنجي خاندان مان واقف آهي مان پنهنجي پاٽج کي ڇو چوندس ته پرائي ڇوڪري کڻي وڃ ڇوڪري هن سان فون تي ڳالهائيندي هئي مون مٿان لڳايل الزام غلط ۽ بي بنياد آهن هنن جا پاڻ ۾ معاملا آهن منهنجو ان معاملي سان ڪوبه واسطو تعلق نه آهي

دولتپور واسي گائينچو برادري جي عورتن ۽ مردن جو زمين تي قبضي خلاف حيدرآباد ۾ احتجاج

عورتن ۽ مردن بااثر ماڻهن پاران زمين تي قبضي خلاف ڪالهه پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو

ديهه ننڍي ڪنداهه ۾ مراد علي ڏاهري ۽ بخش هوٿيپوٽو کان 80 ايڪڙ زرعي زمين خريد ڪئي هئي: مظاهرين

گذريل مهيني سرور ڏاهري دولتپور ۽ علي آباد ٿاڻن تي اسان خلاف حملي جون ڪوڙيون ايف آءِ آر ڪرائي ڇڏيون آهن

حيدرآباد(اسحاق رپورٽر) دولتپور واسي گائينچو برادري جي عورتن ۽ مردن بااثر ماڻهن پاران زمين تي قبضي خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعري بازي ڪئي ان موقعي تي صنم گائينچو مشتاق گائينچو مختيار گائينچو ۽ ٻين الزام هڻندي چيو ته اسان 3سال اڳ تعلقي قاضي احمد جي ديهه ننڍي ڪنداهه ۾ مراد علي ڏاهري ۽ بخش هوٿيپوٽو کان 80 ايڪڙ زرعي زمين خريد ڪئي هئي جنهن جي رقم معاهدي موجب علي مراد ڏاهري کي ادا ڪري ڇڏي جنهن ثبوت اسان وٽ موجود آهن جڏهن ته گذريل مهيني سرور ڏاهري دولتپور ۽ علي آباد ٿاڻن تي اسان خلاف حملي جون ڪوڙيون ايف آءِ آر ڪرائي ڇڏيون آهن جڏهن ته ايف آءِ آر ۾ جوابدار ڄاڻايل حاجي ياسين گائينچو گذريل 11ورهين کان سعودي عرب ۾ موجود آهي ٻئي پاسي سرور ڏاهري گهوٽڪي ۽ شڪارپور جي ڪچي جا ڌاڙيل گهرائي زمين تي چڙهائي ڪري زمين تي موجود هارين کي مارڪٽ ڪري اتي موجود چوپايو مال کهي ڪاٺي ڇڏيو ۽ 80ايڪڙ زمين تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته زمين تي موجود 72 سولر پليٽون 7موٽرون هڪ بجلي وارو ٽرانسفارمر سميت ڪروڙين رپين جو سامان ڪٽيڪيائي ڇڏيو آهي هنن چيو ته سندن سان ظلم ٿيو آهي هنن وس وارنکان گهر ڪئي ته ماسري جو نوٽس وٺي انصاف ڪيو وڃي

بااثر قبضاگير سرور ڏاهري طرفان
زمين تي ڪيل قبضي ۽ ڪوڙين ايف آءِ آرن خلاف
احتجاجي بک هڙتال

حيدرآباد: نوابشاهه جا رهواسي زمين تي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

****

ڪوٽ غلام محمد جي ڳوٺ عمير فارم 15 ورهين جي ناري آپگهات ڪري ڇڏيو

ڪوٽ غلام محمد(ن ع) ڪوٽ غلام محمد جي ڳوٺ عمير فارم ديهه 291 ۾ 15سالا هندو ناري ڪويتا ڌي مڏو ڪولهي جو پنهنجي گهر جي لانڍي ۾ مبينا رسي سان ڦاهو کاڌل لاش هٿ آيو اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي لاش کي ڪٺائي ضروري ڪاروائي لاءِ تعلقه اسپتال ڪوٽ غلام محمد منتقل ڪيو جڏهن ته مقتولا جي وارثن ۽ پاءِ جو چوڻ هو ته اسان جي ڪنهن سان ڪابه دشمني نه آهي خبر نه آهي ڀيڻ جا جي ڪري خودڪشي ڪئي آهي اسان ڪيس وغيره داخل نٿا ڪري سگهون

گهوٽڪي ۾ ٻالڪ ادبي فورم سنڌ پاران جشن ٻارڙا جي هڪ تقريب

ٻار ڪائنات جي سونهن هوندا آهن ان جي پرگهور اسان سڀني کي لهڻ گهرجي: مقررين

تعليم هر ٻار جو بنيادي حق آهي انهن کي بهتر ۽ مڪمل سهوليتون ڏنيون وڃن

گهوٽڪي(ن ع) ٻارن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول پير خان محمود ۾ ٻالڪ ادبي فورم سنڌ پاران جشن ٻارڙا جي هڪ تقريب ٻالڪ ادبي فورم سنڌ جي مرڪزي صدر ۽ سنڌي ٻاراڻي ادب جي خوبصورت شاعر عبدالحئي پلو جي صدارت ۾ ڪوٺائي وئي جنهن ۾ اسڪول جي هيڊ ماستر نور محمد مهر ۽ استادن حافظ مولا بخش مهر امتياز احمد جهتيال محمد حسين مهر کان علاوه لاتعداد ۾ اسڪولي ٻالڪن شرڪت ڪئي جڏهن ته جشن ٻارڙا تقريب ۾ گلن جهڙن اسڪولي ٻارڙن محمد اعظم مهر سلمان شيخ اظهر علي ميراڻي آڏان مجيد پٺاڻ عبدالله غني شهرياني دلشير علي مهر شاهجان شيخ ۽ ٻين گيت، ڪلام ٽيبلوز ۽ خاڪا پيش ڪري پروگرام کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آخر ۾ ٻالڪ ادبي فورم سنڌ جي مرڪزي صدر عبدالحئي پلو ڳالهائيندي چيو ته ٻار ڪائنات جي سونهن هوندا آهن ان جي پرگهور اسان سڀني کي لهڻ گهرجي جڏهن ته تعليم هر ٻار جو بنيادي حق آهي انهن کي بهتر ۽ مڪمل سهوليتون ڏنيون وڃن جيئن هنن جي هٿن ۾ ڪتاب ۽ قلم هجن ڇو ته ٻار سراسر سونهن ۽ سچ هوندا آهن جنهن جي ڪري سڄي دنيا رنگين آهي ۽ انهن جي خوشبوءِ سان سموري جڳ ۾ هٻڪار آهي عبدالحئي پلو وڌيڪ چيو ته سنڌ جو ٻار وڏو ذهين ۽ هوشيار آهي ان جي ڪري هن ديس جي ٻارن کي محنت ڪري پڙهڻ گهرجي ڌرتي جي ٻارن جي حقن جي تحفظ لاءِ اسان سڀني کي جدوجهد ڪرڻ گهرجي جڏهن ته ان اسڪول جي ٻارن جو ٽيلينٽ ڏسي دل ڏاڍي خوش ٿي آهي

****

سڱيون ۾ سماجي برايون پوليس جي سرپرستي هيٺ هلڻ لڳيون

سڱيون(ن ع) سڱيون ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ سماجي برايون پوليس جي سرپرستي هيٺ هلڻ لڳيون منشيات، فحاشي جا اڏا آڪڙا پرچي ۽ ٻيون مختلف قسمن جون سماجي برايون تيزي سان وڌڻ سبب نوجوان نسل تباهي جي ڪناري تي پهتل گذريل رات ملاح محلا سڱيون جو نوجوان دين محمد ملاح هيروئن نشي وايرائڻ سبب فوت اڻڙ کي بيهوشي جا دورا ان موقعي تي شهرين ميان اسدالله چنو غوث بخش ملاح، ضمير حسين ملاح عبد الرزاق ملاح رستم علي ملاح ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سڱيون پوليس چونڪي تي مقرر ٿيل چونڪي انچارج سهراب شر سماجي براين خلاف ڪارروائي ڪرڻ بدران رشوت عيوض سهولت ڪار بڻيل آهي جيڪو منشيات فروشن کان هر هفتي 15000 وصول ڪري رهيو آهي ڪيترائي ڀيرا شڪايتون ڪرڻ باوجود سماجي براين تي ڪنٽرول نه ٿي سگهيو آهي اسان جي وزير اعلي سنڌ آئي جي سنڌ ،ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور ۽ ٻين وس وارن کي اپيل آهي ته نوٽيس وٺي نوجوان نسل کي تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

نوابشاهه ۾ انڊر 20 اسپورٽس فيسٽيول منعقد ڪرائڻ بابت اجلاس

شهيد بينظيرآباد انڊر 20 اسپورٽس فيسٽيول ڪرايو پيو وڃي: ڊي سي

دلچسپي رکندڙ نوجوانن کي راندين جي ميدان ۾ پاڻ مڃرائڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ آهي

سڪرنڊ (ن ع) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد شهريار گل ميمڻ جي صدارت هيٺ ڊسٽرڪٽ شهيد بينظيرآباد انڊر 20 اسپورٽس فيسٽيول منعقد ڪرائڻ جي سلسلي ۾ ڊي سي آفيس جي دربار هال ۾ اهم اجلاس ٿي گذريو اجلاس ۾ ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر شهريار گل ميمڻ چيو ته ضلعي جي نوجوانن کي صحتمند سرگرمين جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ ضلعي انتظاميه پاران ڊسٽرڪٽ شهيد بينظيرآباد انڊر 20 اسپورٽس فيسٽيول ڪرايو پيو وڃي جنهن جو مقصد راندين سان دلچسپي رکندڙ نوجوانن کي راندين جي ميدان ۾ پاڻ مڃرائڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ آهي ڊپٽي ڪمشنر راندين واري کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته اسپورٽس فيسٽيول کي شاندار نموني ڪرائڻ لاءِ بهتر انتظام ڪيا وڃن اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته ڊسٽرڪٽ شهيد بينظيرآباد انڊر 20 اسپورٽس فيسٽيول 24 نومبر کان بلاول اسپورٽس ڪمپليڪس نواب شاهه ۾ شروع ڪيو ويندو جيڪو پهرين ڊسمبر ٽائين جاري رهندو ان موقعي تي اجلاس کي آگاهي ڏيندي ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر شهيد بينظيرآباد عبدالرحيم راجپوت ٻڌايو ته ضلعي انتظاميه شهيد بينظيرآباد پاران ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيس جي سهڪار سان انڊر 20 اسپورٽس فيسٽيول منعقد ڪيو پيو وڃي جنهن ۾ 20 سال کان گهٽ عمر وارا رانديگر حصو وٺندا اسپورٽس فيسٽيول ۾ ڪرڪيٽ، بيڊمنٽن ، ٽيبل ٽينس ، لان ٽينس ، باڊي بلڊنگ، هاڪي ، فٽبال ، ٿرو بال ۽ ڪراٽي جا شاندار مقابلا ڪيا ويندا جنهن لاءِ سمورا ڀرپور انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر نواب سمير لغاري، ڊپٽي مئير چوڌري مبشر آرائين سميت مختلف کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي

سڪرنڊ: نوابشاهه ۾ انڊر 20 اسپورٽس فيسٽيول منعقد ڪرائڻ بابت ڊي سي اجلاس جي صدارت ڪندي

عمرڪوٽ ۾ پ پ پ جا نوان عهديدار مقرر ٿيڻ تي مٺايون تقسيم

ڪنري(ن ع) ڊاڪٽر نور علي شاهه کي پي پي ضلعي عمرڪوٽ جو صدر ۽ صوفي نواز سومرو کي جنرل سيڪريٽري مقرر ڪرڻ تي جيالن ۾ خوشي جي لهر ڦهلجي وئي مختلف هنڌن تي مٺائي ورهائي وئي پي پي قيادت طرفان مرحوم حاجي علي مردان شاهه جي ڀاءُ ،عمرڪوٽ ضلعي ڪونسل جي اڳوڻي چيئرمين سينئر سرگرم جيالي ڊاڪٽر نور علي شاهه کي پي پي ضلعي عمرڪوٽ جو صدر ۽ جهوني جيالي صوفي نواز سومرو کي ٻيهر ضلعي جنرل سيڪريٽري مقرر ڪرڻ بعد هو پي پي جي سينئر متحرڪ اڳواڻ الهبچايو آسير جي رهائش گاهه پهچي سندس عيادت ڪئي جڏهن ته جيالن جي وڏي انگ برهان ڪنير جي اڳواڻي ۾ ڪارلو سيد پهچي ڪين هار پارائي مبارڪون ڏنيون ۽ مٺائي پڻ ورهائي هن موقعي تي ڊاڪٽر نور علي شاهه ڪارڪنن جا مسئلا معلوم ڪيا ۽ خطاب ڪندي چيو ته آئون پارٽي قيادت جو ٿورائتو آهيان جنهن مون ادني ڪارڪن کي ضلعي صدارت جهڙو اهم عهدو ڏنو انهي کي نڀائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندس اسان جي خاندان هميشه پارٽي سان هر ڏک سک ۾ نڀايو موٽ ۾ پارٽي به اسان کان ڀرپور نڀايو جيالن ۽ ورڪرن جي هر مسئلي لاءِ منهنجا دروازا کليل آهن پارٽي کي وڌيڪ منظم مضبوط ۽ ڪارڪنن کي سرگرم ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪندس هن چيو ته اڄ منهنجي ڀاءُ مرحوم حاجي علي مردان شاهه جي سخت ڪمي محسوس ٿئي پئي هو هميشه پارٽي لاءِ پاڻ سچو رهيو اسان کي به پارٽي سان وفادار رهڻ جي تلقين ڪندو رهيو

گلاب لغاري لڳ لطيف شناسائي جو هفتو ملهايو ويو

گورنمينٽ بوائز هاير سيڪينڊري اسڪول ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي کي ڀيٽا پيش

پروگرام ۾ شاهه لطيف جي شاعري، وائي، بيت، تقريرون ۽ ڪوئيز جا مقابلا ڪيا ويا

گلاب لغاري(ن ع) گورنمينٽ بوائز هاير سيڪينڊري اسڪول ۾ لطيف شناسائي جو هفتو ملهايو ويو گورنمينٽ هاير سيڪينڊري اسڪول گلاب لغاري ۾ سنڌ جي عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي کي ڀيٽا ڏيڻ لاءِ پروگرام ڪيو ويو جنهن ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين ڀرپور حصو ورتو پروگرام ۾ شاهه لطيف جي شاعري، وائي، بيت، تقريرون ۽ ڪوئيز جا مقابلا ڪيا ويا. تقريرن ۾ نائين ڪلاس جي شاگردياڻي جگن ڪوسو پهرين ۽ ڏهين ڪلاس جي شاگرد ساگر ٻئين پوزيشن حاصل ڪئي ۽ وائي ۾ ڇهين ڪلاس جي شاگرد دلشير دستي پهرين ۽ ڏهين ڪلاس جي شاگرد صابر لغاري ٻئين پوزيشن حاصل ڪئي پروگرام ۾ شاهه لطيف جي شاعري ۽ زندگي تي اسڪول جي سينيئر استادن گل محمد ڏنوڙ ۽ سيف الدين لغاري ڳالهايو اسڪول جي هيڊماستر خالد حسين لغاري ڳالهائيندي چيو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي هڪ آفاقي ۽ لافاني شاعر آهي سندس شاعري انسانيت سان محبت ڪرڻ سيکاري ٿي. شاهه لطيف اسان جي سماج جو هڪ ڏاڪي شاعر هو سندس ڪلام پڙهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ سان زندگي جا عظيم مقصد حاصل ڪري سگهون ٿا آخر ۾ اسڪول جي هيڊ ماسٽر خالد حسين لغاري طرفان پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي انعام ڏنا ويا.

گلاب لغاري: پروگرام ۾ مقابلو کٽيندڙ شاگرد کي ٽرافي ڏني پئي وڃي

گورنمينٽ صادق فقير بوائز ڊگري ڪاليج مٺي ۾ سائنسي نمائش

مٺي (ڊ-ر) گورنمينٽ صادق فقير بوائز ڊگري ڪاليج مٺي ۾ سائنسي نمائش منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ضلعي جي 8 ڪاليجن جي شاگردن کان علاوه استادن ۽ عملي شرڪت ڪئي ان موقعي تي شاگردن پاران مختلف قسم جا اسٽال لڳايا ويا آهن جن ۾ سندن هٿ سان ٺاهيل سائنسي ايجادون،پينٽنگس،فن پارا ۽ ٻيون شيون شامل آهن ان کان علاوه شاگردن وچ ۾ تقريري مقابلا ٽيبلوز ۽ ڪوئيز ڪامپيٽيشن پڻ ڪرايا پيا وڃن. ان موقعي تي ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر ڀواني شنڪر ڳالهائيندي چيو ته مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي آهي ته گورنمينٽ صادق فقير بوائز ڊگري ڪاليج کي ضلعي ۾ پهرين سائنسي نمائش لڳائڻ جو اعزاز حاصل ٿيو آهي.هن چيو ته سنڌ جي تعليم کاتي واري وزير جي حڪم تي سموري سنڌ جي ڪاليجن ۾ اهڙيون نمائشون لڳايون پيون وڃن پر اچوڪي هي نمائش ڏسي لڳي ٿو ته اسان جي شاگردن ۾ وڏو ٽيلنٽ موجود آهي جن کي اڳتي اچڻ جو جيڪڏهن موقعو ڏجي ته اهي سڀ کان بهتر پنهنجو جوهر ڏيکاري سگهن ٿا.هن چيو ته اچوڪي نمائش ۾ شاگردن پاران جنهن ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيو ويو آهي ان مان ثابت ٿئي ٿو ته اسان جي شاگردن ۾ تمام گهڻي صلاحيت آهي هن چيو ته اهو سڀ ڪجهه بهتر تعليم ۽ تربيت جي ڪري آهي.هن استادن،والدين ۽ شاگردن تي زور ڀريو ته اهي پنهنجي ٻارن تي نظر رکن ته جيئن اسان جي ٻارن جو مستقبل روشن ٿي سگهي ۽ اهي اڳتي هلي ملڪ ۽ قوم جو نالو روشن ڪري سگهن.

محمود خان مهيسر تي ڪوڙي ڪيس جي مذمت ڪريون ٿا: فياض ڀٽ

پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن کي خاموش ڪرڻ ۽ خوفزده ڪرڻ جي واضح ڪوشش آهي

پيپلز پارٽي تعلقه ميهڙ ۾ محمود خان مهيسر ۽ سمورن ڪارڪنن سان يڪجهتي ۾ بيٺي آهي

ميهڙ(ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقه ميهڙ جي صدر محمود خان مهيسر خلاف بي بنياد ايف آءِ آر داخل ٿيڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا هي ناانصافي آهي هڪ مخالف جي چوڻ تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جيڪو خارج ڪيو وڃي اهڙو اظهار اڳوڻي صوبائي وزير ايم پي اي ميهڙ فياض علي خان ڀٽ ميهڙ پريس ڪلب جي صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو هن چيو ته پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن کي خاموش ڪرڻ ۽ خوفزده ڪرڻ جي واضح ڪوشش آهي پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقه ميهڙ ۾ محمود خان مهيسر ۽ سمورن ڪارڪنن سان يڪجهتي ۾ بيٺي آهي جيڪي عوام جي خدمت ۽ جمهوري قدرن کي برقرار رکڻ لاءِ پرعزم آهن اسان اعليٰ اختيارين کان مطالبو ٿا ڪريون ته هن ڪوڙي ايف آءِ آر کي فوري طور تي ختم ڪري ڪارڪنن مان بيچيني دور ڪئي وڃي اهڙيون حڪمت عمليون اسان کي مظلومن جي حقن لاءِ وڙهڻ ۽ عوام جي خدمت جي مشن کي جاري رکڻ کان نه روڪينديون ان موقعي تي قادر چانڊيو پڻ موجود هو

پ پ کي ختم ڪرڻ جون ڳالهيون ڪندڙ پاڻ ختم ٿي ويندا: مظهر حسين جوڻيجو

عوام چاليهه سالن جون سياسي وابستگيون ختم ڪري پ پ پ ۾ شامل ٿي رهيو آهي

پ پ بنا ڪنهن رنگ نسل کان هٽي ڪري عوام جي خدمت تي يقين رکي ٿي: ميڊيا سان ڳالهيون

سنجهورو(ات ر) پ پ پ کي ختم ڪرڻ جون ڳالهيون ڪندڙ احمقن جي دنيا ۾ رهن ٿا پ پ پ جي نظرئي منشور ۾ ايڏي وڏي سچائي محبت موجود آهي جو ٻيا سڀ سياسي نظريه ختم ٿي چڪا آهن آهن سنڌ جي عوام چاليهه سالن جون سياسي وابستگيون ختم ڪري پ پ پ ۾ شامل ٿي رهيو آهي اهو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي نظرئي جي وڏي ۾ وڏي فتح آهي اهڙي خيالن جو اظهار پ پ پ جي رهنما مظهر حسين جوڻيجو صحافي معشوق خاصخيلي غلام رسول سان سندس چاچي جي وفات تي تعزيت ڪانپوءِ صحافين سان ڳالهائيندي چيو هن چيو ته پ پ پ بنا ڪنهن رنگ نسل کان هٽي ڪري عوام جي خدمت تي يقين رکي ٿي ٻين سياسي پارٽين پنهنجا نواز پاليسين تي عمل ڪندي پنهنجا گهر ڀريا پر جڏهن به اقتدار ۾ آئي اهو دور عوام لاءِ سونهري دور ثابت ٿيو آهي جنهن دور ۾ هزارين نوجوانن کي روزگار سان نوازيو ويو جنهن سان غربت جي شرح ۾ ڪمي ٿي هن چيو ته جن ضلعي سانگهڙ تي چاليهه سال حڪمراني ڪئي انهن ضلعي سانگهڙ جي عوام کي تباهه ٿيل تعليمي نظام ڀڳل روڊ رستن کان سواءِ ڪجهه به ڏنو پر پ پ پ جي موجوده سنڌ حڪومت سڄي سنڌ جيان ضلعي سانگهڙ ڪروڙين روپين جا ترقياتي ڪم ڪرائي ضلعي سانگهڙ مان شهري ٻهراڙي وارو تصور ختم ڪرائي ڇڏيو آهي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

ABC CERTIFIED

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

روزاني عبرت

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ٻاڦوار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي

روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

خميس 21 نومبر 2024ع

دهشتگردن خلاف حتمي آپريشن جو فيصلو!

اربعا ڏينهن وزيراعظم جي صدارت ۾ ٿيل نيشنل ايڪشن پلان جي ايپيڪس ڪاميٽي جي اجلاس ۾ ملڪي صورتحال جو جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ بلوچستان ۾ سرگرم دهشتگرد تنظيمن خلاف آپريشن جي منظوري ڏني وئي. نيشنل ڪائونٽر ٽيررازم اٿارٽي (نيڪٽا) کي ٻيهر فعال ڪرڻ، قومي ۽ صوبائي انٽيليجنس تعاون ۽ خطري جي تشخيص جا مرڪز قائم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو. اجلاس ۾ اهو پڻ فيصلو ڪيو ويو تہ دهشتگرديءَ خلاف مهم بابت وفاقي حڪومت جي هدايتن تي عمل لاءِ صوبائي ايپيڪس ڪاميٽين جي نگرانيءَ ۾ ضلعي رابطا ڪاميٽيون قائم ڪيون وينديون. پڌرائي موجب ايپيڪس ڪاميٽي گهڻ رخي چئلينجن کي موثر انداز ۾ منهن ڏيڻ لاءِ هڪ متحد سياسي آواز ۽ هڪ مربوط قومي ردعمل جي ضرورت کي اجاگر ڪندي، ان ڳالهہ تي زور ڏنو تہ سياسي حمايت ۽ مڪمل قومي اتفاق راءِ، عزم ۽ استحڪام جي فريم ورڪ تحت قومي دهشتگرديءَ خلاف مهم کي ٻيهر متحرڪ ڪرڻ لاءِ ضروري آهي. نيڪٽا کي بحال ڪرڻ، نيشنل ۽ صوبائي انٽيليجنس فيوزن اينڊ ٿريٽ اسيسمينٽ سينٽر قائم ڪرڻ تي بہ اتفاق ڪيو ويو.

جنهن ڏينهن ايپيڪس ڪاميٽيءَ جي اجلاس جون خبرون شايع ٿيون آهن، ساڳي ڏينهن تي ميڊيا ۾ ضلع بنون ۾ دهشتگردن جي حملي ۾ 12 جوانن جي شهيد ٿيڻ واري رپورٽ بہ ڏيکاري وئي پئي، جنهن جي تفصيلن ۾ ٻڌايو ويو هو تہ 19 نومبر تي خوارج پاران ضلع بنون جي علائقي ملي خيل ۾ هڪ گڏيل چيڪ پوسٽ تي حملو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، اُن دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ 6 خوارج جهنم رسيد ٿي ويا. سيڪيورٽي فورسز جي موثر مزاحمت سبب خوارج چيڪ پوسٽ ۾ داخل نہ ٿي سگهيا، جنهن تي هُنن بارود سان ڀريل هڪ گاڏي کي چيڪ پوسٽ جي ٻاهرين ديوار سان ٽڪرائي ڇڏيو. خودڪش ڌماڪي جي نتيجي ۾ ديوار جو هڪ حصو ڪري پيو. جڏهن تہ 12 بهادر سپاهي شهيد ٿي ويا، جن ۾ 10 سيڪيورٽي فورسز جا جوان ۽ 2 فرنٽيئر ڪانسٽيبلريءَ جا اهلڪار شامل آهن. مطلب تہ دهشتگردن رڻ ٻاري ڏنو آهي. ڪڏهن بلوچستان جي سرزمين کي ٽامو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي تہ ڪڏهن ڪي پي ڪي ۾ سيڪيورٽي اهلڪارن کي نشانو بڻايو پيو وڃي. اُنهن جي اهڙين ڪارروائين ۾ هيستائين هزارين جوان شهادت جو جام نوش ڪري چُڪا آهن. جنهن ڪري سرڪار اُنهن خلاف حتمي آپريشن جي منظوري ڏني آهي. اسين سمجهون ٿا اِها آپريشن وقت جي ضرورت آهي. ڇو تہ دهشتگرديءَ جا واقعا هاڻ معمول بڻجي ويا آهن. جن زندگيءَ کي بُريءَ ريت متاثر ڪري ڇڏيو آهي. ماڻهن جا ڪاروبار ٺپ ٿي رهيا آهن. خلق مسافتون ترڪ ڪري محدود زندگي گذارڻ تي مجبور آهي. ڇو تہ آئي ڏينهن مسافرن کي بسن مان لاهي گوليون هڻي قتل ڪيو وڃي ٿو. تنهن ڪري ماڻهن ايران ۽ عراق ڏانهن زيارتن تي وڃڻ بہ گهٽائي ڇڏيو آهي. جڏهن تہ سيڪيورٽي اهلڪار هڪ عرصي کان دهشتگردن جي ٽارگيٽ تي رهيا آهن ۽ جديد توڙي ڳرن هٿيارن سان ليس ٿي اُهي حملي آور ٿين ٿا. بنون وارو واقعو جنهن جو مثال آهي. جو سيڪيورٽي اهلڪارن جڏهن دهشتگردن کي ٽارگيٽ بڻائڻ شروع ڪيو تہ اُنهن بارود سان ڀريل ٽرڪ چيڪ پوسٽ سان ٽڪرائي خودڪش ڌماڪو ڪري ڇڏيو، جنهن سبب 12 اهلڪار شهيد ٿي ويا.

اسين بنون توڙي بلوچستان ۾ شهيد ٿيندڙ جوانن کي خراج تحسين پيش ڪندي سرڪار کان اِهو ئي مطالبو ٿا ڪريون تہ مُلڪ ۾ امن امان جي بحاليءَ لاءِ ڀرپور آپريشن ڪيو وڃي تہ جيئن خلق سُڪون جو ساهہ کڻي سگهي.

هاڻي مداخلت منظور آهي؟

ايس اي زاهد

گاڏين جي پويان " اسان کي غلام آهيون" ۽ " امريڪي مداخلت" نامنظور لڳرائڻ وارا، هاڻ امريڪي ڪانگريس ميمبرن کان خط لکرائيندا آهن تہ امريڪا پاڪستان جي اندروني معاملن ۾ کُليل طور مداخلت ڪري. شايد هاڻ گاڏين جي پويان امريڪي جهنڊي سان گڏ " امريڪا زنده باد" ۽ "ها اسان غلام آهيون" جا نعرا لڳرايا وڃن. آخر ڪيستائين پاڪستاني عوام، خاص طور تي نوجوانن کي بيوقوف بڻايو ۽ سمجهيو ويندو. هاڻ تہ انهن ماڻهن کي پنهنجي سوچ تبديل ڪري مثبت سوچ اختيار ڪرڻ گهرجي، جيڪي اهڙا نعرا لڳرائڻ ۽ لڳرائڻ وارن جي جوڙ ۾ آيا هئا. اِها ڪهڙي سياست آهي تہ پنهنجي مفادن جي لاءِ ٻاهرين ماڻهن کي پنهنجي ملڪي معاملن ۾ مداخلت ڪرڻ جي لاءِ ڪوششون ڪيون وڃن ۽ اُن مقصد جي لاءِ مبينا طور تي ڳري رقم خرچ ڪيون وڃن. اِهي اُهي ئي ماڻهو آهن جيڪي آئيني طور تي اقتدار کان محرومي ڪانپوءِ امريڪا تي مداخلت جي الزامن تي مبني بيانيي جي تشهير ڪندا هئا. ڇا پاڪستاني قوم هاڻ اهڙن ماڻهن جو اعتبار ڪندي. شايد بلڪل نہ. انهيءَ لاءِ تہ ان پارٽي کي هيئنر تائين تمام احتجاجي جلسا ۽ جلوس فلاپ ٿي چُڪا آهن. پاڪستان جي خلاف ڪجهہ امريڪي ڪانگريس ميمبرن جي طرفان سبڪدوش ٿيڻ واري صدر جوبائيڊن کي پهرين بہ خط لکيا ويا هئا. اُن خط کي لکرائڻ وارن ميمبرن جي تعداد 65 هئي، هاڻ جيڪو ٻيو خط لکيو ويو آهي اِهو 46 ميمبرن جي طرفان لکيو ويو آهي. پهرئين خط جي ڪافي ڏينهن ڪانپوءِ امريڪي حڪومت جي ترجمان رد عمل ڏيندي صرف صرف ايترو چيو هو تہ اُن خط جو جواب مناسب وقت تي ڏنو ويندو. سمجهڻ وارن جي لاءِ ايترو ڪافي هو. سوال اِهو آهي تہ امريڪا ڇو پاڪستان تي ڪنهن هڪ ماڻهو جي لاءِ زور ڏيندو. جڏهن تہ ڪيسن جي نوعيت بہ سياسي نہ آهي ۽ اُهي ڪيس عدالتن ۾ ٻڌڻي هيٺ آهن. ڇا پاڪستان جي دفاعي تنصيبات تي حملا ۽ شهيدن جي يادگارن جي بي حرمتي ڪرڻ ۽ انهن ڏوهاري سرگرمين کي سڄي دنيا ۾ ڪو بہ جائز قرار ڏئي سگهي ٿو. ڇا انهن واقعن جا منصوبا ساز ۽ ماڻهن کي اهڙو عمل ڪرڻ جي لاءِ اُڪسائڻ وارن کي بي گناهہ قرار ڏئي سگهي ٿو. ڇا پاڪستان هڪ آزاد ۽ خودمختيار ملڪ نہ آهي يا ڪنهن جي ڪالوني آهي. ڇا پاڪستاني قوم جيڪا هاڻ سڄي حقيقت ڄاڻي چُڪي آهي، اهڙن ماڻهن جي حمايت ڪندي. مٿي ڄاڻايل تمام ڳالهيون ناممڪن آهن. جيستائين پاڪستان ۾ انساني حقن جي پائمالي جي ڳالهہ آهي تہ اُها پائمالي ڪهڙي آهي، اِهو بہ تہ ٻڌايو وڃي. ڪو بہ وڃي ڏسي تہ پي ٽي آءِ جي بانيءَ سان گڏ جيل ۾ ڪهڙي زيادتي ٿي رهي آهي. ڇا جيڪي سهولتون هُن کي حاصل آهن باقي قيدين کي بہ حاصل رهيون آهن؟ جيڪڏهن ڪنهن ٻاهرين دٻاءَ جي ڪري پي ٽي آءِ جي باني کي آزادي ڏني ٿي وڃي تہ پوءِ پاڪستاني قانونن ۽ عدليا جي وضاحت ڪرڻ لاءِ ڇا بچندو. پوءِ تہ تمام قيدين جو حق نہ آهي ٿو تہ انهن کي بہ آزاد ڪيو وڃي. دفاعي تنصيبات ۽ شهيدن جي يادگارن جي اهميت ڇا رهجي ويندي. ٻاهرين ملڪ فرار ٿيڻ وارن ۽ اُتي رهندڙ ڪجهہ گمراهہ عنصر جن جو تعلق مخصوص پارٽي سان آهي، مسلسل پاڪستان ۽ رياستي ادارن جي خلاف ناپاڪ ۽ غليظ پروپئگنڊا سوشل ميڊيا جي ذريعي ڪرڻ ۾ مصروف آهن. انهن کي لغام وجهڻ جي لاءِ هڪ منظم ڪارروائي تمام گهڻو ضروري آهي. پاڪستان ۾ اُنهن جي خلاف نوٽس ۽ ناقابل ضمانت ايف آءِ آر درج ڪري ڪيسن داخل ڪرايا وڃن. جيستائين پاڪستان ۾ انساني حقن جي ڳالهہ آهي تہ هتي اقليتن سميت سڀني کي برابر جا حق حاصل آهن. ملڪي قانونن جي خلاف ورزي تي ڪيسن جو انساني حقن سان ڪهڙو تعلق آهي. ملڪي عدالتون آزاد آهن. ڪو بہ پنهنجي قانوني ۽ جائز حق جي لاءِ عدالت کان رجوع ڪري سگهي ٿو ۽ ماڻهو ڪندا بہ آهن. قانون جي مطابق انصاف ڏيارڻ نہ تہ حڪومت جو اختيار آهي ۽ نہ ئي ڪنهن رياستي اداري جو. اِهو اختيار صرف عدليا کي حاصل آهي ۽ عدليا مان انصاف جي لاءِ رجوع ڪرڻ هر پاڪستاني جو حق آهي. البتہ دفاعي معاملن کي ڏسڻ ۽ اُنهن جي حوالي سان معاملن جو اختيار فوجي عدالتن کي هئڻ گهرجي. ائين نٿو ٿي سگهي تہ جنهن جو دل چاهي دفاعي تنصيبات تي حملي آور ٿي وڃي يا رياستي ادارن کي بدنام ۽ ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. انساني حقن جي ڳالهہ ڪرڻ ۽ اُن کي بنياد بڻائي ڪنهن مخصوص پارٽي يا ڪنهن واحد فرد جي حمايت ڪرڻ وارن کي فلسطين ۽ لبنان نظر نٿو اچي، ڇا اُهي انسان نہ آهن. جن جي حقن ۽ سرزمين کي غصب ڪرڻ وارا صهيوني سرعام انهن بي گناهن جو قتل عام ڪري رهيا آهن ۽ انساني حقن جي علمبردار انهن قاتلن جي هر طرح سان مدد ڪري رهيا آهن. ڇا انساني حقن جي دعويدارن کي والاريل ڪشمير جا مسلمان انسان نٿا لڳن. جن جي انساني حقن جي ڀارت گذريل 7 ڏهاڪن کان پائمالي ڪري رهيو آهي ڪشمير جي رياستي خود مختياري جي آئيني حيثيت کي ختم ڪرڻ جا ڀارتي غير آئيني ۽ غير انساني قدمڪنهن کي نظر نٿا اچن. پنهنجي انساني حقن ۽ رياستي خود مختياري جي لاءِ آواز بُلند ڪرڻ وارن کي قتل ڪرڻ وارا ڀارتي درندا ڪنهن کي نظر نٿا اچن. انساني حقن جا نالي ماتر علمبردار اِهو بہ معلوم ڪن تہ ڀارتي جيلن ۾ قيد جون سختيون برداشت ڪرڻ وارن ڪشميري اڳواڻن ۽ ڪشميري نوجوانن جو ڏوهہ ڪهڙو آهي ۽ اِهي وڏي عرصي کان ڪنهن ڏوهہ جي ڪري قيد ۾ آهن. جن ۾ ياسين ملڪ ۽ ٻين اڳواڻن جي زندگين کي شديد خطرا لاحق آهن. پي ٽي آءِ جي باني جي آزادي جي لاءِ خط لکڻ وارا ۽ امريڪي لابيز کي ڳري رقم ادا ڪرڻ وارا پهرين اِهو تہ ٻڌائين تہ آخر انهن کي پي ٽي آءِ جي باني سان ايتري محبت ڇو آهي ۽ اُن جي آزادي سان انهن جا ڪهڙا مفاد جڙيل آهن. اِها ڳالهہ حتمي آهي تہ ڪنهن ٻاهرين دٻاءَ يا جلسي جلوسن سان فائدو نہ بلڪ نقصان انهن جو ئي ٿيندو ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن بہ وقت اسٽيبلشمينٽ جي طرفان تمام معاملن تي موقف سامهون اچي وڃي.

وي پي اين پابندي نامنظور؟

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

پاڪستان ٽيليڪام اٿارٽي (پي ٽي اي) طرفان باضابطہ طور تي آگاهہ ڪيو ويو آهي تہ هلندڙ مهيني جي اختتام ڪانپوءِ سڄي ملڪ ۾ غير رجسٽرڊ ٿيل ورچوئل پرائيويٽ نيٽ ورڪ (وي پي اين) کي مڪمل بند ڪيو ويندو. سينيٽ جي قائمہ ڪاميٽي براءِ آءِ ٽي ۽ ٽيليڪام جي سامهون چيئرمين پي ٽي اي ٻڌايو تہ سافٽ ويئر هائوس، ڪال سينٽر بينڪ، سفارتخانن، فري لانسرز ۽ آءِ ٽي سميت ٻين شعبن سان تعلق رکڻ وارا ماڻهو ۽ ادارا پنهنجو وي پي اين پي ٽي اي جي ويب سائٽ تي آن لائن رجسٽر ڪرائي سگهن ٿا. ٿيهہ نومبر ڪانپوءِ عام انٽرنيٽ صارفين جي لاءِ تمام منع ٿيل ويب سائٽس بشمول ايڪس (اڳوڻو ٽوئيٽر) سوشل ميڊيا پليٽ فارم تائين پهچ ناممڪن ٿي ويندي. سوشل ميڊيا کي ريگيوليٽ ڪرڻ جي حوالي سان موجوده حڪومتي قدمن مون کي پنهنجي ماضيءَ ۾ تحرير ڪيل اخباري ڪالم ياد ڪرائي ڇڏيا. جڏهن مون قومي سلامتي، اندروني امن استحڪام ۽ نفرتن جو پرچار روڪڻ جي خاطر سوشل ميڊيا جو ذميوارانو استعمال يقيني بڻائڻ جي لاءِ ڪجهہ تجويزون پيش ڪيون هيون. اِهو ئي سبب آهي تہ اڄ جڏهن وي پي اين جي حوالي سان هڪ نئين بحث شروع ٿي وئي آهي تہ مون مناسب سمجهيو تہ پاڙيسري ملڪن ۽ ٻين عالمي ملڪن ۾ اُن حوالي سان صورتحال جو جائزو ورتو وڃي. ٻہ سال پهرين ڀارت ۾ هڪ نئون قانون متعارف ڪرايو ويو تہ ڀارت ۾ موجود وي پي اين سروس فراهم ڪرڻ وارن کي پنهنجي استعمال ڪندڙ جو گهٽ ۾ گهٽ پنج سالن تائين جو رڪارڊ رکڻو پوندو. وي پي اين سروس پرووائيڊرز کي پابند ڪيو ويو تہ اُهي غير قانوني سرگرمين ۾ ملوث انٽرنيٽ صارفين جو ڊيٽا قانون نافذ ڪرڻ وارن ادارن سان گڏ شيئر ڪن. اهڙي طرح ڀارت ۾ سماج دشمن عنصرن جي طرفان واٽس ايپ جو ناجائز استعمال روڪڻ جي لاءِ حڪومتي ڪوششون جاري آهن. متحده عرب امارات ۾ وي پي اين جي استعمال تي پابندي نہ آهي پر اماراتي قانون تحت منع ٿيل مواد تائين پهچ جي لاءِ وي پي اين جو استعمال قابل سزا ڏوهہ آهي. اماراتي سرزمين تي موجود هر شخص، ڀلي اهو اُتان جو رهواسي هجي يا سياح، اُن کي هر حال ۾ متحده عرب امارات جي ٽيلي ڪام ڊجيٽل ريگيوليٽري اٿارٽي جي هدايت نامي تي عمل ڪرڻو هوندو آهي. وي پي اين جي ذريعي منع ٿيل ويب سائٽس تائين غير قانوني پهچ، آءِ پي ايڊريس تبديل ڪري سائبر ڪرائيم، ڪاپي رائيٽس جي خلاف ورزي، الزام تراشي ۽ جعلي خبرن تي سختيءَ سان پابندي آهي. ايتري قدر جو وي پي اين جي ذريعي غير قانوني واٽس ايپ آڊيو يا وڊيو ڪالز بہ قابل گرفت سائبر ڏوهہ آهن. جن جي ڳري سزا پنج لک دينار کان 20 لک دينار ۽ اُن سان گڏ قيد جي سزا بہ ٻڌائي سگهجي ٿي.

اهڙي طرح جڏهن مون چين، برطانيا، روس، ترڪيہ، برازيل، ڏکڻ آفريڪا سميت مختلف ملڪن جي انٽرنيٽ قانونن جو مطالعو ڪيو تہ مون کي خبر پئي تہ اُتي ٽيڪنيڪلي وي پي اين تي پابندي نہ آهي پر وي پي اين جو ناجائز استعمال روڪڻ جي لاءِ ڪجهہ بندشون ضرور لاڳو ڪيون ويون آهن. ٻئي طرف امريڪا، ڪئناڊا ۽ برطانيا ۾ وي پي اين جي بنا روڪ ٽوڪ آزادانہ استعمال جي ڪري قومي سلامتي کي لاحق خطرن ۽ سماجي نقصانن تي آوازون اُٿي رهيون آهن. مون هلندڙ سال 21 مارچ تي شايع ٿيل پنهنجي اخباري ڪالم ۾ ذڪر ڪيو هو تہ اظهارِ راءِ جي آزادي جي علمبردار ڪئناڊا جي پارليامينٽ ۾ آن لائن هارم ايڪٽ متعارف ڪرايو ويو آهي، جنهن تحت انٽرنيٽ تي سوشل ميڊيا مواد جي ذريعي انتهاپسندي ۽ پُرتشدد دهشتگردي جو مقابلو ڪرڻ جي لاءِ ڊجيٽل سيفٽي ڪميشن آف ڪئناڊا قائم ڪيو پيو وڃي. مون 25 اپريل تي پنهنجي ڪالم ۾ اِها ڳالهہ اجاگر ڪئي هئي تہ چين ۾ گريٽ فائروال آف چائنا جي بدولت ڪنهن ٻاهرين قوت يا مقامي سهولتڪار جي مجال نہ آهي تہ اُهي ملڪي سلامتي جي خلاف ڪو قدم کڻي سگهن. مون کي فخر آهي تہ آئون اڄ کان ساڍا 7 سال پهرين 30 مئي 2017ع تي پنهنجي اخباري ڪالم ۾ سوشل ميڊيا جي لاءِ ضابطہ اخلاق يقيني بڻائڻ جي لاءِ انٽرنيٽ رجسٽريشن سميت ڪجهہ تجويزون پيش ڪيون هيون، جن کي نافذ ڪري انٽرنيٽ تي نفرت آميز مواد جي ورج کي روڪي سگهجي ٿو. مون اُن ڳالهہ تي زور ڏنو هو تہ دنيا جا تمام مهذب معاشرا سوشل ميڊيا جي منفي اثرن جي روڪٿام يقيني بڻائڻ جي لاءِ مصروف عمل آهن. جڏهن تہ پاڪستان ۾ هر ڀي گمنام ويب سائيٽ يا سوشل ميڊيا اڪائونٽ پروپئگنڊا ڪرڻ ۾ ملوث آهي، سڀ کان وڌيڪ تشويشناڪ ڳالهہ مخالفن جي خلاف نازيبا زبان جو استعمال آهي. اڄ جيڪڏهن ساڍن 7 سالن ڪانپوءِ سوشل ميڊيا صورتحال جو تقابلي جائزو ورتو وڃي تہ شدت پسند عنصرن جي طرفان انٽرنيٽ جو غلط استعمال تمام گهڻو وڌي چُڪو آهي. صورتحال کي گنڀير بڻائڻ ۾ بنا شڪ وڏو هٿ وي پي اين جي ناجائز استعمال جو آهي. جڏهن تہ پي ٽي اي جي طرفان تازي اعلان سان عوام جي ذهنن ۾ ڪيترائي خدشا جنم وٺي رهيا آهن. ماڻهو اِهي سوال اٿارڻ ۾ حق تي آهن تہ جيڪڏهن سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس (ٽوئيٽر) تي پابندي آهي تہ اعليٰ عملدارن سميت تمام حڪومتي ادارا ڇو هڪ غير قانوني پليٽ فارم جو مسلسل استعمال ڪري رهيا آهن؟ پي ٽي آءِ کي پارليامينٽ جو ڪهڙو قانون اجازت ڏئي ٿو تہ اُها وي پي اين کي محدود ڪري ۽ 30 نومبر ڪانپوءِ غير رجسٽرڊ وي پي اين استعمال ڪرڻ جي سزا ڇا هوندي؟ وي پي اين کي غير قانوني قرار ڏيڻ واري اسلامي نظرياتي ڪائونسل جي فتويٰ جي پويان ڪهڙا عنصر هئا؟ آئون سمجهان ٿو تہ اسان جا اربابِ اختيار وي پي اين اشو تي اسٽيڪ هولڊرز کي اعتماد ۾ نہ وٺي ۽ ڀرپور عوامي آگاهي مهم نہ هلائي تمام وڏي بنيادي غلطي ڪئي آهي. منهنجي نظر ۾ بنا هوم ورڪ ڪرڻ جي جلدبازي ۾ وي پي اين بندش سان آءِ ٽي انڊسٽري ۽ فري لانسرز کي ناقابل تلافي نقصان پهچڻ جو انديشو آهي. ضرورت اُن ڳالهہ جي آهي تہ پي ٽي اي معاملي جي سنگيني کي سمجهندي فوري طور تي 30 نومبر جي ڊيڊ لائن تي نظرثاني ڪري ۽ هڪ جمهوري ذميوار رياست هئڻ جي ناطي پارليامينٽ ۾ قانون سازي جي بنا ڪو اهڙو قدم نہ کنيو وڃي جنهن سان اسان جو معاشرو وڌيڪ بيچيني ۽ اضطراب جو شڪار ٿئي.

سنڌ جا بي يارو مددگار ملاح..!

غلام حسين لغاري

اڄ 21 نومبر تي سنڌ سميت پوري دنيا ۾ "ملاحن جو قومي ڏهاڙو" ملهايو پيو وڃي. سنڌ جي ملاح برادي ۽ ملاح تنظيمن جا مختلف ڌڙا هن ڏينهن کي الڳ الڳ طريقي سان ملهائيندا آهن. جنهن ۾ ريليون، ڪانفرنسون شامل هونديون آهن جڏهن تہ منڇر، ڪينجهر ۽ هاليجي ڍنڍن سميت ننڍين وڏين ڍنڍن تي ميلي جهڙو سما ڏسڻ ۾ ملندو آهي، جتي هن ڏهاڙي کي ننڍا وڏا وڏي چاهہ سان عيد طور ڪري ملهائيندا آهن.

درحقيقت ملاح سنڌ ڌرتيءَ جا اصل وارث آهن، جيڪي هزارين سالن کان سنڌ ۾ رهن ٿا ۽ ماهيگيريءَ واري ڪرت ڪندا پيا اچن. سنڌ ۾ هنن کي "ميربحر"، "ميراڻي" بہ سڏيو وڃي. اڄ جو ملاح صرف مڇي مارڻ تائين محدود ناهي، پر انهن مان ڪافي سنڌ اندر وڏن انتظامي عهدن تي فائز آهن تہ ڊاڪٽر ۽ سماجي اڳواڻ بہ آهن. مطلب تہ هن وقت ملاح برادريءَ جا ڪجهہ ماڻهو ٻيڙين ۽ هوڙن ۾ رهڻ بدران محلاتن ۽ بنگلن ۾ بہ رهن ٿا ۽ کين پُرآسائش سهولتون حاصل آهن. اهو ئي ملاحن جو طبقو ملاحن جي سياست ۽ ملاحن جي قيادت ڪري رهيو آهي، پر اها ڳالهہ عالم آشڪار آهي تہ ملاحن وٽ سرداري ۽ وڏيرڪو نظام گهٽ آهي، پر اهي پنهنجي عام ماڻهوءَ کان پري آهن ۽ ملاحن جو عام ماڻهو، جيڪو ٻيڙين ۽ هوڙن ۾ رهي ٿو، ڍنڍن دورن تي مڇي ماري گذارن ڪري ٿو انهن جي پوري ريت سار سنڀال ڪرڻ وارو ڪو بہ بہ ناهي رهيو، جيڪي اڳ ۾ مالڪي ڪندا هئا. اڄ جو ملاح صديون اڳ وارو ملاح آهي، جنهن کي سماج ۾ نفرت سان ڏٺو ۽ ڌڪاريو وڃي ٿو. ملاحن جا هر سال عالمي ڏهاڙا تہ ملهائجن ٿا، پر اهي سرڪاري طور گهٽ ۽ نجي طور ملهائڻ تائين محدود آهن. جن کي ڪنهن بہ قسم جي سرڪاري طور تي پبلسٽي گهٽ ملي ٿي، اسان جي نئين نسل کي ملاحن بابت ڪنهن بہ قسم جي ڄاڻ ناهي، جيڪي بي يارو مددگار آهن. سنڌ جا ملاح ڍنڍن دورن تائين محدود ناهن. پر جڏهن کان منڇر ڪينجهر هاليجي ۽ عام ڍنڍون دورا متاثر ٿيا آهن، تڏهن کان اهي لڏپلاڻ ڪري شهرن ۾ پهتا آهن. شهرن ۾ مرد مزدوري ڪن ۽ پنهنجي گهر جو گذران ڪن ٿا. انهن جي حالت کان ڪو بہ واقف نہ هوندو يا انهن جي تعليم طرف ڪنهن ڌيان ڏنو هوندو. صرف اهي ملاح خاندان خوش آهن، جن جا وڏڙا خوشحال هئا ۽ تعليم وٺي آفيسر ٿيا. انهن مان ڪجهہ گهٽ ڪري ٻي ڪا ذات سڏائين، جو پڙهيل ۽ آفيسر آهن. ملاحن جي هن عالمي ڏينهن ملهائڻ جو اهو مطلب هرگز ناهي تہ اوهان ريليون ڪڍو، ڪانفرنسون ڪريو ۽ سياست ڪريو. پر ملاحن کي ان پوسٽ مان ڪڍيو وڃي، جنهن پوسٽ ۾ اهي صدين کان قائل ۽ بي يارو مددگار آهن. سنڌ جون عام ڍنڍون دورا ڇڏيو، رڳو منڇر ۽ ڪينجهر تي وڃي ڏسو جتي جو عام ملاح يا مهاڻو بدحال ٿي چڪو آهي، جو اهي ڍنڍون ملاحن کان کسجي، سرڪار جي تحويل ۾ اچي ويون آهن. جن جي سنڀال هاڻ مهاڻو نہ پر فشريز کاتي جو ڪامورو ڪري ٿو. ڏنو وڃي تہ هن کاتي ۾ ملاحن ۽ مهاڻن جو اولاد ملازمتن ۾ گهٽ آهي، ٻين قبيلن جا ماڻهو نوڪريون ڪن ٿا، جن کي ڍنڍن دورن ۽ اُتي گذارن ڪندڙ ماڻهن جي حالتن جي ڪا بہ خبر ناهي ۽ مڇيءَ جي شڪار لاءِ بہ کين لائسنس وٺڻو پوي ٿو. ٻئي طرف جيڪي ملاح ٻيڙين ۽ هوڙن ۾ رهن ٿا، انهن جي ٻچن جي تعليم توڙي علاج لاءِ ڪنهن بہ قسم جو بندوبست ٿيل ناهي. پوليس بہ هنن لاوارث ماڻهن کي پنهنجي اذيت جو شڪار ڪري ۽ ٻئي ڳالهہ تہ سرڪاري نوڪرين ۾ بہ هنن جي ڪا بہ الڳ ڪوٽا ناهي، سفارش ۽ پئسو گهرجي، جيڪو هي هوڙن ۽ ٻيڙين تي رهندڙ ڏئي نٿا سگهن. جڏهن تہ هنن جي ووٽ سان ڪيترائي اڳواڻ اسيمبلي ميمبر ٿين، وزارتون ماڻين، پوءِ بہ سنڌ جو مهاڻو يا ملاح غربت ۽ بيروزگاري جو شڪار ٿئي. حڪومت شهيد بينظير ڀٽو جي هڪ اسڪيم تحت، مڇيءَ جي پالنا بابت سکيا پروگرام جو اهتمام ڪيو هو جنهن مان بہ ملاحن جي نوجوانن ۽ نياڻين کي گهٽ فائدو پهتو عام ماڻهو ۽ سفارشي وظيفا وٺي ويا. مڇي مارڻ ۽ ان جو ڪاروبار صرف ٿي مهاڻو ڪري سگهي ٿو جنهن وٽ ڄاڻ آهي.

اڄ ڀلي ملاحن يا مهاڻن جو عالمي ڏينهن ملهائجي پر جيڪي اڳواڻ آهن، تن کي سموري ملاح برادريءَ جي مسئلن جو احساس جاڳڻ گهرجي، هن ڏهاڙي جي خوشين ۾ انهن کي بہ برابر جو شريڪ ڪيو وڃي، هن سال نہ تہ ايندڙ سال عالمي ڏهاڙي جون تقريبات شهرن کان هٽي ڪري، منڇر، ڪينجهر هاليجي ۽ ٻين ڍنڍن دورن تي وڃي ملهائجي، تہ جيئن مهاڻن جي عظمت جو اندازو لڳائي سگهجي ۽ کين خبر پوي تہ سنڌ جا ڪهڙا حق آهن؟ ڇا انهن کي پنهنجا حق ملن بہ ٿا؟ مهاڻن يا ملاحن کي هوڙن واري زندگيءَ کان ٻاهر ڪڍي، ڍنڍن ويجهو ڪالونيون نهرائي ڏنيون وڃن، جتي تعليم ۽ علاج جو بندوبست ٿيل هجي. مهاڻن يا ملاحن کي بي يارو مددگار نہ ڇڏيو.

تنزليءَ جا ڪارڻ ۽ قومي قيادت جون ذميواريون!

رحمت الله ٻرڙو

دنيا جون رياستون، ملڪ ۽ خطا پنهنجي پنهنجي جوڙيل آئين، قانون ۽ "رُول آف لا" سان هلندا آهن يا هلايا ويندا آهن. جنهن رياست يا ملڪ توڙي خطي مان آئين، قانون ۽ رُول آف لا جي تميز ختم ٿي وڃي، ادارا پنهنجي ساک وڃائي ويهي رهن، ادارن جا سربراهہ عوام جو اعتماد بحال نہ رکي سگهن تہ سمجهو اها رياست يا ملڪ توڙي خطو ڪامياب گهٽ ۽ تنزليءَ جو شڪار وڌيڪ ٿي سگهي ٿو. ادارن جا سربراهہ ادارن جو بچاءُ ٿي نہ ڪري سگهن تہ پوءِ رياست، ملڪ يا ان خطي جو حال ڪهڙو هوندو، سياڻا ماڻهو بهتر سمجهي سگهن ٿا. ڪنهن بہ هڪ ننڍي گهر جو حال پرکڻو هجي تہ خوشحال آهي يا ڪنگال تہ ان گهر جي سربراهہ ۽ خاندان جي فردن جي اُٿڻي، ويهڻيءَ، رهڻي، کهڻيءَ کي سامهون رکيو ويندو آهي. مثال طور ان گهر جي سربراهہ جي پاڙي ۾ ڏيتي ليتي، ڪم ڪار جي ساک پت ۽ سماجي توڙي ڪاروباري حيثيت کي سامهون رکي جائزو ورتو ويندو آهي. مثال طور جي خوشحال آهي تہ هو گهر ۽ ڪاروبار کي وسعت بخيشندو جي معاشي طور ۽ خانداني طور سماجي سطح تي ڪمزور آهي تہ پوءِ هو پهريان تہ پنهنجو سامان وڪڻندو ۽ نااهليت جي بنياد تي هو گهر بہ وڪڻي سگهي ٿو. جيڪڏهن ان گهر جي صورتحال سمجهي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هو ناڪام خانداني سربراهہ آهي، جيڪو هاڻي گهر جو سامان وڪڻڻ تي مجبور آهي. جيڪڏهن ڪو ملڪ جو سربراهہ يا ملڪ جا ڪي سياسي ڏاها ملڪ يا رياست ۽ رياستي ادارن جو بچاءُ نہ ڪري سگهن ۽ ڏينهون ڏينهن ملڪ يا رياست جا ٿنڀ يعني ملڪي ادارن جي نجڪاريءَ تي مجبور ٿين تہ ان رياست جي سربراهن يا حڪمرانن ۽ ادارن جي سربراهن کي توهان ڪامياب يا ناڪام سمجهندا. جتي هر ايندڙ حڪمران گذريل حڪمرانن جي احتساب ڪرڻ ۾ پنهنجو جائز ۽ ناجائز وقت گذاري وڃي، جنهن جي خود حڪومتي دور ۾ اهي ساڳيا ڪم ٿيندا هجن، جن ڪمن تي هو گذريل حڪمرانن جو احتساب ڪرڻ تي مجبور آهي، تہ پوءِ ان رياست ۽ يا ملڪ توڙي ادارن جو ڪهڙو حال هوندو ۽ ٿيندو؟

ملڪ جون معاشي حالتون توڙي ادارن جون حالتون ملڪي حڪمرانن مختلف دورن ۾ اهڙيون تہ ڪنگال ڪيون آهن، جو ڪو اسان جي ملڪ جي ادارن کي خريد ڪرڻ لاءِ بہ تيار ڪونهي؟ پي آءِ اي ۽ پاڪستان اسٽيل ملز جو مثال سامهون آهي. ان لاءِ جيستائين ڪو آپريشن ڪري حل نہ ڳولهجي، تيستائين هي حالتون هيئنر کان وڌيڪ بدتر ٿينديون وينديون. اسان پي ڊبليو ڊي جهڙو ادارو بند ڪرڻ تي مجبور ٿيا آهيون، اسان اسٽيل مل، پاڪستان پوسٽ آفيس ۽ پاڪستان ريلويز پرائيويٽ ڪرڻ تي مجبور ٿيا آهيون. ادارا ڏينهو ڏينهن سڌرڻ بجاءِ بگڙندا پيا وڃن، پر جي ملڪي سربراهن ۽ انتظامي سربراهن کي ڪو احساس نہ هجي تہ پوءِ اها رياست ڪيتري ڪامياب رياست هوندي؟ جنهن رياست جو وفاقي وزير نجڪاري سرعام پريس ڪانفرنس ۾ چوي تہ اسان جو ڪم نجڪاري ڪرڻ آهي تہ باقي ان حڪمران جي نيت يا وزير جي سوچ تي ڇا ٿو ڪري سگهجي؟ انهن ڳالهين کان پوءِ بہ چئجي تہ رياست يا ملڪ کي ڪي خطرا لاحق ناهن تہ پوءِ ٻيو ڇا ٿو چئي سگهجي. ان لاءِ ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ براءِ مهرباني ملڪ جي گهڻ گهري سياسي ۽ ادارتي قيادت کي هڪ ٽيبل تي ويهي سڀ کان پهريان ادارتي مسئلن جو قومي حل ڪڍڻو پوندو؟ قومي حل ۽ ملڪي ادارن جي ڀلائيءَ رياستي ۽ قومي ادارن جي نيلامي ڪرڻ ۾ قطعي بہ ڪونهي؟ انهن قومي ۽ رياستي ادارن جي ترقيءَ لاءِ سڌاري لاءِ قومي ايڪشن پلان تي سوچڻو پوندو. ان لاءِ سڀ کان پهريان پاڻ ۾ اعتماد بحال ڪندي ادارن جي قومي سربراهن، وزيرن ۽ وقت حڪمرانن ۾ رياست سان سچائيءَ جي بنياد تي اعتماد بحال ڪرڻو پوندو. ملڪ پاڪستان ۾ اها سوچ وڏي ترقي ڪري وئي آهي تہ رشوتي راڄ يعني ڪرپشن کان سواءِ ڪم ٿيڻو ئي ناهي؟ ان سوچ کي ختم ڪرڻو پوندو. ان سوچ کي ترقي ڏيندڙ يا هٿي ڏيندڙ قوتن جو احتساب ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن ائين نہ ٿو ٿي سگهي تہ پوءِ منهنجي ئي خيال ۾ نہ پر مجموعي طور همدرد ۽ هڏ ڏوکي ماڻهن ۾ اهي ماڻهن جن وٽ ملڪي ادارن جي ساک جو ۽ ملڪ جي بچاءَ جو فڪر آهي، سي پڻ سوچڻ تي مجبور آهن تہ ملڪ جو آخرڪار بچاءُ ڪيئن ٿيندو. ڪجهہ فڪرمند حلقا تہ نااميد ٿي هاڻي سوچڻ ئي ڇڏي ويا آهن تہ جيڪو ٿيڻو آهي سو پڻ وڏو خطرناڪ عمل ٿي سگهي ٿو. جنهن کي توهان ڪامياب عمل گهٽ ناڪام عمل وڌيڪ چئي سگهو ٿا. هاڻي اهي مٿي سڀ ڳالهيون جيڪي ڪنهن ناڪام اداري جون هجن، جيڪ ڪنهن ناڪام رياست جا سبب هجن، ڪنهن معاشي ۽ ادارتي ڪمزور ملڪ جا هجن، انهن سيني تي اسان مٿي ڳالهائي آيا آهيون. هاڻي سوچڻو ۽ ڏسڻو اهو آهي تہ اسان ملڪ پياري پاڪستان ۾ ۽ سندس چئن صوبن اندر اهي ڪهڙيون ڳالهيون يا اهي ڪهڙا نشانيون نہ آهن، جيڪي ڪنهن ناڪام رياست لاءِ يا ڪنهن ڪمزو ملڪ لاءِ دليل طور سامهون رکجن. ان ڪري مسئلو اهو آهي تہ هاڻي اسان جو ملهہ اهڙي بہ واٽي تي اچي بيٺو آهي، جتي ناڪام ۽ ڪاميابيءَ ۾ فرق محسوس ڪري سگهجي ٿو. هاڻي وري جيڪڏهن اسان ناڪام ۽ ڪامياب لفظ جي چونڊڪيون تہ ڪاميابيءَ جون مارڪون اسان کي 25 فيصد ملڻ ڏکيون ٿي پونديون. ناڪاميءَ جون 75 فيصد مارڪون ملڻ لاءِ نشانيون ظاهر آهن. هن صورتحال ۾ بہ هيڏي وڏي پارليامينٽ هوندي، هيڏي وڏي ادارتي سربراهيءَ جون دعوائون ڪندي، هيڏي وڏي ملڪي سياسي سربراهيءَ جون ڳالهيون ڪندي بہ ڪو قومي، ادارتي ۽ رياستي مسئلن جو قومي حل نٿو نڪري سگهي تہ پوءِ يا اسان جهڙن ماڻهن تي ڪهڙي معيار آهي. اسان جو فرض بهتر سوچڻ، سٺو لکڻ ۽ فڪرمند ٿي ڪو ڏس ڏيڻ آهي. باقي ادارن جي، رياست ۽ ملڪ جي ڀلائيءَ جا فيصلا تہ انهن وٽ آهن، جن جي هٿ وس اقتدار ۽ اختيار جون واڳون آهن. هاڻي هيءَ تيزيءَ سان جيڪو وقت گذري پيو ۽ دنيا جديد طريقن سان گلوبل وليج ۾ اچي پئي، تنهن ۾ بہ اڄ اسان جي ملڪ جي سربراهن نہ سوچيو تہ پوءِ اهو ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو تہ ايندڙ وقت کي ايندڙ ڏکين حالتن جو مقابلو ڪري سگهبو؟ ان لاءِ اسان جي قومي قيادت، قومي حڪمرانن، سلامتيءَ جي ادارن کي هنگامي بنياد تي تڪڙا قدم کڻي ڪي اهم فيصلا ڪرڻا پوندا. رياستن جي ڪاميابين لاءِ ڪي قربانيون ڪرڻيون پون تہ اهي ڪرڻيون پونديون. ڪي اپاءَ وٺڻا پون تہ اهي وٺڻا پوندا! جيڪڏهن تہ پوءِ سواءِ افسوس جي ٻيو ڪجهہ ڪونہ بچندو. سياڻي سواءِ هٿن مهٽڻ ۽ افسوس ۽ ڪنهن ناڪاميءَ جي ٻيو نتيجو ڪو نہ نڪرندو. ان ڪري احساس مند قومي قيادت کي ٻاهر نڪري ڳالهائڻو پوندو. قومي سوچ کي جنم ڏينهن سيني قيادتن سياسي، ادارتي ۽ انتظامي سربراهن هڪ ٽيبل تي ويهي قومي فڪر ڪرڻو پوندو. ان کان سواءِ ٻيو ڪو حل ڪونهي تہ خاندان جي سربراهہ وانگر هڪ جاءِ تي ويهي گهر ڀاتين کي اسٽيڪ هولڊر سمجهي گڏ ويهڻو پوندو. هوئن بہ اصولن ائين ٿيندو آهي تہ خانداني يا گهريلو بحرانن ۾ گهر جي وڏن کي فڪرمند ٿي گڏجڻو پوندو آهي ۽ موجوده بحرانن ۽ مسئلن جو حل يا حل جو ڏس ڏيڻو ۽ ڪڍڻو پوندو آهي. هن وقت ملڪ جون جيڪي حالتون آهن، تنهن ۾ ملڪ جي سينيئر قيادت کي گڏ ٿي قومي، ادارتي ۽ رياستي مسئلن جو حل ڳولهڻو پوندو. ان قومي حل ۾ نوجوان قيادت کي بہ شامل ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن نہ تہ پوءِ قومي بحرانن جا نتيجا گهر ڀاتين جي نااتفاقين سبب جيڪي ٿيندا آهن، اهي ڪنهن کان ڳجها پڻ ڪونہ آهن.

اچوڪو ڏينهن ..... 21 نومبر

مخدوم امين فهيم

مخدوم محمد امين فهيم پاڪستان جو مشهور سياستدان، سروري جماعت جو روحاني پيشوا ۽ سنڌي ٻوليءَ جو سرموڙ شاعر هو. مخدوم صاحب جو جنم 4 آگسٽ 1939ع تي هالا نوان ۾ ٿيو هو. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جو وڏو فرزند هو. هن ابتدائي تعليم هالا نوان ۾ حاصل ڪئي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پوليٽيڪل سائنس ۾ گريجوئيشن ڪيائين. والد جي وفات کان پوءِ هو سروري جماعت جي 18 سجاده نشين طور مسند تي ويٺو. 1953ع ڌاري شاعري شروع ڪيائين. شاعريءَ ۾ پهريائين "امين" تخلص استعمال ڪيائين، پر پوءِ "فهيم" تخلص سان شاعري ڪيائين. هن جو شمار سنڌ جي بلند پائي جي شاعرن ۾ ٿئي ٿو سندس شاعريءَ جو مجموعو "پيغام" 1990ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. مخدوم صاحب جي سياسي سفر جي شروعات 1970ع ۾ ٿي، جڏهن هو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي پهريون ڀيرو قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. 1977ع کان 2013ع تائين هو اٺ ڀيرا قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. هن ڪنهن بہ چونڊ ۾ شڪست نہ کاڌي، جيڪو هڪ رڪارڊ آهي. 1993ع وارين چونڊن ۾ هو قومي توڙي صوبائي اسيمبليءَ جي سيٽن تي بنا مقابلي سوڀارو ٿيو. جيڪو پڻ هڪ قومي رڪارڊ آهي. هو سڄي عمر پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان لاڳاپيل رهيو ۽ انهيءَ پارٽيءَ جي اهم اڳواڻن مان هڪ هو. هو ڪيترائي ڀيرا وفاقي ڪابينا جو ميمبر رهيو ۽ مختلف وزارتن جا قلمدان سندس هٿ هيٺ رهيا. مخدوم صاحب 21 نومبر 2015ع تي هن فاني دنيا مان موڪلايو.

قاضي خادم



اڄ ناليوارو ليکڪ قاضي خادم پنهنجي سالگرهہ ملهائي رهيو آهي. سندس شخصيت هڪ ڪهاڻيڪار، ڊراما نگار، سنڌيڪار، ڪالم نگار، صحافي ۽ تعليمي ماهر طور ڪنهن بہ تعارف جي محتاج ناهي. هن جو جنم 21 نومبر 1945ع تي حيدرآباد جي الهداد چنڊ ڳوٺ ۾ ٿيو. سندس وڏا اصل ۾ هالا پراڻا جا رهواسي هئا. هن ايم اي (سنڌي)، ايم اي (انگريزي)، ايل ايل بي ۽ پي ايڇ ڊي جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيون. عملي زندگيءَ جي شروعات تعليم کاتي ۾ ڪاليج جي ليڪچرار طور ڪئي. 1970ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي سان لاڳاپجي ويو. اڳتي هلي ترقي ڪري پروفيسر سنڌي شعبي جي چيئرمين ۽ آرٽس فيڪلٽيءَ جي ڊين جهڙا اهم عهدا ماڻيائين. قاضي خادم سنڌي ادبي دنيا جو هڪ وڏو نالو آهي. پاڻ ريڊيو پاڪستان ۽ پاڪستان ٽيليويزن لاءِ ڪيترائي ڊراما تخليق ڪيائين. هن جي تحرير ۽ ترجمو ڪيل ڪتابن جو تعداد 25 جي لڳ ڀڳ آهي. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر جو ڊائريڪٽر مقرر ٿيو ۽ انهيءَ چيئر پاران ڪيترائي ڪتاب ڇپرائي پڌرا ڪيائين. هن "روزاني خادم وطن" ۽ "هلال پاڪستان" ۾ سب ايڊيٽر طور ڪم ڪيو. مختلف اخبارن ۾ سندس ڪالم اڄا تائين ڇپجندا رهيا آهن. اسين کيس دل جي گهراين سان سالگرهہ جون مبارڪون ڏيون ٿا.

استاد لغاري

اڄ مشهور ليکڪ استاد لغاريءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هن اڄوڪي ڏينهن تي 1956ع ۾ سانگهڙ ضلعي جي ڳوٺ مولوي خير محمد احمداڻيءَ ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو. هن مئٽرڪ ۽ انٽر جا امتحان کپري مان پاس ڪيا. جڏهن تہ ايم اي ۽ ايم ايڊ جون سندون ترتيبوار سنڌ يونيورسٽيءَ ۽ سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام مان حاصل ڪيون. عملي زندگيءَ جي شروعات مسجد اسڪول جي استاد طور ڪيائين. هن جي ئي ڪوشش سان مسجد اسڪول ٽيچرس ايسوسي ايشن جو بنياد پيو ۽ پاڻ انهيءَ ايسوسي ايشن جي پهرئين مرڪزي صدر طور ذميداريون سنڀاليائين. ادبي دنيا ۾ هڪ مضمون نگار، تحقيقدان ۽ نثر نويس طور پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿو. هن شاهہ لطيف جي ڪلام جو سرائڪيءَ ۾ ترجمو ڪري "شاهہ دا رسالا" نالي سان ڇپائي پڌرو ڪيو. هن شاهہ سائينءَ جي ڪلام کي ڍاٽڪي ٻوليءَ ۾ پڻ ترجمو ڪيو. سندس ٻين ڪتابن ۾ "موڪي متارا"، "ڪليات ٻاجهي"، "سون ورنيون سٽون"، "شاهہ لطيف جا چٽيهہ سر"، "لطيفي اسرار"، "جي ڪنڌيءَ ڪاڪ ڪڪوريا"، "مون جيئن ڏنا ماڳ"، "گنج"، "شيخ اياز چشمہ فطرت جو شاعر"، "دوها ۽ سورٺا" ۽ "پيار جي پڪار" شامل آهن.

شاهنواز ڀٽو



اڄ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي ننڍي ۾ ننڍي پٽ شاهنواز ڀٽي جي جنم جو ڏينهن آهي، هو 21 نومبر 1958ع تي پيدا ٿيو. هو لاهور ۽ اسلام آباد ۾ پڙهيو ۽ وفات وقت سئٽزرلينڊ ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪري رهيو هو. 1977ع ۾ پاڪستان ۾ مارشل لا لاڳو ٿيڻ بعد هن ۽ سندس ڀاءُ مير مرتضيٰ ڀٽي، فوجي حڪومت جي خاتمي ۽ پنهنجي پيءُ جي حياتي بچائڻ لاءِ جدوجهد ڪئي، پر کين ڪاميابي نہ ملي. ٻنهي ڀائرن افغانستان جي جنرل شاهنواز جي ڌيئرن سان شادي ڪئي. 18 جولاءِ 1985ع تي شاهنواز جو لاش فرانس ۾ سندس گهر مان مليو. چيو وڃي ٿو تہ کيس زهر ڏئي شهيد ڪيو ويو، پر اهو الزام ثابت نہ ٿي سگهيو. سندس شهادت جو اصل سبب اڄ تائين معلوم نہ ٿي سگهيو آهي.

قاضي غلام محمد قريشي

مختيار انڙ

قاضي غلام محمد هالا پراڻا جو وڏو عالم، اديب ۽ شاعر هو. سندس ولادت جي تاريخ 14 فيبروري 1924ع آهي. سندس والد جو نالو قاضي محمد اعظم قريشي هو. پاڻ مئٽرڪ تائين تعليم هالا پراڻا ۽ هالا نوان ۾ حاصل ڪئي. سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (فارسي)، ايم اي (عربي) ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيائين. ان کان علاوه هوميو پيٿيءَ جو سرٽيفڪيٽ ۽ جرمن ٻوليءَ ۾ ڊپلوما سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيائين. ديني تعليم پراڻن هالن جي اشرافيہ مدرسي مان حاصل ڪيائين. وڌيڪ ديني تعليم مولوي عبدالرئوف قريشي ۽ حافظ ربڏني کان حاصل ڪيائين. پاڻ 1953ع کان 1970ع تائين سروري اسلاميہ ڪاليج جو سيڪريٽري رهيو ۽ هر جمعي تي انهيءَ ڪاليج ۾ سيرت تي ليڪچر ڏيندو هو. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "سيرت النبي صلي الله عليہ وسلم"، "نماز" ۽ "درگاهہ شريف هالا" شامل آهن. پاڻ خليفي قاسم جي فارسي شاعريءَ کي گڏ ڪري "ديوان آخوند محمد قاسم" جي نالي سان هڪ قلمي نسخو تيار ڪيو، جيڪو اڃا تائين ڇپجي نہ سگهيو آهي. نثر سان گڏ شاعري بہ ڪيائين. هن بزرگ 21 نومبر 1991ع تي هن دنيا مان موڪلايو. قاضي صاحب جي زندگيءَ تي هڪ تفصيلي مضمون مرحوم پروفيسر گل حسن لغاريءَ لکيو هو. جيڪو ٽماهي مهراڻ جي جنوري 2015ع واري شماري ۾ ڇپيو. مخدوم طالب المولىٰ جي ڪتاب "در نايابِ عرف ياد رفتگان" ۽ حبيب سنائيءَ جي ڪتاب "هالا ڪنديءَ کان هالا پراڻا تائين" ۾ پڻ قاضي غلام محمد جو تذڪرو موجود آهي.

علي محمد درد سولنگي

هن ناليواري ليکڪ ۽ صحافيءَ جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي دادو ضلعي جي ڳوٺ قاضي پير محمد ۾ ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. اڳتي هلي بي ايڊ ۽ ايم جون سندون حاصل ڪيائين. هن 1990ع ڌاري ساهت جي سنسار ۾ پير پاتو. هو هڪ عوامي شاعر هجڻ سان گڏ هڪ چڱو نثر نويس آهي. هن "خوشبو"، "نئين خوشبوءِ" ۽ "دوستي" رسالا جاري ڪيا. پاڻ ئي انهن جو ايڊيٽر ٿي ڪم ڪيائين. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن، جن ۾ "ٻار گلن جا هار" (ٻاراڻي شاعري)، "چاهتن جي موٽ" (شاعري)، چاهتن جا گلاب" (شاعري)، "هڪ شام جو الميو" (شاعري)، "منهنجي سنڌ لڙهي وئي" (شاعري)، "موتين داڻا" (شاعري)، "وڇائجي ويل رنگن جو احساس" (شاعري)، "سهڻا ٻار" (شاعري)، "موتين داڻا" (شاعري)، "قدر منجهہ ڪنار (انٽرويو) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن.

هوندراج دکايل

اڄ هند ۽ سنڌ جي مها ڪوي، ڪلاڪار، صحافي ۽ آزاديءَ جي متوالي هوندراج دکايل جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. پاڻ 16 جنوري 1910ع تي لاڙڪاڻي ۾ ڀڳت ليلارام ماڻڪ جي گهر ۾ پيدا ٿيو. پنهنجي اباڻي شهر مان سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ انگريزن کان آزاديءَ واري جدوجهد ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺڻ لڳو. سٽن سالن جي ننڍي عمر کان ئي ديس جي آزاديءَ ۽ انگريزن جي غلاميءَ مان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ قومي گيت لکڻ شروع ڪيائين. انهيءَ ئي زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مهان شاعر ڪشنچند بيوس سان ملاقات ٿيس، جنهن جي صحبت ۾ سندس شاعريءَ کي چار چنڊ لڳي ويا. هو هڪ سٺو ڪلاڪار بہ هو ۽ پنهنجا گيت سريلي آواز ۾ ڳائيندو هو. 13 سالن جي ننڍي ڄمار ۾ سندس شاعريءَ جو پهريون مجموعو "آريہ ڀڄناولي" ڇپجي پڌرو ٿيو. 1930ع ۾ هفتيوار اخبار "هنومان" جاري ڪيائين. جنهن ۾ انگريزن خلاف مضمون ۽ گيت لکڻ سبب کيس ٻہ ڀيرا جيل بہ وڃڻو پيو. 1937ع ۾ "دکايل" پريس کولي "دکايل" اخبار جاري ڪيائين. انهيءَ اخبار ۾ بہ سندس لکڻين انگريز سرڪار کي ڪاوڙائي وڌو ۽ کيس چار ڀيرا جيل وڃڻو پيو. هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ پهريائين سنڌو نگر ۾ ۽ پوءِ گانڌيڌام ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. اتي هن پرڀداس تولاڻيءَ، هري دلگير ۽ ٻين سائين جي مدد سان هڪ تعليمي سوسائٽي "گانڌيڌام مئتري منڊل" جي نالي سان کولي، جنهن طرفان ڪيترائي تعليمي ادارا کوليا. سندس شاعريءَ ۽ نثر جا 15 کان وڌيڪ ڪتاب شايع ٿيا. هندستان جي سنڌين جي مشهور ويب سائيٽ The Sindhu World تي هن جي ديهانت جي تاريخ 21 نومبر 2003 لکيل آهي. جڏهن تہ مشهور رسالي هندواسيءَ جي 20 فيبروري 2022ع واري شماري ۾ 21 بجاءِ 20 نومبر ۽ سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا ۾ 3 ڊسمبر لکيل آهي.

قلب علي قلب

قلب علي قلب لاڙ جو مشهور شاعر هو. مهراڻ رسالي جي شاعر نمبر مطابق هن جو جنم 21 نومبر 1926ع تي تلهار ۾ ٿيو. هن ننڍي ٻاڳي جي مشهور مير غلام محمد ٽالپر اسڪول مان تعليم حاصل ڪئي. انهيءَ ئي اسڪول ۾ پڙهڻ دوران مرحوم محمد صديق مسافر جهڙي ڪهنہ مشق اديب جي سرپرستيءَ ۾ شعر لکڻ شروع ڪيائين. هن پنهنجي سائيءَ عنايت الله عباسيءَ سان گڏ حيدرآباد مان "فنڪار" نالي هڪ رسالو جاري ڪيو. انهيءَ رسالي ۾ "مسٽر ٽڪلو بي اي، بار ايٽ لنڊن" جي فرضي نالي سان پنهنجي مزاحيہ شاعري لکندو هو. اڳتي هلي روزاني "نواءِ سنڌ" ۾ بہ ساڳئي فرضي نالي سان شعر لکيائين. عمر جي آخري حصي ۾ "خواجہ قلب" جي نالي سان شاندار غزل لکيائين.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول اينڊ فيملي جج-VI حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر.... سال 2024

مسمات ثمرين ڌيءُ حاجن ملاح...پليئنٽف...خلاف: عمران علي راهو پٽ لڪا ڏنو رهندڙ ڳوٺ عبدالمالڪ راهو تعلقو قاضي احمد ڊسٽرڪٽ شهيد بينظير آباد...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پليئنٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 27-11-2024 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج-VI حيدرآباد

کورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي.ايم-II ڊگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
گارڊين ايپليڪيشن نمبر16 سال 2024

مسمات مومل بيواهه نياز محمد مسلم بالغ رهندڙ ديهه سمروٽي هائوس نمبر 49 پاڙو گنج بخش ڪالوني ٽئون ڪوٽ تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص...ايپليڪينٽ...خلاف: (1) جنرل پبلڪ ايٽ لارج (2) حاجران بيواهه نياز محمد (3) نيڪ محمد پٽ محمد قابل (4) محمد امين پٽ محمد قابل (5) جان محمد پٽ محمد قابل (6) گهرام پٽ محمد قابل مسلم بالغ رهندڙ ديهه سمروٽي هائوس نمبر 49 پاڙو گنج بخش ڪالوني ٽئون ڪوٽ تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص... آپونينٽس..اِن دي ميٽر آف مائنرز: (1) شاهد حسين پٽ نياز محمد (2) انيلا ڌيءُ نياز محمد

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف ايپليڪيشن يو/ايس 7، 10 گارڊين اينڊ وارڊس ايڪٽ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 26-11-2024 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي.ايم-II ڊگهڙي

عام اطلاع

هر عام و خاص ماڻهن کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي جان محمد ولد غلام قادر ذات عاقلاڻي رهندڙ ڳوٺ محمد ابراهيم عاقلاڻي ديهه گاهيڪي تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊوالهيار درخواست ڏني آهي ته نالي لال خاتون زال غلام قادر تاريخ 12-05-2013 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ نالي: (1) علي خان ولد تراب علي رهندڙ ڳوٺ محمد ابراهيم عاقلاڻي تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊوالهيار (2) محمد جمن ولد رحيم بخش رهندڙ ڳوٺ محمد ابراهيم عاقلاڻي تعلقو جهنڊو ضلعو ٽنڊوالهيار يونين ڪائونسل ٽنڊو سومرو آفيس ۾ حاضر ٿي اسان جي سامهون بيان ڏنو آهي ته لال خاتون زال غلام قادر سنڌس پويان هيٺيان وارث هر هڪ نالي (1) غلام شبيران (ڌيءُ) شناختي ڪارڊ نمبر: 41307-54142020 (2) مڻان (ڌيءُ) شناختي ڪارڊ نمبر 41307-79897242 (3) جان محمد (پٽ) 41307-29367857 (4) رشيده (ڌيءُ) شناختي ڪارڊ نمبر: 41703-06036188 ڇڏيا آهن فوتي جا والدين اڳ ۾ ئي فوت ٿي چڪا آهن تنهنڪري هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته ڪنهن کي به هن فوتي سرٽيفڪيٽ تي اعتراض هجي ته 07 ڏينهن جي اندر اسان وٽ اعتراض داخل ڪرائي ۽ مدو پورو ٿيڻ کانپوءِ اعتراض نه ٻڌو ويندو ۽ درخواست گذار کي فوتي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو

بحڪم: سيڪريٽري ٽنڊو سومرو جهنڊو مري

عام اطلاع

هر عام و خاص ماڻهن کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي محمد جمن ولد رحيم بخش ذات عاقلاڻي رهندڙ ڳوٺ محمد ابراهيم عاقلاڻي ديهه گاهيڪي تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊوالهيار درخواست ڏني آهي ته نالي حبيب خاتون زال محمد جمن تاريخ 10-02-2017 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ نالي (1) علي خان ولد تراب علي رهندڙ ڳوٺ محمد ابراهيم عاقلاڻي تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊوالهيار (2) جان محمد ولد غلام قادر رهندڙ ڳوٺ محمد ابراهيم عاقلاڻي تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊوالهيار يونين ڪائونسل ٽنڊو سومرو آفيس ۾ حاضر ٿي اسان جي سامهون بيان ڏنو آهي ته نالي حبيب خاتون زال محمد جمن سنڌس پويان هيٺيان وارث هر هڪ نالي: (1) نسيم (ڌيءُ) شناختي ڪارڊ نمبر 41307-35384562 (2) فدا حسين (پٽ) شناختي ڪارڊ نمبر: 41703-05941297 (3) رضا حسين (پٽ) شناختي ڪارڊ نمبر: 41703-06282779 (4) جمشيد علي (پٽ) شناختي ڪارڊ نمبر: 41703-06640531 (5) شاهزيب (پٽ) شناختي ڪارڊ نمبر: 41703-06640533 ڇڏيا آهن فوتي جا والدين اڳ ۾ ئي فوت ٿي چڪا آهن تنهنڪري هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته ڪنهن کي به هن فوتي سرٽيفڪيٽ تي اعتراض هجي ته 07 ڏينهن جي اندر اسان وٽ اعتراض داخل ڪرائي ۽ مدو پورو ٿيڻ کانپوءِ اعتراض نه ٻڌو ويندو ۽ درخواست گذار کي فوتي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو

بحڪم: سيڪريٽري يو سي ٽنڊو سومرو جهنڊو مري

عام اطلاع

هر عام و خاص ماڻهن کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي پسند خان ذات عاقلاڻي رهندڙ ڳوٺ محمد ابراهيم عاقلاڻي ديهه گاهيڪي تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊوالهيار درخواست ڏني آهي ته نالي جمال خاتون زال پسند خان تاريخ 14-06-2020 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ نالي (1) علي خان ولد تراب علي رهندڙ ڳوٺ محمد ابراهيم عاقلاڻي تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊوالهيار (2) خان محمد ولد غلام قادر رهندڙ ڳوٺ محمد ابراهيم عاقلاڻي تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊوالهيار يونين ڪائونسل ٽنڊو سومرو آفيس ۾ حاضر ٿي اسان جي سامهون بيان ڏنو آهي ته نالي جمال خاتون زال پسند خان سنڌس پويان هيٺيان وارث هر هڪ نالي: (1) الطاف حسين (پٽ) شناختي ڪارڊ نمبر 41703-05800689 (2) خالد حسين (پٽ) شناختي ڪارڊ نمبر: 41703-06181389 (3) صدام حسين (پٽ) شناختي ڪارڊ نمبر: 41703-05193771 (4) مشتاق احمد (پٽ)، شناختي ڪارڊ نمبر: 41703-06628685 ڇڏيا آهن فوتي جا والدين اڳ ۾ ئي فوت ٿي چڪا آهن تنهنڪري هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته ڪنهن کي به هن فوتي سرٽيفڪيٽ تي اعتراض هجي ته 07 ڏينهن جي اندر اسان وٽ اعتراض داخل ڪرائي ۽ مدو پورو ٿيڻ کانپوءِ اعتراض نه ٻڌو ويندو ۽ درخواست گذار کي فوتي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو

بحڪم: سيڪريٽري يو سي ٽنڊو سومرو جهنڊو مري

لاتعلقي جو اظهار

هن اشتهار ذريعي عام وخاص ماڻهن کي آگاهه ٿو ڪريان ته منهنجا پائيتيا نالي هرهڪ علي نواز ۽ غلام مرتضا عرف اياز علي ٻئي پٽ نبي بخش پنهور جيڪي سنڌس والد جي وفات بعد غلط صحبت ۾ اچي ويا آهن جن کي پنهنجي حصي ۾ آيل ملڪيت زمين وغيره فروخت ڪري وڏي قرض هيٺ اچي ويا آهن جنهن بعد منهنجو يا منهنجي خاندان جي ڪنهن به فرد جو هنن ٻنهي سان واسطو نه رهيو آهي ۽ نه رهندو اگر هي ٻئي پائر علي نواز ۽ غلام مرتضا عرف اياز علي سان ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي يا فڌوفساد ڪندا ته انجا پاڻ ذميوار رهندا منهنجو هنن سان تعلق ناهي ۽ نه رهندو آئون منقولا ۽ غير منقولا مطهر ۽ غير مطهر ملڪيت مان هن پائرن کي لاتعلق ڪيان ٿو منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي.

پاران: اخترحسين ولد ولي داد. شناختي ڪارڊ نمبر 4130159276957، رهندڙ ڳوٺ معروف پنهور تعلقو هالا ضلعو مٽياري

عام اطلاع

هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته نالي بابر ولد شبير محمد اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته ديهه سنجهورو ٽپو سنجهورو تعلقو سنجهورو ۾ وارثي سرٽيفڪيٽ منهنجي والد مرحوم شبير محمد ولد شير محمد جي آهي جيڪو 04-11-2024 تي وفات ڪري ويو آهي جنهن جا جائز وارث هي آهن (1) محمد عدنان فوتي جو پٽ (2) بابر فوتي جو پٽ (3) اسامه فوتي جو پٽ (4) نجم فوتي جي ڌيءُ (5) صائمه فوتي جي ڌيءُ (6) ثمرين فوتي جي ڌيءُ (7) مسمات اڪبري فوتي جي زال مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ڪو ٻيو وارث هجي ته روبرو لکت ۾ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض جمع ڪرائين. ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد قانون موجب وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو

بحڪم: مختيارڪار روينيو تعلقو سنجهورو ضلعو سانگهڙ

کورٽ نوٽيس

سول / فيملي اينڊ گارڊين جج 1 ڪنري
گارجين درخواست نمبر 12 سال 2024

مسمات رضيا بيواهه محمد شهزاد ذات پني رهندڙ وارڊ نمبر 319 خالد ڪالوني ڪنري تالڪو ڊسٽرڪٽ عمرڪوٽ..ايپليڪينٽ..خلاف: (1) محمد علي (2) عامر علي (3) محمد اشفاق (4) محمد دانش (5) مزمل (6) مس عائشه (7) مس انيسا سڀ پٽ ڌيئرن محمد شهزاد ذات پني رهندڙ وارڊ نمبر 319 خالد ڪالوني ڪنري تالڪو ڊسٽرڪٽ عمرڪوٽ (8) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ..اپونٽس

نالي مٿين اپونٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارجين درخواست زير قلم 7،10 ۽ 29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن نالي سمير عمر 14 سال ۽ محمد سهيل عمر 15 سال جي گارڊين جي مقرري بابت ۽ پلاٽ ايراضي 2650 اسڪوائر فوٽ ديهه ٽيو چڇڙو تعلقو ڪنري انٽري نمبر 3817 فارم نمبر II نالي ايپليڪينٽ، اپونٽس اينڊ مائنر جي فروخت جي اجازت لاءِ تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 22-11-2024 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي اينڊ گارڊين جج 1 ڪنري

عام اطلاع

هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته فوتي نالي اسلام الدين ولد شيراتي مغل جيڪو تاريخ 12-05-2017 تي فوت ٿي ويو آهي سنڌس کاتي ۾ پلاٽ نمبر ديهه 75 نصرت تعلقو دوڙ ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو بدل بابت درخواست هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پهتل آهي جنهن ۾ فوتي جا هيٺيان جائز وارث ڊيڪاريل آهن وارثن بابت تفصيل: (1) جمال الدين پٽ فوتي اسلام الدين مغل (2) چراغ الدين پٽ فوتي اسلام الدين مغل (3) فخرالدين پٽ فوتي اسلام الدين مغل (4) ڪمال الدين پٽ فوتي اسلام الدين مغل (5) فاطمه ڌيءُ فوتي اسلام الدين مغل (6) پروين ڌيءُ فوتي اسلام الدين مغل (7) زبيده ڌيءُ فوتي اسلام الدين مغل (8) شمير ڌيءُ فوتي اسلام الدين مغل نوٽ: مٿي ڊيڪاريل وارثن بابت ڪنهن شخص يا ڪنهن اداري کي ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشتهار جي شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض روبرو اچي لکت ۾ پيش ڪري. ٻي صورت ۾ فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض نه ٻڌو ويندو

بحڪم: مختيارڪار روينيو تعلقو دوڙ

لاتعلقي جو اظهار

آئون هيٺ صحيح ڪندڙ نالي زميندار الهه بخش ولد محمد صالح مسلم بالغ ذات خاصخيلي رهندڙ ڳوٺ حاجي پنگو خاصخيلي ديهه نمبر 124 ٽپو چتوڙي تعلقو سنڌڙي ضلعو ميرپورخاص پنهنجي پوري هوش و حواس ۾ آئون پنهنجي مرضي سان بغير ڪنهن زور زبردستي جي پنهنجي رضامندي سان لکي ٿو ڏيان ته منهنجو پٽ نالي حزب الله نافرمان ٿي ويو آهي ۽ منهنجي چوڻ ۾ نه رهيو آهي ان جو منهنجي ملڪيت ۽ زمين ۾ منهنجي پٽ جو ڪوبه واسطو ڪونه آهي اڄ تاريخ 20-11-2024 تي آئون منهنجي پٽ سان لاتعلقي جو اظهار ڪريان ٿو جيئن ته لاتعلقي کان پوءِ منهنجو پٽ نالي حزب الله جو مونسان ڪوبه واسطو نه آهي هاڻ حزب الله ڪنهن به قسم جي ڪابه ڏيتي ليتي ڪندو ته ان جو ذميوار هو پاڻ رهندو منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي

الهه بخش ولد محمد صالح
شناختي ڪارڊ نمبر: 44103-7778850-3

کورٽ نوٽيس

سول جج اينڊ جي.ايم-V ٽنڊو محمد خان
فيملي سوٽ نمبر.... سال 2024

مسمات شاهدان ڌيءُ علي نواز زال ظفر بالغ مسلم ذات زئونر رهندڙ ڳوٺ محمد جمن زئونر تعلقو ۽ ضلعو ٽنڊو محمد خان...پليئنٽف...خلاف: ظفر پٽ محمد زئونر بالغ مسلم ذات زئونر رهندڙ راجا زئونر تعلقو بلوڙو ضلعو سجاول...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پليئنٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 22-11-2024 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج-V ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

هر خاص و عام کي اطلاع ڪيو ٿو وڃي ته آئون امتياز علي ولد محمد سومر پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڪنٽرول اداره ترقيات حيدرآباد کان هڪ درخواست برائ سب ڊويزن سائيٽ پلان پلاٽ نمبر A-09 روينيو ايمپلائي ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي فيز-II ديهه سري تعلقو قاسم آباد ضلعو حيدرآباد ايراضي 400.0 چورس گز جمع ڪرائي آهي هن ڪري اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪوبه عذر حق اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ پاڻ بذريعه ڊاڪ رجسٽرڊ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڪنٽرول ۽ ترقيات حيدرآباد کي اطلاع ڪن معياد گذرڻ کانپوءِ ڪنهن به قسم جو ڪوبه اعتراض يا دعويٰ حق قابل قبول نه هوندو ۽ ضروري ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي.

ڊائريڪٽر پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ
ڪنٽرول اداره ترقيات حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص و عام کي اطلاع ڪيو ٿو وڃي ته آئون مقبول احمد ميمڻ ولد محمد اسماعيل پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڪنٽرول اداره ترقيات حيدرآباد کان هڪ درخواست برائ سب ڊويزن پلان پلاٽ نمبر B-03 اٽڪ سٽي هائوسنگ اسڪيم فيز-I ديهه جامشورو تعلقو قاسم آباد ضلعو حيدرآباد ايراضي 800.0 چورس گز جمع ڪرائي آهي هن ڪري اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪوبه عذر حق اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ پاڻ بذريعه ڊاڪ رجسٽرڊ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڪنٽرول ۽ ترقيات حيدرآباد کي اطلاع ڪن معياد گذرڻ کانپوءِ ڪنهن به قسم جو ڪوبه اعتراض يا دعويٰ حق قابل قبول نه هوندو ۽ ضروري ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي.

ڊائريڪٽر پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ
ڪنٽرول اداره ترقيات حيدرآباد

کورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي.ايم-I ڊگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر66 سال 2024

شريمتي موڙان ڌيءُ سڪيرو هندو بالغ ذات ڀيل رهندڙ واحد ڪالوني نوڪوٽ تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص...پليئنٽف...خلاف: رميش پٽ هاٿي رام بالغ ذات ڀيل رهندڙ ڳوٺ اوڪراڙو وهيونو تعلقو مٺي ضلعو ٿرپارڪر ايٽ علي پوليس اسٽيشن وهيونو...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پليئنٽف توهان جي خلاف هندو ميرج ايڪٽ تحت، جدائي سيپريشن اينڊ رڪوري آف ڊوري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 22-11-2024 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي.ايم-I ڊگهڙي

تاريخ پيدائش جي درستگي

جيئن ته منهنجي شناختي ڪارڊ ۾ غلطي سان پيدائش جي تاريخ 01-01-1972 لکجي ويئي آهي جنهن لاءِ آئون بدين نادرا زونل بورڊ H.. سان صحيح منهنجي جمڻ جي تاريخ 01-01-1966 ڪرائي آهي جنهن لاءِ ڪنهن کي ڪو اعتراض هجي ته ٽن ڏينهن اندر اعتراض داخل ڪرائي سگهي ٿو.

حيدر علي ولد محمد سومار پرهياڙ پير محلا ٽنڊو محمد خان

بقايا 1 | هڪ ڄڻو فوت

اڱوٽي يوسي چيئرمين اعجاز ڏاهر جو نوجوان پٽ مهراڻ ڏاهر شديد زخمي ٿي پيو جنهن کي ميهڙ اسپتال بعد لاڙڪاڻي منتقل ڪيو ويو آهي. اطلاع تي ٽرڙي محبت واقعي واري هنڌ پهتي پڌايو وڃي ٿو ته امام بارگاهه ٻاهران نوجوان ڪاشف ڏاهر،مهراڻ اعجاز ڏاهر بيٺا هيا ته ڪين نامعلوم هٿيارٻندن جي مبينا فائرنگ ۾ زخمي ڪيو ويو قتل ۽ زخمي ٿيندڙ پاڻ ۾ سوٽ آهن واقعي جو ڪارڻ پراڻي دشمني پڻ ٻڌايو ويو آهي. جڏهن ته واقعي جي جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا 2 | احتجاج

ڪوسو،علي نواز عرف نواز ڪوسو،غلام اياز ڪوسو،سجڻ ڪوسو،ساجن ڪوسو،ڪريم بخش ڪوسو ۽ ٻين جوابدار اسان جي نوجوان اشفاق ڪوسو کي بيگناهه بيدردي سان گوليون هڻي ڪيس قتل ڪري فرار ٿي ويا هئا.4 سال گذري وڃڻ باوجود پوليس هڪ به جوابدار گرفتاري ڪري نه سگهي آهي.هنن چيو ته جوابدار روپوش آهن ۽ سرعام هٿيارٻند ٿي ڪري گهمي رهيا آهن.هنن چيو 5 ڏينهن اڳ مذڪوره جوابدارن اسان جي زمين تي هلان ڪري فائرنگ ڪري زمين تي لڳل سولر مشينن کي نقصان پچايو ٿمر، ڪلريچ ۽ ٻيو سامان کڻي اسان جي هاري نصير ڪوسو کي اغوا ڪري ويا،جيڪو اڃا تائين انهن جي قيد ۾ آهي.هنن آءِ جي سنڌ،ايس ايس پي شهيدبينظيرآباد ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته جوابدارن کي گرفتار ڪري هاري کي بازياب ڪرائي،انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 3 | سيمينار منعقد

ترقيءَ لاءِ ماسٽر پلان جي حوالي سان شايان بئنڪوئيٽ ۾ منعقد ڪيل نشرياتي سيمينار کي خطاب ڪندي ڪيو.

بقايا 4 | لاڏاڻو ڪري ويئي

پريس ڪلب ميهڙ جي سينئر صحافي محمد اسلم سومرو، صدر سليم احمد سومرو ، جنرل سيڪريٽري سئنيئر صحافي حبيب الله ڪمبوهه نائب صدر وفا غلام قادر ابڙو سميت پريس ڪلب جا ميمبر ۽ سياسي سماجي علمي ادبي شخصيتن شرڪت ڪئي آخر ۾ مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ دعائي خير گهري وئي.جنازي نماز پير ڦلا قاسم علي شاهه ۾ ادا ڪئي وئي.

بقايا 5 | واسي فوت

پهچي ويا، وارثن جو چوڻ آهي ته فوتي ڪريم خان پنهان گهوٽڪي شگر مل ۾ نوڪري ڪندو هو جيڪو گهوٽڪي پي ڪي کان گهوٽڪي اچي رهيو هو ته موٽرويءَ تان سنڌس لاش مليو آهي ان سلسلي ۾ پوليس جو چوڻ آهي ته معاملي جي جاچ ڪري رهيا آهيون.

بقايا 6 | گهر ۾ ڪهرام

ڊاڪٽرن فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي اطلاع ملڻ بعد لاش همدرد فري ايمبولينس سروس ذريعي ڳوٺ سيرخان لغاري پهچايو ويو لاش گهر ۾ پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا 7 | نوٽيفڪيشن

جماعت جي اڳوڻي روحاني پيشوا پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽيرين جي اڳوڻي صدر برڪ سياستدان مرحوم مخدوم محمد امين فهيم جي نائين ورسي موقعي تي اڄ 21 نومبر تي خميس ڏهاڙي مٽياري ضلعي ۾ عام موڪل جو اعلان ڪيو آهي. ڊپٽي ڪمشنر مٽياري اهڙو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو آهي جنهن موجب سرڪاري توڙي نجي ادارن ۾ عام موڪل هوندي. جڏهن ته مخدوم امين فهيم جي ورسي جي موقعي تي سروري جماعت جو روحاني پيشوا ايم اين اي مٽياري مخدوم جميل الزمان درگاهه حضرت مخدوم سرور نوح پهچي مرحوم مخدوم محمد امين فهيم جي مزار تي چادر چاڙهي ورسي جي تقريبن جو آغاز ڪندو. ورسي جي موقعي تي درگاهه سرور نوح جي احاطي ۾ قرآن خواني بعد لنگر تقسيم ڪيو ويندو ورسي جي موقعي تي سروري جماعت جا عقيدتمند ۽ پيپلز پارٽي جا ڪارڪن مرحوم مخدوم محمد امين فهيم جي مزار تي وفدن جي صورت ۾ حاضري ڀري کيس خراج عقيدت پيش ڪندا.

بقايا 8 | سعيد الزمان

فڪر جو نالو ۽ سچ پچ هڪ زنده دل انسان هو صبر ڪرڻ ۽ هر ڳالهه کي ڪرڻ هن جي فطرت هئي. سنڌس وفات سان ملڪ جي سياسي دنيا ۾ وڏو خال پيدا ٿي ويو. مخدوم امين فهيم ۽ وفا ۽ سچائي جو پيڪر هو ۽ هن پيپلز پارٽيءَ لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون. خاص طور تي شهيد بينظير ڀٽو جي جلاوطنيءَ واري دور ۾ مخدوم امين فهيم پارٽيءَ جي قيادت سنڀالي ۽ هر ڏکئي گهڙيءَ ۾ پارٽيءَ کي احسن طريقي سان سنڀاليو. مخدوم سعيد الزمان "طالب" وڌيڪ چيو ته مخدوم امين فهيم روحاني طور سچو انسان مالڪ شخص هو سنڌس شمار پ پ جي باني ميمبرن ۾ شامل آهي جي شخصيتون پاڻ ۾ ايترو ئي ضرور رڪنيون آهن جو انهن جو ذڪر صديون تائين ٿيندو رهندو آهي. سنڌس چوڻ هو ته مخدوم محمد امين ڪمال جو شاعر ۽ اعليٰ قسم جو اديب هو جنهن جي لکڻين ۾ پيار، محبت، ڀائيچاري، حسن ۽ وفا جو پيغام سرشار هو هن وڌيڪ چيو ته جيتوڻيڪ مخدوم محمد امين فهيم اڄ هن دنيا ۾ جسماني طور موجود ناهي ۾ سنڌس فڪر، لکڻيون ۽ قربانيون تاريخ ۾ سونهري اکرن سان درج آهن.

بقايا 9 | لاڏاڻو ڪري ويئي

مرحوم جي آخري رسمن ۾ اهم سياسي سماجي اڳواڻن، مٽن مائٽن سميت روينيو عملي اسسٽنٽ ڪمشنر حنيف طارق شاهاڻي ، مختيارڪار غلام شبير سهتو، نظير احمد ٻگهيو، تپيدار علي رحيم ڪوسو، آچرساند، معشوق مري، شير محمد ٽالپر، اياز لاکو ، محمد عباس جلباڻي، وسيم چنڊ، سهيل ڪوريجو، طاهر صفدر لاکو، علي نواز ٻجورو ، صحافي خالد خاصخيلي ۽ ٻين شرڪت ڪئي ٻئي طرف اصغر سولنگي سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي.

بقايا 10 | احتجاجي مظاهرو

ڳوٺاڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي مختلف ڳوٺن ماروي، روڙو ڪولهي، نانجي ڪولهي، ڪٽ سمان، مور ڪڌ مري، حاجي منگريو، صديق نهڙي ۽ ٻين جي رهواسين جي سفري سهولت لاءِ اهو روڊ ٺهرائي ڏنو وڃي. هنن چيو ته سوين ڳوٺ هجڻ باوجود انهي علائقي ۾ ڪچا رستا آهن جنهن سبب برساتن ۾ وڏي مشڪلات پيش اچي ٿي. چونڊيل نمائندن کي بار بار چوندا آهيون هو صرف ها سان ملاقي روانا ٿي ويندا آهن.احتجاجي تحريڪ روڊ جي تعميراتي ڪم شروع ٿيڻ تائين جاري رهندي.هنن وس وارن کان مطالبو ڪندي روڊ ٺهرائي ڏيڻ جي گهر ڪئي آهي.

بقايا 11 | گهر سڙي رک

قيمتي سامان سڙي رک ٿي ويو اطلاع تي فائر برگيڊ عملي پهچي باهه تي ضابطو آڻي وڌيڪ نقصان کان بچائي ورتو.گهر ڀاتين موجب باهه اچانڪ لڳي ٿي.هڪ هفتي کان مختلف هنڌن تي باهه لڳي آهي.اڄ اچانڪ بند ڪمري ۾ باهه لڳي جنهن سبب ڪروڙين رپين جو نقصان ٿيو آهي.واهر ڪئي وڃي.

بقايا 12 | اچي فوت

الماري ڪلٽي تي پئي جنهن سبب معصوم نياڻي شبنم جمالي الماري هيٺان اچي ڊهجي فوت ٿي وئي. واقعي بعد گهر ڀاتين معصوم نياڻي الماري هيٺان ڪڍي مقامي اسپتال منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن سنڌس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي .فوتي نياڻي جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ روڄ راڙو پئجي ويو

بقايا 13 | سنڌو نواز

گهري وئي ۽ شاهه جو راڳ ٻڌو ويو . ان موقعي تي سنڌو نواز گهاڻگهرو، عاليا بخشل ، پنهل ساريو ، قاضي قصر ، امداد چانڊيو ، فوزيا سينگار، حمزه چانڊيو ، انيل حب علي ، ڪامران سهتو ، ماروي اعوان ۽ ٻين چيو ته دريا سنڌ جو جياپو آهي . دريا بچاءُ لاءِ جان جا نذرانا ڏيڻ لاءِ تيار آهيون . هنن چيو ته دريا سنڌ جي سڃاڻپ آهي . ڪي به ڪينال قبول نه ڪيا ويندا . هنن چيو ته سنڌ صوفين جي ڌرتي آهي . اڄ لطيف جي نگري ۾ امن جو پيغام کڻي آيا آهيون . سمورن سنڌ واسين کي 23 نومبر حيدرآباد ۾ نڪرندڙ رواداري مارچ ۾ شرڪت جي اپيل ڪيون ٿا . بعد ۾ رواداري ڪميٽي جي اڳواڻن سنڌ جي قومي شاعر شيخ اياز جي مزار تي حاضري پڻ ڀري .

بقايا 14 | بازيابي لاءِ مظاهرو

خانزادي ڪڪراڻي دانهيندي چيو ته گذريل اڱاري تي منهنجي ڏيراڻي اقبال خاتون جي ويم نئون ديرو شهر جي خانگي اسپتال ۾ ٿي جتي کيس ڌيءُ جي اولاد ٿي جنهن کان پوءِ ڏيراڻي جي طبيعت ڳڻتي جوڳي ٿي وئي جنهن کي اسان گذريل ڏينهن لاڙڪاڻي شهر جي شيخ زيد وومين اسپتال ۾ داخل ڪرايو جتي سنڌس علاج هلندڙ آهي. هن الزام لڳايو ته مان پنهنجي ڏير نظام ڪڪراڻي جي نئين ڄاول ٻارڙي کي اسپتال اندر کڻي وئي هيس جتي ٻارڙي الٽي ڪئي جنهن تي مان کيس صاف ڪري رهي هيس ته ڀر ۾ ويٺل هڪ اڻڄاتل عورت اچي ٻارڙي کي هٿ ۾ کڻي کيس صاف ڪرڻ لڳي جنهن کان پوءِ اها عورت اسان جي ٻن ڏينهن جي ڄاول ٻارڙي کي اغوا ڪري فرار ٿي وئي اهڙي واقعي جو اطلاع اسان حد جي سچل ٿاڻي جي پوليس کي ڏنو جنهن تي پوليس اسپتال پهچي سي سي ٽي وي فوٽيجز هٿ ڪري تفصيل وٺي رواني ٿي وئي اهڙي معاملي کان پوءِ مڙس لطيف ڪڪراڻي بيگناهه مون مٿان ٻارڙي کي اغوا ڪرائڻ ۽ غفلت جو مظاهرو ڪرڻ جو الزام مڙهي مارڪٽ ڪري گهران ڪڍي ڌمڪي ڏني ته جيسيتائين ٻارڙي نه ملندي تيسيتائين تنهنجي گهر ۾ ڪا جاءِ ناهي جنهن ڪري مان سخت پريشان آهيان

بقايا 15 | احتجاجي مظاهرو

احتجاج ڪندي ايس ايس پي سکر ۽ ٻين وس وارن کان انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو ڪيو.

بقايا 16 | سخت زخمي

ڪوشش ڪئي ڇتوپول واقعي جو سبب معلوم نه ٿي سگهيو گهارو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي بندوق تحويل ۾ وٺي ڇڏي وارث توڙي پوليس معاملي بابت مونجهاري ۾ .

بقايا 17 | تقريب منعقد

۽ خطاب ڪندي چيو ته سياسي اختلافن کي ذاتي زندگي ۾ نه آڻڻ گهرجي اسان کي گڏيل راءِ سان اجتماعي مسئلن جي اجاگر ڪرڻ گهرجي. تقريب ۾ سمورن پارٽي ميمبرن گڏيل راءِ سان تجويزون پڻ پيش ڪيون تقريب ۾ نوجوانن سان گڏ شهري اتحاد جي اڳواڻ نثار احمد ميمڻ هندو پنچائت جي صدر ڊاڪٽر هوت چند، بانهن ٻيلي پروگرام مئنيجر اسلم ميرجت، فقير الهڏنو کٽي سوشل ورڪر خميسو ميمڻ، پريس ڪلب سجاول جي صحافين حنيف ملاح نذير شهزاد کٽي شرڪت ڪئي آخر ۾ ريڪيٽر فائونڊيشن جي سرواڻ ڪاشف ڪمراڻي سمورن مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو.

بقايا 18 | احتجاج

آهي جيڪي هر روز ڪنهن نه ڪنهن ماڻهوءَ کان قرض کڻي نشو واپرائيندو آهي. اسان کي ڪنگال ڪري ڇڏيو آهي. گهڻي سمجهائڻ باوجود نٿو مڙئي ۽ چوڻ تي مون سان نافرماني ڪري گارگند ڪري وڙهي ٿو. هن چيو ته مونکي موروثي هڪ ويسي کان گهٽ 3 جريب زمين پڻ آهي جيڪو هاڻي کپائڻ چاهي ٿو پٽ کي به نياڻيون آهن جيڪي مان سنڀاليندو آهيان مان پنهنجي به پنهنجي معصوم پوٽين جي نالي ڪرڻ چاهيان ٿو هن چيو ته منهنجو ۽ منهنجي گهر جي ڀاتين جو منهنجي نافرمان ۽ نشيءَ پٽ اشفاق علي پنهي سان ڪوبه واسطو نه آهي

بقايا 19 | سامان چوري

سامان هڙ ۾ ٻڌي چوري ڪري ڪجهه رقم خيرات ۾ وٺي ڳوٺ مان آساني سان روانيون ٿي ويون . جنهن ۾ ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب جي صدر رمضان شورو ۽ سنڌس ڀاءُ صحافي غلام قادر شورو جي گهرن مان پڻ هزارين روپين جو سامان ۽ 25 هزار روپيه نقد رقم چوري جي وارداتن ٿي آهي . ايس ايڇ او شيخ پرڪيو رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته اسان کي اطلاع مليو آهي ۽ اسان هر علائقي ۾ پوليس فورس مقرر ڪري ڇڏي سگهون نٿا ته وري ڪين ڳولهي سگهون ٿا . جنهن جي گهران چوري جي وارداتن ٿي آهي اهي نشاندهي ڪن ته اسان آساني سان ڪاروائي ڪنداسين . جڏهن ته پوليس چوري جي انوکي وارداتن ۾ ملوث عورتن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي . ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته پوليس کي اسان جي محافظ ٿيڻ گهرجي ۽ پوليس اسان جي ڪا به مدد نه ڪري رهي آهي.

بقايا 20 | جوابدار گرفتار

جوابدار بئنڪن مان پئسا ڪڍي ٻاهر نڪرندڙ شهرين کي ڦر ڪندڙ گروپ جو اهم گهربل ملزم آهي ملزم کان وارداتن ۾ استعمال ٿيندڙ هٿيار پڻ هٿ ڪيا ويا آهن. ترجمان جو چوڻ هو ته جوابدار مختلف علائقن مان شهرين کان 58 لک 40 هزار رپيا ڦر ڪري چڪو آهي. جوابدار 2022 کان وٺي پنهنجي ساٿين سان گڏجي 300 کان وڌيڪ وارداتن ۾ ملوث هجڻ جو اعتراف ڪيو آهي.

بقايا 21 | قبضا خالي

موجب ريلوي حيدرآباد جي آفيسر آفتاب ملاح جي ڪوشش سان پنجاب ريلوي ٽريڪ تي ڏيڍاڻي، پليجاڻي، ڪنياڻ اسٽيشن، الهڏنو ساند سميت مختلف علائقن ڪاروائي ڪرائي ريلوي جي زمين تان قبضو ختم ڪرايو ويو ۽ قبضو ڪندڙن کي هدايت ڪئي ته زمين جي ليز وصول ڪري قانون مطابق ريلوي جي زمين استعمال ڪئي وڃي. جنهن بعد ريلوي زمين جي ليز تي ڏئي، ريلوي کي لکين روپين جو فائدو پهچايو

بقايا 22 | آبادگار اڳواڻ

ٽيبو ، حاجي حسين بخش لغاري سميت آبادگارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي آبادگار اڳواڻن چيو ته سنڌو ڊريا اسان جي جياپي جو ذريعو آهي جنهن تي 06 نوان ڪئنال ناهڻ سان سنڌ جي 60 لک ايڪڙ زمين بنجر ٿيڻ جو خدشو آهي جڏهن ته اسان وٽ هميشه پاڻي جي کوٽ برقرار آهي جڏهن ته نون ڪئنالن سان ميرپورخاص ، ٿرءَ بدين ضلعن جا علائقا سخت متاثر ٿيندا ان کان سواءِ شهرن ۾ پيئڻ جو پاڻي مهيا نه ٿي سگهندو جنهن ڪري انساني الميو پيدا ٿيڻ جو خدشو آهي هنن چيو ته 23 نومبر تي نون ڪئنالن خلاف مختلف آبادگارن پاران حيدرآباد ۾ رٿيل احتجاج ۾ ميرپورخاص ضلعي مان هزارين آبادگار شريڪ ٿيندا جنهن بعد 05 ڊسمبر تي ميرپورخاص پريس ڪلب اڳيان سنڌ آبادگار بورڊ پاران احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويندو هنن چيو جيڪڏهن هن وقت اسان ڪئنالن خلاف متحد نه ٿيا سين ته اسان جون ايندڙ نسلن جو مستقل تباهه ٿي ويندو هڪ طرف زرعي جنسن جا بهتر اگهه نه ملڻ سبب هتان جي زراعت کي ڪاپاري ڌڪ رسيو آهي مٿان نون ڪئنال ناهڻ سان سنڌ جي زراعت مڪمل تباهه ٿي ويندي ان موقعي تي گڏجاڻي ۾ شريڪ آبادگارن پاران 23 نومبر تي حيدرآباد ۾ رٿيل احتجاج ۾ ڀرپور شرڪت ڪرڻ جو اعلان ڪيو.

بقايا 23 | محمد بخش بلوچ

بائيڪاٽ ڪري حملي آور جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج جاري هو جنهن بعد ڊپٽي ڪمشنر دادو مختيار علي ابڙو ۽ ايس ايس پي دادو ڪيپٽن رٽائرڊ امير سعود مگسي جي خاطري تي احتجاجي عمل ختم ڪيو ويو آهي. او پي ڊي هلائي ڊاڪٽرن ۽ عملي ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي اسين ايس ايس پي دادو مان اميد ڪيون ٿا ته ڊاڪٽرن ۽ نرسنگ اسٽاف کي تحفظ فراهم ڪري جلد جوابدار گرفتاري ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندا ويندا.

بقايا 24 | نوٽيس جو مطالبو

مسئلن جي ور چڙهيل . سرڪار پاران جاري ڪيل ڪروڙين روپيا ڪرپشن جي ور چڙهي ويا . شاگردياڻين . والدين .سياسي سماجي ۽ سجاڳ ڌرين پاران نوٽيس وٺڻ جو مطالبو . خبر موجب پرياڻوڙ جو گورنمنٽ گرلس هاءِ اسڪول ۾ بنيادي سهولتن جي سخت کوٽ خلاف اسڪولي شاگردياڻين ميڊيا آڏو دانهيندي ٻڌايو ته سندن اسڪول انيڪ مسئلن جي ور چڙهيل آهي . هنن وڌيڪ ٻڌايو ته اسڪول جي بلڊنگ مڪمل طور ناڪارا ٿي وئي آهي . جنهن سبب روزانو اسڪول جي ڇتن جا ڇاپڙ ڪرڻ معمول بڻيل آهي. ڪيترين ئي شاگردياڻيون مختلف وقتن تي زخمي پڻ ٿيون آهن

بقايا 25 | بجيٽ اجلاس

77698 روپيا ڊيڪاري وئي ۽ سال 25-2024 جي آمدني 47338000 ڊيڪاري وئي ان حساب سان ٽوٽل آمدني 474115698 ڊيڪاري وئي ۽ سال جو خرچ 47145000 ڊيڪاريو ويو ۽ بچت 270698 ڊيڪاريا ويا ۽ اها بجيٽ اتفاق راءِ سان منظور ڪئي ويئي . بجيٽ اجلاس ۾ اڳوڻي ٽائون چيئرمن ۽ موجوده ڪائونسلر پرديپ ڪمار اوجها ڪائونسلر جگديش راساڻي وائس چيرمن محمد عرس ڪنڀار ڪائونسلر رستم راٺوڙ ڪائونسلر چمن راڻي ڪائونسلر اميرحيدر ڪائونسلر گرڌاري مالهي رگهو مل ڏيڏاڻي صحافي شنڪرياڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي . ان موقعي تي اڳوڻي چيئرمن پرديپ اوجها ڪائونسلر جگديش راساڻي ۽ ٻين ٽائون چيئرمن کان ٽائون جي ڪمن ڪارن ۽ معاملن بابت معلومات ورتي ۽ ڳالهائيندي چيو ته گذريل سال جي پيش ڪيل بجيٽ اجلاس کانپوءِ شايد هي ٻيهريون اجلاس ٿي رهيو آهي ۽ ان دوران پاڻ ۾ اختلاف به رهيا جيڪي وزير اعليٰ جي صلاحڪار دوست علي راهمون جي سامهون ڳالهيون ڪري دوست علي راهمون اهي اختلاف ختم ڪرائي پاڻ کي ڪير ڪنڊ ڪيا. آخر ۾ ٽائون چيئرمن بهاري راٺوڙ سڀني ڪائونسلرن جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته ماضي ۾ جيڪڏهن مونکان غلطي ٿي آهي ته ان جي معذرت چاهيان ٿو ۽ هاڻي توهان ڪائونسلرن ۽ شهر واسين سان گڏجي چيلهار جا مسئلا حل ڪرڻ جي سڀني گڏجي ڪوشش ڪري مسئلا حل ڪنداسين

بقايا 26 | پڳ ٻڌرائي وئي

سيال، چيف سردار ذوالفقار خان ڪماريو، علي ڏنو عرف سانوڻ خان انڙ محمد علي عرف امر خان ٻگهيو غلام مرتضى ٻگهيو، امتياز خان انڙ سيد زاهد حسين شاهه، رياض حسين شاهه، رٽائرڊ ڪرنل نظير احمد جتوئي، عبيد علي هليو ڪاشف علي انڙ،سراڻي منور خان سيال عرفان خان جتوئي حزب الله خان آريجو محمد علي عرف اسد ڪرل مظفر خان انڙ مير مير منور خان ابڙو وڏيرو بشير احمد جتوئي ۽ ٻين سياسي سماجي اڳواڻن علائقي جي معزز شخصيتن مختلف برادرين جي چڱن مڙسن توڙي ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي مرحوم شمن خان انڙ جي ايصال ثواب لاءِ دعا گهري وئي ۽ سنڌس جي وڏي پٽ ممتاز علي عرف نذير خان انڙ کي آيل مهمانن سنڌس پڳ ٻڌي ور ڏنا ۽ ان موقعي تي خيرات في سبيل الله جي ماني تقسيم ڪئي وئي ۽ دعا خير پڻ گهري وئي.جڏهن ته تقريب کي خطاب ڪندي پ پ پ اڳواڻ نذير خان انڙ چيو ته مان پنهنجي خاندان سميت انڙ خاندان ڳوٺاڻن توڙي هتي آيل تمام مهمانن جو شڪرگذار آهيان جن مونکي عزت ۽ مان بخشيو ۽ منهنجي پڳ ٻڌي ور ڏنا هن چيو ته انشا الله بابا مرحوم جي هن وڙن (پڳ) ذميواري کي بهتر نموني نڀائيندو رهندس ۽ عوام جي خدمت ڪندو رهندس. هن وڌيڪ چيو ته منهنجي اوطاق جا دروازا ڳوٺ ۽ علائقي واسين لاءِ کليل رهندا.

بقايا 27 | نياز ڪالاڻي

ڪٽي پئي وڃي 6 ڪئنال نڪرڻ سان زرعي زمين تباهه ٿي ويندي پاڻي جي شديد کوٽ پيدا ٿيندي هنن چيو ته سنڌو تي وڏو ڏاڙو هنيو پيو وڃي پاڻي جو مسئلو زندگي ۽موت آهي اسان ڪنهن به صورت ۾ ڪئنال ڪڍڻ نه ڏينداسين هنن چيو ته سنڌو مان ڪئنال ڪڍڻ واري عمل خلاف سنڌ واسي گڏ ٿيو ڇاڪاڻ ته ڪئنال اسان جي زندگي تباهه ڪري سگهن ٿا زراعت تباهه ٿي ته سنڌ به تباهه ٿي ويندي هنن چيوته سنڌ اسيمبلي مان بل پاس ڪري اهيو واضع ڪيو وڃي ته سنڌ حڪومت ڪئنال خلاف آهي باقي خالي حوال ڪرڻ سان ڪجهه نه ٿيندو هنن چيوته سنڌ و تي ڪئنال خلاف توري جدوجهد ڪئي آهي ته سمورو پنجاب پريشان ٿي ويو آهي ضياء الحق پرويز مشرف ۽نواز شريف ڪالا باغ ڊيم ناهڻ جي ڪوشش ڪئي ۾ اها ڪوشش سنڌين ناڪام بڻائي ڇڏي هنن چيوته اسان سينن تي گوليون کائينداسين لٺيون کائينداسين ۾ ڪئنال ڪڍڻ نه ڏينداسين سپائي نوشهرو فيروز ۾ لڳندڙ ڌرڻي ۾ شرڪت ڪري ڀڌي جو ثبوت ڏيو ڏيڻ سان گڏ هن منصوبي کي رد ڪرايو

بقايا 28 | جدوجهد جو ورچن

سنڌو دريا جي سڪل پيٽ ڄامشورو جي ڪوٽڙي ٻئراج ۾ پهچي ڊائون اسٽريم ۾ سنڌو درياءَ ۾ گلاب جا گل نڇاور ڪندي کيس پيٽا پيش ڪئي ان موقعي تي رواداري اڳواڻن چيو اسان سنڌو درياء مان وفاق طرفان وڌيڪ ڪئنال ڪڍڻ جي گرين پاڪستان نالي سان اسان جي سنڌو درياء تي جي پاڻي تي ڏاڙو هڻي سنڌ کي بنجر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو پيو وڃي سنڌو درياء اسان جو جياپو آهي ان جو پاڻي اسان جي ماء جي ٿڃ مثل آهي اها امڙ جي ٿڃ اسان سنڌي قوم جي رڳ رڳ ۾ سمايل آهي ان جي پاڻي اسان پنهنجي جياپي لاءِ جانيون قربان ڪري سگهون ٿا پر ان تي ڏاڙو هڻڻ نه ڏينداسين هي قومي جياپي جي بقاءِ اسان سنڌو درياء بچايو رواداري مارچ 23 نومبر تي حيدرآباد مان مارچ ريلي نڪرندي ان حوالي سان اسان هي سنڌو درياء کي پيٽا ڏيڻ لاءِ سڄاڳي مهم هلائي رهيا آهيون ان ۾ شرڪت جي دعوت ڏيڻ آيا آهيون

بقايا 29 | جيل جو دورو

محتسب اعلي سنڌ جو مقصد ماڻهن جا مسئلا حل ڪرڻ آهي ان سلسلي ۾ جيل جو دورو ڪيو آهي ته جيئن قيدين جا جائز مسئلا معلوم ڪري انهن جو ازالو ڪري سگهجي هن چيو ته جيل ۾ صفائي سٿرائي سميت کاڌ خوراڪ جو معيار اطمينان جوڳو آهي جڏهن ته قيدين جائز مسئلن جي حل ڪرڻ بابت جيل سپرنٽينڊنٽ کي هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن. قانون موجب قيدين کي سهولتون فراهم ڪرڻ جيل انتظاميه جي ذميواري آهي. هن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته جيل جو سڀ کان وڏو مسئلو بجلي جي لوڊشيڊنگ آهي ڄاڻ ملي آهي ته هتي 18-18 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ ٿئي ٿي ان سلسلي ۾ اختيارين کي لکيو ويندو

بقايا 30 | احتجاجي مظاهرو

ڪندڙ ڊاڪٽر فياض حسين جوڻيجو اسان جي مخالفن کان لکين روپيا رشوت وٺي خارش جي ڦٽ کي گولي جو ڏڪ ڄاڻائي ڪوڙو ليٽر جاري ڪيو آهي اهڙو وڊيو بيان هٿ ڪيو آهي جنهن ۾ ڪوڙ جي زخمي ٿيل همراهه جا ڪپڙا به صحيح سلامت آهن ۽ ڪنهن به قسم جو ڪوبه ڏڪ نظر نٿو اچي صرف خارش جو ڦٽ نظر اچي ٿو.هنن چيو ته ٻاٿرن هشمت ڪوسو ديدار ڪوسو راشد ڪوسو آصف پاران اسان مٿان حملي ۽ فائرنگ جو ڪوڙو ڊرامو رچائي اسان مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا ويا آهن جڏهن ته وڊيو ۾ به صاف ظاهر آهي ته همراهه کي گولي لڳل نه آهي ان باوجود ڪوڙو سرٽيفڪيٽ جاري ڪري اسان مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي هنن ايس ايس پي دادو آءِ جي سنڌ ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ڪوڙو سرٽيفڪيٽ جاري ڪندڙ ڊاڪٽر ۽ واقعي بابت شفاف انڪوائري ڪرائي ٻاٿرن پاران داخل ڪرايل ڪوڙا ڪيس ختم ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 31 | فوت

مديني منور شهر ۾ اچانڪ حرڪت قلب بند ٿيڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو،جنهن جي تدفين مديني منور شهر ۾ ڪئي وئي. اهڙو اطلاع ملڻ تي تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ اسٽيشن ٻاڦراڻي لڳ ڳوٺ مراد مشوري ۾ تڏو وڇايو ويو آهي سنڌس وارثن سان تعليم کاتي جي آفيسرن استادن علائقي واسين ۽ مشوري برادري جي ماڻهن جي تعزيت جو سلسلو جاري آهي.

بقايا 32 | مطالبو

اڳواڻن بابر خان ، خليل احمد ، عبدالله پنهور ، عبدالحڪيم ، انيس الرحمان ، شهمير علي جمالي سميت ٻين جو چوڻ هو ته هن دور ۾ غريب ماڻهو لاءِ گهر ٺاهڻ خواب بڻجي ويو آهي بلڊنگ ميٽريل جا اگهه چوٽ چڙهي ويا آهن بجري ڪرش لوهه سيمينٽ لڪڙا پٿر جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن ان کا علاوه سرون جا اگهه سون جيئان روز نوان اگهه مقرر ٿي رهيا آهن سرون جا اگهه به چوٽ چڙهيل ويا آهن جڏهن ته بلڊنگ ميٽريل جا دوڪاندار بيخوف ٿي من پسند اگهه مقرر ڪري ڇڏيا آهن جيڪو عوام سان ظلم جي برابر آهي ڪارو بار جو مطلب هرگز اهو نه آهي هن وقت بلڊنگ متريل جو ڪارو بار سون کان وڌيڪ بچت وارو ڪارو بار ٿي ويو آهي بلڊنگ متيريل جا دوڪاندار من پسند اگهه وصول ڪري ارب پتي ٿي ويا افسوس ضلع انتظاميان خاموش بڻيل آهي ضلع انتظاميان کي گهرجي ته نوٽيس وٺي بلڊنگ متيريل جا سرڪاري سطح تي مقرر ٿيل اگهن تي فروخت ڪرڻ تي پابند ڪيو وڃي ته جيئن غريب ماڻهو به پنهنجا گهر ناهي سگهن

بقايا 33 | بيو پيرو سيل

نصرت پروين سهتو جون خدمتون اسڪول ايجوڪيشن ۽ لٽريسي ڊپارٽمينٽ حوالي ڪيون آهن ته جيئن سنڌس سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي سيڪريٽري طور ڊيپوٽيشن جي بنياد تي هڪ سال لاءِ پوسٽنگ ٿي سگهي

چاچڙ گهوٽڪي واسي آهي، پوليس پهچي لاش تحويل ۾ وٺي لاش اسپتال منتقل ڪيو ويو

بقايا 35 | ڏهڙا سخت زخمي

طور تي علاج لاءِ سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو جڏهن ته آئل ٽينڪر ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو ٻئي طرف حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي آئل ٽينڪر کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو وڌيڪ پوليس پاران جاچ جاري هلندڙ آهي

بقايا 36 | شڪايتون جا انبار

کلي ڪچهري ۾ مختلف ادارن جي سرڪاري ملازمن پنهنجا پنهنجا مسئلا پيش ڪيا ان موقعي تي مسئلن جي حل لاءِ پهتل عوام پاران پينشن جي ڪيس ۽ پگهارن سميت مختلف معاملن جي حل لاءِ ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعلي عوام جا مسئلا غور سان ٻڌا ۽ ناڪي کاتي بدين جي آفيسرن کي هدايت ڏيندي چيو ته کليل ڪچهري ڪرڻ جو مقصد اهو آهي ته سرڪاري حاضر سروس ۽ رٽائرڊ ملازمن جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا وڃن

بقايا 37 | احتجاج

نظير احمد اروڙائو ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته مان اصل تعلقي رتيديري جي ڳوٺ ميائي آچر ابڙو رهواسي آهيان جڏهن ته ڪجهه عرصي کان وڏي روزگار جي سلسلي ۾ اتان لڏ پلاڻ ڪري لاڙڪاڻي شهر ۾ رهائش اختيار ڪئي آهي، جتي سبزي جو دڪان هلائي گهرڀاتين جو پيٽ گذر ڪندو آهيان هن الزام لڳايو ته گذريل 23 مئي تي رتيديري جي جوڳي پاڙي ۾ بااثر عاشق ويسر ۽ عامر جاگيراڻي بيگناهه گوليون هڻي منهنجي 13 ورهين جي پٽ سراج احمد اروڙائو کي بيدردي سان قتل ڪري ڇڏيو هو جنهن واقعي جو ڪيس منهنجي گهرواري امينه خاتون جي فرياد تي ڄاڻايل جوابدار خلاف حد جي رتوديرو ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو جنهن تي پوليس هڪ جوابدار عاشق ويسر کي گرفتار ڪيو جڏهن ته ٻي جوابدار کي پوليس هن وقت تائين گرفتار ناهي ڪيو جيڪا سراسر ناانصافي آهي هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي پٽ جي قتل ڪيس ۾ ملوث ٻي جوابدار عامر جاگيراڻي کي گرفتار ڪري مقتول نينگر جي خون سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 38 | موڪليو ويو

خان جي ڪنزيومر ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ، جتي مذڪوره عورت پنهنجي بيان قلمبند ڪرائيندي چيو ته مون کي منهنجي مائٽن زوري زبردستي زنجير سان ٻڌي قيد ڪيو هو ، ڇاڪاڻ ته منهنجا مائٽ منهنجي فوت ٿي ويل مڙس جي 25 لکن جو پلاٽ مون کي نه ڏيڻ ڪري زبردستي زنجيرن سان قيد ڪري ڇڏيو هو ، هاڻ آئون پنهنجي مائٽن وٽ وڃڻ نٿي چاهيان ، مونکي تحفظ ڏنو وڃي ، جنهن تي عدالت عورت کي فوري طور دارالامان حيدرآباد اماڻڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي

بقايا 39 | پٽ ڪري ڇڏيو

من ۾ رکرو ڪيون پيو وڃن ايجوڪيشن عملو چپ جو روضو رکي ڇڏيو جام نوازعلي ويجهو ڳوٺ علي گل خاصخيلي ۾ قائم سرڪاري مڊل اسڪول ڳوٺ جي بااثر وڏيرن ڊاهي پٽ ڪرائي ڇڏيو اسڪول ۾ لڳل لوهه ۽ ڊرين پڳون جي من تي رکرو ڪيون پيون وڃن ۽ اسڪول جون سرون ڪڍرائي بااثر وڏيرو پنهنجي اوطاق جا ڪوڙا مضبوط ڪرائي رهيو آهي ياد رهي ته ڪجهه سال اڳ هن اسڪول ۾ لوهه چوري ڪرڻ تان ڳوٺ جي ٻارڙن ۾ فوت ٿيو هو ايجوڪيشن انتظاميا کي گهرجي ته بااثر وڏيرن اسمائيل خاصخيلي مصطفي ، صديق خاصخيلي تي سخت کان سخت ڪاروائي ڪري سرڪاري اسڪول جي عمارتن کي تباهي کان بچايو وڃي واضح رهي اسڪول ڪافي عرصي کان بند هو

بقايا 40 | ڊ.راشد محمود

بغيل آهن ماڻهن پريشان آهن ته مغرب کان پوءِ پنهنجي جان ۽ مال بچائي گهر ڪيئن پهچون گذريل سال جي يو آءِ پاران سنڌ ۾ امن امان جي بحالي لاءِ امن مارچ ڪيو ويو وزيراعظم ۽ آرمي چيف کان ڪچي ۾ آپريشن جا مطالبا ڪيا ويا پر بدقسمتي سان اڄ تائين بدامني جي صورتحال ساڳي

بقايا 41 | خير محمد ڪلوڙ

جي حامله عورتن جي غذائي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ گهربل اضافي خوراڪ ۽ مجيرڊائيون ورهائڻ واري تقريب ٿر ڪول بلاڪ ٽو جي انصاري گرين پارڪ ۾ منعقد ڪئي وئي

ٹینڈر نوٹس

کراچی ائیر پورٹ کے اپیرن ایریا
پرجنریٹرز کی سالانہ آپریشن مینٹننس

کراچی ایئر پورٹ کے اپیرن ایریا پر نصب جنریٹرز سیٹس کی سالانہ آپریشن مینٹیننس کیلئے اچھی ساکھ کے حامل اور پاکستان انجینئرنگ کونسل کیساتھ کم از کم C-5 کیٹگری (ME-03) میں رجسٹرڈ ٹھیکیداران / پروائیڈرز یا معروف ایسمبلر کے اصل شراکت داران / مجاز سروس پارٹنرز سے سربمہر غیر مشروط ٹینڈرز مطلوب ہیں۔

☆ اپیرن ایریاز

پیشکش جمع کروانے کا عمل:

پیشکش کا عمل پیپرا قوانین کی شق (36(a کے مطابق واحد مرحلہ، دو لفافہ طریقہ کار کی بنیادوں پر ہوگا۔ تفصیلی شرائط وضوابط وغیرہ پر مبنی پیشکش دستاویزات الیکٹرانکلی دستیاب ہیں اور پی آئی اے کی ویب سائٹ www.piac.com.pk، پیپرا ویب سائٹ www.ppra.org.pk اور https://eprocure.gov.pk/#/auth/login اسکے ساتھ ساتھ پیپرا ای پیڈز سے ڈاؤن لوڈ کی جاسکتی ہیں۔

بولی دہندگان کو ٹینڈر دستاویزات اور الیکٹرانکلی پیشکش جمع کروانے سمیت دیگر متعلقہ معلومات تک رسائی کیلئے ای پیڈز (پیپرا) پر رجسٹریشن کروانا ہوگی۔ پیشکش دستاویزات کی قیمت مبلغ 10,000/- روپے ناقابل واپسی اور بڈسکیورٹی مبلغ -/200,000 روپے، قابل واپسی جو کہ تکنیکی پیشکش کے ہمراہ بذریعہ پے آرڈر بنام پی آئی اے سی ایل جمع کروانا ہوگی۔

پیشکش دستاویزات درج بالا ہدایات کے مطابق تیار کردہ پیشکش مورخہ 06-12-2024 سہ پہر 3:00 بجے تک (پاکستانی وقت) کے مطابق ای پیڈز کے ذریعے جمع کروانا ہوں گی۔ پیشکشیں اسی روز سہ پہر 03:30 بجے بذریعہ ای پیڈز کھولی جائیں گی۔

پیشکشیں بذریعہ ای پیڈز جمع کروانا لازمی ہے اور الیکٹرانک پیشکش کے بغیر پیشکشیں دستی طور پر جمع کروانے کی اجازت نہیں ہے۔ ٹینڈر فیس اور بڈ سکیورٹی کا اصل پے آرڈ تکنیکی پیشکش اور مالیاتی پیشکش کی ہارڈ کاپی کے ہمراہ درج بالا تاریخ اور وقت کے مطابق جی ایم فسیلیٹیز مینجمنٹ، پی آئی اے ہیڈ آفس، کراچی کے پتے پر جمع کروانا ہوگا۔ پی آئی اے سی ایل، پیپرا قوانین کے مطابق کسی بھی مرحلے پر کسی ایک یا تمام پیشکشوں کو مسترد کرنے یا بولی کے عمل کو منسوخ کرنے کا حق محفوظ رکھتی ہے۔

اس نوٹس سے متعلق کسی بھی قسم کی معلومات کے حصول کیلئے ای میل khiwepk@piac.aero پر رابطہ کریں۔

جی ایم فسیلیٹیز مینجمنٹ
فلائٹ آپریشن بلڈنگ
پہلی منزل، پی آئی اے ہیڈ آفس
کراچی ائیر پورٹ، کراچی
فون: 021-99044640,021-99044267

PID K.1564/24

PAKISTAN International Airlines
www.piac.com.pk
/PakistanIntAirlines | /Official_PIA
UAN: 00-92-21-111-786-786

آفيس آف دي ميونسپل ڪميٽي شهدادپور ضلع سانگهڙ

No:MC/TAX/SHD/949/2024 Dated: 11_11_2024

نيلام نوٽيس

ميونسپل ڪميٽي شهدادپور جي هيٺ ڄاڻايل ٽيڪسن/فين جي حقن جي وصولي 01-11-2024 کان 30-06-2025 تائين جي مدي واسطي چيئرمين شهدادپور ميونسپل ڪميٽي آفيس آف ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين شپ هيٺ 27-11-2024 تي صبح 11:00 وڳي نيلام ڪيا ويندا. ٻيهرين پيرو ناڪامي جي صورت ۾ ٻيون پيرو 28-11 ۽ 29-11-2024 تي صبح 11:00 وڳي آفيس آف ميونسپل ڪميٽي شهدادپور جي آفيس ۾ هيٺ ڄاڻايل شرطن ۽ قاعدن تحت منعقد ٿيندو.

ڪائونسل جو نالو	سال	ٽيڪس / فيس جو قسر	سرڪاري واڪ	2% ڪال ڊپازٽ	10% انڪم ٽيڪس	10% (ايس آر بي)
ايم سي شهدادپور	2024-25(01-11-24 to 30-06-25)	ٽائون جي صفائي	4500000/-	90000/-	-	-

1) نيلامي جا دستاويز، شرط ۽ قاعده ڪانٽريڪٽ بابت ڏسي سگهجن ٿا آفيس آف ٽيڪسيشن آفيسر ميونسپل ڪميٽي شهدادپور آفيس وقت دوران ڪنهن به ڪم ڪار واري ڏينهن
2) جيڪڏهن چيئرمين آڪشن ڪميٽي نيلامي واري ڏينهن تي هيڊ ڪوارٽر کان ٻاهر هوندو ته نيلامي ٻي ڪم ڪار واري ڏينهن ڪئي ويندي
3) چيئرمين آڪشن ڪميٽي سمورا يا ڪجهه واڪ رد/ قبول ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو بنا ڪو به ڄاڻائڻ جي

چيف ميونسپل آفيسر
ميونسپل ڪميٽي شهدادپور

INF/KRY.No.3742/24

ہیڈ کوارٹرز پاکستان رینجرز (سندھ)
مسلم جناح کورٹ بلڈنگ، ڈاکٹر ضیاء الدین احمد روڈ کراچی
(021-99205285-7)

No. 1617/PRO/704/2024 Dated 14 November 2024

پاکستان رینجرز (سندھ) میں تعیناتی بطور میڈیکل ایڈمنسٹریٹر

1۔ پاکستان رینجرز (سندھ) میں کنٹریکٹ کی بنیاد پر [illegible] درخواستیں مطلوب ہیں۔ تعیناتی کی تفصیل درج ذیل ہے۔

نمبر شمار	عہدہ	تعداد اسامی	تنخواہ	تعلیمی قابلیت / تجربہ
(الف)	میڈیکل ایڈمنسٹریٹر	01	250,000/- سے 300,000/-	• ایم بی بی ایس/ایم بی ایچ/ایم پی ایس (ایچ سی ایس ایم)/ایم ایس سی میڈیکل ایڈمنسٹریشن / ایم ایس پی ایچ کسی مستند ادارے سے رجسٹرڈ۔ • ان امیدواروں کو ترجیح دی جائے گی جن کا 10 سے 15 سال کا تجربہ ہسپتال ایڈمنسٹریشن سی ایم ایچ کا ہو گا۔

2۔ **شہریت:** پاکستانی
3۔ **کوٹہ:** اوپن میرٹ
4۔ **عمر:** 65 سال سے کم
5۔ **نااہلیت**
(الف) کسی بھی گورنمنٹ کے ادارے سے سزا کے طور پر برخاست کیا گیا۔
(ب) کسی بھی غیر اخلاقی جرم / مالی معاملات میں قانونی عدالت سے سزا یافتہ۔
6۔ **قوانین وضوابط**
(ا) اس عہدے پر پینشن اور گریجویٹی نہیں دی جائے گی۔
(ب) نظم وضبط اور سزا کے لیے 1973ء کا قانون لاگو ہو گا۔
(پ) فریق سروس چھوڑنے یا برخاست کرنے کے خواہش مند ہو تو ایک ماہ پہلے آگاہ کرے گا۔
(ت) دوران کنٹریکٹ کوئی پرائیویٹ پریکٹس کی اجازت نہیں ہو گی البتہ مجاز اتھارٹی کی اجازت کے بعد پریکٹس کی جاسکے گی۔
(ث) دوران کنٹریکٹ پوسٹ گریجویٹ ٹریننگ یا کورس کی اجازت نہیں ہو گی۔
7۔ **درخواست جمع کروانے کا طریقہ:** درخواست سادہ کاغذ پر بمعہ سی وی اور شناختی کارڈ کی کاپی ڈائریکٹر جنرل پاکستان رینجرز (سندھ) کے نام پر درج ذیل پتہ پر اشاعت کے 15 یوم کے اندر ارسال کریں۔
پتہ:۔ ہیڈ کوارٹرز پاکستان رینجرز (سندھ) مسلم جناح کورٹ بلڈنگ، ڈاکٹر ضیاء الدین احمد روڈ کراچی۔4
8۔ **انتخاب کا طریقہ کار:**
(الف) کاغذات کی جانچ پڑتال کرنے کے بعد امیدواروں کو انٹرویو کے لئے کال کی جائے گی۔
(ب) انتخاب کے لئے آنے جانے کا امیدواروں کا ٹی اے ڈی اے الاؤنس نہیں دیا جائے گا۔
(پ) ملازمت / تعیناتی کے شرائط وضوابط کنٹریکٹ تعیناتی پاکستان رینجرز سندھ کے قوانین کے مطابق ہوں گے۔

بریگیڈیئر
برائے ڈائریکٹر جنرل پاکستان رینجرز (سندھ)
(محمد افضل)
021-99205285-86

PID/K/1524/24

اسڪل ذريعي ملازمت

سنڌ ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن اينڊ ووڪيشنل ٽريننگ اٿارٽي (STEVTA)

گورنمينٽ آف سنڌ

ٽينڊر نوٽيس

ڪمپيوٽرز، فرنيچر ۽ فڪسچر جي خريداري فيلڊ آفيس ۽ انسٽيٽيوٽ لاءِ (لاڙڪاڻو ريجن)

سنڌ ساک رکندڙ فرمز/ سپلائرز/ ڪانٽريڪٽرز کان مهربند واڪ گهربل آهن (پيڪيج وائيز) جيڪي انڪم ٽيڪس ۽ سيلز ٽيڪس اٿارٽي وٽ رجسٽرڊ هجن سپلائي لاءِ پروڪيورمينٽ آف ڪمپيوٽرز، فرنيچر ۽ فڪسچر، فيلڊ آفيسز ۽ انسٽيٽيوٽس (لاڙڪاڻو ريجن).

واڪ جو طريقيڪار:	سنگل اسٽيج-ٽو اينولپ
واڪ دستاويزات جي قيمت	2000 رپيا پي او/ڊي ڊي جي صورت ۾
واڪ سيڪيورٽي پي او/ڊي ڊي جي صورت ۾	واڪ ماليت جو 5 سيڪڙو
ٽينڊر دستاويزات وٺڻ (آغاز جي تاريخ)	نوٽيس جي اشاعت/رکڻ
ٽينڊر دستاويزات وٺڻ (ختم ٽينڊرڻ تاريخ)	06-12-2024
ٽينڊر دستاويزات جمع ڪرائڻ لاءِ تاريخ ۽ وقت	06-12-2024 منجهند 2:30 وڳي تائين
ٽينڊر/ واڪ کولڻ جي تاريخ ۽ وقت:	06-12-2024 منجهند 3:00 وڳي تائين

دستاويزات جو حصول

ٽينڊر دستاويزات "سنڌ ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن اينڊ ووڪيشنل ٽريننگ اٿارٽي" جي حق ۾ پي او/ڊي ڊي جي صورت ۾ (ناقابل واپسي/تبديل نه ٿيڻ جوڳي) 2000 رپيا ٽينڊر دستاويزات في جي ادائگي تي آفيس وقت دوران ڪمپني ليٽر هيڊ تي لکيل درخواست جي جمع ڪرائڻ تي هيٺ ڄاڻايل ائڊريس کان حاصل ڪري سگهجن ٿا يا سيپرا/ STEVTA جي ويب سائيٽ تان پڻ ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.

ڊپٽي ڊائريڪٽر (پروڪيورمينٽ)
سنڌ ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن اينڊ ووڪيشنل ٽريننگ اٿارٽي(STEVTA)
Street_19، بلاڪ_6، گلشن اقبال،
ويجهو NIPA چورنگي، ڪراچي، فون: 7_99244112

نوٽس:

- مهربند واڪ ضروري مشمولات سان واڪ سيڪيورٽي جي سهڪار سان سنڌ ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن اينڊ ووڪيشنل ٽريننگ اٿارٽي، اسٽريٽ-19، بلاڪ-6، گلشن اقبال ويجهو NIPA چورنگي، ڪراچي ۾ ("پروڪيورمينٽ" لکيل) ٽينڊر باڪس ۾ ٽينڊر جمع ڪرائڻ لاءِ ڏنل تاريخ ۽ وقت موجب وجهڻ گهرجن. واڪ کوليا ويندا ڄاڻايل تاريخ ۽ وقت موجب واڪ ڏيندڙن يا سندن مجاز نمائندن جي موجودگيءَ ۾.
- اڻپورا يا شرطيه ٽينڊر منظور نه ڪيا ويندا يا غور هيٺ نه آندا ويندا. (مهرباني ڪري چڱي طرح پڙهي فارم مڪمل پُر ڪرڻ گهرجن).
- هڪ عدد اصل ٽيڪنيڪل پروپوزل جمع ڪرايو ويندو ۽ هڪ عدد اوريجنل فنانشل پروپوزل. پروپوزل بُڪ بائينڊنگ جي صورت ۾ هوندو جنهن تي چڱي نموني سان پيج نمبر لڳل هوندا. (لوز رنگ ۽ اسپائرل بائينڊنگ قابل قبول نه هوندي). هر هڪ پروپوزل الڳ لفافن تي مشتمل هوندو ٽيڪنيڪل پروپوزل لفافي ۾ وجهي جنهن تي واضح طور ٽيڪنيڪل پروپوزل لکيل هجي ۽ فنانشل پروپوزل جنهن تي پڻ واضح طور فنانشل پروپوزل لکيل هجي. ٻئي لفافا مهربند لفافي ۾ شامل ڪري ڄاڻايل ايڊريس تي ڊياري موڪلين. جنهن ۾ ڊيٽا شيٽ (اي) ڊيميجز/ ٽرن فنانشل پروپوزل وارو لفافو شار نه کيو ويندو ۽ کين ڊسڪواليفائيڊ ڪيو ويندو پروڪيورمينٽ ڪميٽي پاران.
- STEVTA سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) جي لاڳاپيل تشريحات جي شرط سان ڪن به واڪن کي قبول يا رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي

ڊپٽي ڊائريڪٽر
(پروڪيورمينٽ)

INF/KRY.No.3732/2024

SAY NO TO CORRUPTION
پڙهندي سنڌ ته ..... وڌندي سنڌ

راڌڻ ويجهو هٿياربندن جي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو فوت، ٻيو زخمي

امام بارگاهه ٻاهران بيٺل ڪاشف ڏهر ۽ مهراڻ ڏهر تي هٿياربند فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا

گوليون لڳڻ سبب ڪاشف ڏهر موقعي تي فوت، جڏهن ته مهراڻ ڏهر سخت زخمي ٿي پيو

زخمي ۽ لاش اسپتال منتقل، واقعو ڪارڻ پراڻي دشمني ٻڌايو پيو وڃي، جانچ ڪيون پيا: پوليس

راڌڻ (ن ع) راڌڻ ويجهو پرسان ٿرڙي محبت ٿاڻي جي حد ڳوٺ ٻوٽرو ۾ ڳوٺ جي ٻاهران امام بارگاهه پرسان يوسي چيئرمين گلزار ڏهر جو نوجوان ڀائٽيو ڪاشف ڏهر مبينا فائرنگ ۾ قتل ٿي ويو جڏهن ته

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

قاضي احمد: فوتي نوجوان جو لاش سندس گهر ۾ پيل آهي

قاضي احمد ۾ ڳوٺاڻن جو نوجوان جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

ڳوٺ شهمير ڪوسو واسين پيارو ڪوسو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

نوجوان اشفاق ڪوسو جي قاتلن کي پوليس 4 سال گذرڻ باوجود گرفتار ناهي ڪيو: مظاهرين

قاضي احمد (ن ع) قاضي احمد لڳ ڳوٺ شهمير ڪوسو جي واسين جوابدارن جي گرفتاري لاءِ تعلقا پريس ڪلب قاضي احمد اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ سخت نعريبازي ڪئي،ان موقعي تي محمد شريف ڪوسوڏٺي بخش ڪوسومٺل ڪوسو ۽ ٻين ڏانهيندي چيو ته 3 سال اڳ جوابدار پيارو

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

سجاول شهر جي ترقي لاءِ ماسٽر پلان بابت تشريحاتي سيمينار منعقد

سجاول ٽائون جي ماسٽر پلان تي ڪم هلندڙ آهي: ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد

حيدرآباد ڊويزن جي 8 ٽائونز جو ترقياتي ڪم هلي پيو نادر جو نوٽيفڪيشن جاري ٿي چڪو آهي

حڪومت اهڙو ماحول ناهي ته جيئن مارڪيٽ وسيع ٿئي ۽ ترقيءَ جو ماڊل جوڙي سگهجي

سجاول (ڊ ر) ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد بلال احمد ميمڻ چيو آهي ته سجاول ٽائون جي ماسٽر پلان تي ڪم هلندڙ آهي هن چيو ته ڪنهن به شهر يا علائقي جي ترقي لاءِ ان جو ماسٽر پلان تمام ضروري آهي ٻي صورت ۾ وسيلن جي ضايع ٿيڻ جو خطرو آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن سجاول جي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

To Reduce
Political Polorization
Local Issues &
Charter Of Demand
on 19th November, 2024
Post office Sujawal district Sujawal
Organized by: We Care Foundation and Marvi Regional Network with
Beli and TDEA-FAFN
سجاول: سماجي تنظيم پاران سياسي منظر نامي بابت ٿيل تقريب جو ڏيک

اسلام ڪوٽ ۾ باهه لڳڻ سبب ٻن ڄڻن جا گهر سڙي رک

نيو چيلاٽي پاڙي ۾ ديوان ۽ ڪيول ميگهواڙ جي گهرن کي باهه لڳي

باهه سبب گهرن ۾ پيل هنڌ بسترا، برتن، اناج، زيور ۽ نياڻي جو ڏاج سڙي خاڪ

اسلام ڪوٽ(ن ع) اسلام ڪوٽ شهر جي نيو چيلاٽي پاڙي ۾ گهرن کي باهه لڳڻ سبب ٻيءَ ۽ پٽ پورهيت ديوان ميگهواڙ ۽ ڪيول ميگهواڙ جا گهر سڙي رک ٿي ويا، باهه سبب گهرن ۾ پيل هنڌ بسترا ڪاڏي پيتي جا برتن اناج زيور ۽ هڪ نياڻي جو ڏاج ۽ لکين روپيا روڪ رقم سميت ٻيو

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

نيوسعيدآباد ۾ چار سالن جي نياڻي الماري هيٺيان اچي فوت

ڳوٺ جان محمد جمالي ۾ شبنم مٿان راند ڪرڻ دوران الماري مٿان ڪري پئي

گهرڀاتين معصوم کي الماري هيٺيان ڪڍي اسپتال پهچايو جتي فوتگي جي تصديق ٿي

نيوسعيدآباد (ت ر) گهر ۾ راند ڪرڻ دوران چئن سالن جي معصوم نياڻي الماري هيٺان اچي فوت ٿي وئي، بکرجمالي پرسان ڳوٺ جان محمد جمالي ۾ ڳوٺاڻي زبير احمد جمالي جي چئن سالن جي معصوم نياڻي شبنم جمالي الماري سان راند ڪندي الماري تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ته

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

سنڌ دريا بچائڻ لاءِ جان جا نذرانا ڏيڻ لاءِ تيار آهيون: سنڌو نواز

اڄ لطيف جي نگري ۾ امن جو پيغام کڻي آيا آهيون: پنهل ساريو

سنڌ واسين کي 23 نومبر حيدرآباد ۾ رواداري مارچ ۾ شرڪت جي اپيل ڪيون ٿا

ڀٽ شاهه(ن ع) رواداريءَ مارچ ڪميٽي ۾ شامل اڳواڻ سنڌو نواز گهانگهرو، پنهل ساريو ۽ ٻيا ڀٽ شاهه پهچي ويا، 23 نومبر حيدرآباد ۾ رٿيل رواداري ۽ دريا بچايو مارچ جي سلسلي ۾ رواداري مارچ ڪميٽي طرفان ڀٽ شاهه پهچي لطيف جي درگاهه تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي دعا

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڀٽ شاهه: رواداري ڪميٽي جا اڳواڻ ڀٽائي جي درگاهه تي حاضري ڏيڻ وڃي رهيا آهن

سنڌو دريا تي نوان ڪئنال ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪنداسين: آبادگار اڳواڻ

نوان ڪئنال ناهڻ سان سنڌ جي 60 لک ايڪڙ زمين بنجر ٿيڻ جو خدشو آهي

اسان وٽ هميشه پاڻي جي کوٽ آهي، ڪئنال ٺهڻ سان ميرپورخاص ۽ ٻيا ضلعا متاثر ٿيندا

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) سنڌو دريا تي نوان ڪئنال ناهڻ خلاف سنڌ آبادگار بورڊ ميرپورخاص جي سڏ تي ڳوٺ زاهد آباد ۾ آبادگارن جي ڪٺ ڪوٺائي ٿي جنهن ۾ سنڌ آبادگار بورڊ جي آبادگار اڳواڻن ممتاز مري سرفراز جوڻيجو، عمر ٻگهيو، حاجي ملوڪ راڄڙ مير ظفرالله ٽالپر ،بابو ڪوري ، عباس

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ٻه ڏينهن پهرين ملاح برادري اسپتال ۾ پيچ ڏاهه ڪئي هئي: محمد بخش بلوچ

جنهن عمل خلاف ينگ ڊاڪٽر، نرسنگ اسٽاف ۽ ٻي عملي احتجاج ڪيو هو

ايس ايس پي جي خاطري تي احتجاج عمل ختم ڪري او پي ڊي هلائي وئي آهي

دادو(ڊ ر) نيو ڊي ايڇ ڪيو اسپتال جي ڊپٽي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر محمد بخش بلوچ چيو آهي ته 2 ڏينهن اڳ ملاح برادري پاران اسپتال ۾ پينچ ڏاهه ڪرڻ واري عمل خلاف ڊاڪٽر ايسوسيئيشن ينگ ڊاڪٽر ايسوسيئيشن نرسنگ اسٽاف، پيرا ميڊيڪل اسٽاف پاران او پي ڊي جو

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

پرياروڊ گرلز هاءِ اسڪول جي بلڊنگ زبون حال، وارثن پاران نوٽيس جو مطالبو

فرنيچر جي سخت کوٽ سبب نياڻيون پٽ تي ويهي تعليم پرائڻ تي مجبور

شاگردياڻين، والدين ،سياسي سماجي ۽ سڄاڻ ڌرين پاران نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

پرياسٽي (ن ع) پرياروڊ گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول جي بلڊنگ زبون حال . ڇت جا ڇاپڙ ڪرڻ روز جو معمول بڻيل . فرنيچر جي سخت کوٽ سبب نياڻيون پٽ تي ويهي تعليم پرائڻ تي مجبور بڻيل . 6 ڪان مٿي ڪلاس رومن کي تالا لڳل . واش روم . پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ سميت بنيادي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

پريا سٽي: گورنمينٽ اسڪول ۾ شاگردياڻيون پٽ تي تعليم پرائي رهيون آهن

ٽائون ڪاميٽي چيلهار جو 2024-25 جو بجيٽ اجلاس

اجلاس ۾ پرديپ ڪمار، جگديش راساڻي، عرس ڪنڀار ۽ ٻين جي شرڪت

بجيٽ اتفاق راءِ منظور، چيلهار جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ گڏجي ڪوشش ڪنداسين:ٽائون چيئرمين

چيلهار (ن ع) ٽائون ڪاميٽي چيلهار جو بجيٽ اجلاس براءِ سال 2024-25 ٽائون چيئرمين ٻهاري راٺوڙ جي صدارت هيٺ ٽائون ڪاميٽي چيلهار ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ سال 2024-25 جي بجيٽ جا انگ اکر پيش ڪيا ويا . بجيٽ ۾ پيش ڪيل انگن اکرن موجب سال 2024 جي آخري بجيٽ

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

باقراڻي لڳ وڏيري شمن خان انڙ جو چاليهو ۽ سندس پٽ کي پڳ ٻڌرائي وئي

ڳوٺ پراڻو آباد ۾ چاڪلي واري تقريب ۾ سياسي، سماجي شخصيتن شرڪت ڪئي

مرحوم جي پٽ پ پ اڳواڻ ممتاز علي عرف نديم خان انڙ کي خانداني پڳ ٻڌرائي وئي

باقراڻي (ن ع)باقراڻي تعلقي جي ڳوٺ پراڻو آباد ۾ ناليواري سياسي سماجي شخصيت معزز ۽ انڙ برادري جي چڱي مڙس مرحوم شمن خان انڙ جي چاليهو تقريب ٿي گذري، جنهن ۾ سندس جي فرزند پ پ اڳواڻ ممتاز علي عرف نديم خان انڙ کي خانداني ۽ برادريءَ جي پڳ ٻڌرائي وئي، جڏهن ته تقريب ۾ پ پ ايم اين اي نظير احمد ٻگهيو سردار طارق انور

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ڪئنال ڪڍي سنڌ کي تباهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي: نياز ڪالاڻي

سنڌ اسيمبلي مان بل پاس ڪري اهڃو واضع ڪيو وڃي ته سنڌ حڪومت ڪئنال خلاف آهي

سينن تي گوليون ۽ لٺيون کائينداسين پر ڪئنال ڪڍڻ نه ڏينداسين

فيض گنج (ن ع) نوشهرو فيروز ۾ لڳلاڙ ڊرٽي کي ڪامياب ڪرائڻ لاءِ جسقم اڳواڻ پڪاچانگ پهتاڻ موقعي تي ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي سرفراز ميمڻ اياز راڄپر شاهه خادم شر اشتياق چانگ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ودرياهه مان 6 ڪئنال ڪڍي سنڌ کي تباهه ڪرڻ جي ڪوشش

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: ڪيمبرج يونيورسٽي ۽ تعليم واري وفاقي وزارت جي وچ ۾ ٺاهه تي صحيحون ڪيون پيون وڃن

ڳڙهي ياسين عبرت عيوضي محڪم الدين مهر جي مامي لاڏاڻو ڪري وئي

ڳڙهي ياسين (ن ع) ڳڙهي ياسين ڊڪڙ ناڪي مهر ۾ پريس ڪلب ڳڙهي ياسين جي سينئر صحافي محڪم الدين مهر مامي صدرالدين مهر جي گهر واري ڪجهه عرصو بيمار رهڻ سبب 55 سال جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري وئي جنهن ۾ ڳڙهي ياسين

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي لڳ مبينا روڊ حادثي ۾ ڪي پي ڪي واسي فوت

گهوٽڪي(اقبال صديقي ن ع) گهوٽڪي ايم فائيو موٽروي تي مبينا روڊ حادثي دوران ڪي پي ڪي واسي ڪريم خان پٺاڻ فوت ٿي ويو اي سيڪشن پوليس کي لاش هٿ، پوليس پاران اهڙو اطلاع وارثن کي ڏيڻ بعد وارث تعلقا اسپتال گهوٽڪي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

اي سي آفيس ٽنڊوآدم جي ڪلارڪ جي والده لاڏاڻو ڪري وئي

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم لڳ ڳوٺ محبت سولنگي ۾ اي سي آفيس جي ڪلارڪ اصغر سولنگي جي والده مختصر علالت بعد هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي جنهن کي سوين آلين اکين سان ابائي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ڪپرو روڊ ايڪشن ڪميٽي پاران نارا ڪينال روڊ تعمير ڪرائڻ لاءِ احتجاجي مظاهرو

ڪپرو (ن ع) روڊ ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻن ۽ ڳوٺاڻن حاجي آچر مري، محمد مري، عطا محمد مري، عبدالله نهڙي عبدالوهاب نهڙي، ايڊووڪيٽ ظفر مري، عبدالمالڪ هاليپوٽو فضل سميجو فيض سنڌي، ڪيول ميگهواڙ سڪندر منگريو امولڪ پيل ۽ ٻين ڳوٺاڻن شرڪت ڪئي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

سيالڪوٽ: هڪ پورهيت وڪري لاءِ مڇي کڻي بيٺل آهي

باقراڻي ۾ ڳوٺاڻي پيرسن جو نشي جي عادي نافرمان پٽ خلاف احتجاج

باقراڻي (ن ع) باقراڻي تعلقي جي ڳوٺ محراب سنديلو جي رهواسي پيرسن امتياز علي پٽي پريس ڪلب باقراڻي پهچي نافرمان پٽ اشفاق علي پٽي خلاف صحافين آڏو ڏانهيندي چيو ته منهنجو پٽ اشفاق علي پٽي نافرمان ۽ نشو واپرائيندڙ

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان لڳ ڳوٺ مان خيرات وٺڻ بهاني آيل عورتون گهرن مان سامان چوري ڪري ويون

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي ڳوٺ ڀائي خان ٽالپر ۾ چنگچي رڪشا تي آيل 6 عورتن پاڻ کي غريب مسڪين سڏائي ڳوٺ جي رهواسين جي گهرن ۾ اچي خيرات وٺڻ جي بهاني سنڌن گهرن مان هزارين روپين جي ماليت جا

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ بينڪن مان پئسا ڪڍي ٻاهر ايندڙ ماڻهن کان ڦرون ڪندڙ گروهه جو جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز سنڌ ۽ پوليس سائيٽ ايريا ۾ گڏيل ڪارروائي ڪندي گهريل ڦورو کي گرفتار ڪري ورتو رينجرز ترجمان موجب گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ محمد عمران عرف عمران سنڌي جي نالي سان ٿي آهي،

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

HARI WELFARE ASSOCIATION
UNIVERSAL CHILDREN'S DAY
نوابشاهه: ٻارڙن جي ڏينهن جي حوالي سان تقريب ۾ ٽيبلو پيش ڪيو پيو وڃي

سڪرنڊ ويجهو نينگر بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ ميرخان لغاري ۾ 9 ورهين جي منور لغاري تار مان ڪرنٽ لڳو

وارث نينگر کي کڻائي تعلقي اسپتال آيا ته ڊاڪٽرن فوتگي جي تصديق ڪئي

سڪرنڊ (ن ع) سڪرنڊ جي ڳوٺ ميرخان لغاري ۾ نون 9 ورهين جو ٻارڙو منور پٽ منير لغاري پنهنجي ئي گهر ۾ راند ڪيڏي رهيو هو ته مٿس بجلي جي تار ڪري پئي جنهن ۾ ڪرنٽ موجود هو جنهن سبب ٻارڙو ٿڏي تي ئي فوت ٿي ويو جنهن کي فورن تعلقه اسپتال سڪرنڊ آندو ويو ۾

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ: فوت ٿيل نينگر جو مڙهه سندس گهر ۾ پيل آهي

مخدوم امين فهيم هڪ سوچ ۽ فڪر جو نالو آهي: مخدوم سعيد الزمان "عاطف"

هو هڪ زنده دل انسان هو، سندس وفات سان ملڪ جي سياسي دنيا ۾ وڏو خال پيدا ٿيو آهي

هن پيپلز پارٽيءَ لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون ۽ هر ڏکئي وقت ۾ پارٽيءَ کي سنڀاليو

جام شورو (ڊ ر) سروري جماعت جي روحاني پيشوا حضرت مخدوم نوح سرور جي اڳوڻي گادي نشين مخدوم محمد امين فهيم جي ورسي جي موقعي تي سروري تنظيم ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان "عاطف" پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته

مخدوم محمد امين فهيم هڪ سوچ ۽

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ مرحوم مخدوم محمد امين فهيم جي ورسي حوالي سان اڄ عام مرڪل جو اعلان، نوٽيفڪيشن جاري

هالا (ت ر) وفا جي علمبردار سروري

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: مير رسول بخش ٽالپر، فيض احمد فيض، احمد فراز، سينيئر صحافي محمود شام، منهاج برنا، احمد مقصود حميدي ۽ عبرت جي بيورو چيف مجيد عباسي جو ورتل يادگار فوٽو

لاڙڪاڻي جي اسپتال مان مبينا اغوا ٿيل تازي ڄاول ٻارڙي جي بازيابي لاءِ مظاهرو

رتوديرو جي ڳوٺ ملو خان ککراڻي جي رهواسڻ پيرسن عورت ۽ ٻين پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو

شيخ زيد ووميين اسپتال مان اغوا ٿي ويل تازي ڄاول ٻارڙي کي بازياب ڪرائي ڏنو وڃي: مطالبو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ تعلقي رتوديرو جي ڳوٺ ملو خان ککراڻي جي رهواسڻ پيرسن عورت ۽ ٻين شيخ زيد ووميين اسپتال لاڙڪاڻو مان ٻه ڏينهن اڳ مبينا اغوا ٿي ويل تازي ڄاول ٻارڙي جي بازيابي لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي پيرسن عورت مسمات

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل ۾ ڳوٺاڻن جو بااثر جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ تريٽ واسي عورتن ۽ مردن پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

بااثر زمين جي مالڪي تان گهر ۾ گهڙي ڀاتين تي تشدد ڪيو آهي: مظاهرين

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل لڳ سلطانپور ويجهو ڪينٽ ٿاڻي جي حد ڳوٺ تريٽ ۾ زمين جي مالڪي تان جوابدارن مبينا محمد حسن جي گهر ۾ گهڙي مردن، عورتن ۽ ٻارڙن کي تشدد ۽ عورتن جا ڪپڙا ڦاڙي تذليل جو نشانو بڻايو ويو متاثر ڳوٺاڻن جو پاڪ ڪتاب هٿن ۾ کڻي ڏانهيندي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

گهارو جو بلڊر شوڪت نيازي پراسرار بندوق جي فائر سبب سخت زخمي

زخمي کي هيلٿ سينٽر آندو ويو جتان ڪيس نازڪ حالت ۾ ڪراچي ريفر ڪيو ويو

شوڪت پاڻ تي بندوق جو فائر ڪري خودڪشي جي ڪوشش ڪئي آهي: چئوپول

ٺٽو (ڊ ر) ٺٽي جي شهر گهارو جو بلڊر شوڪت نيازي پراسرار نموني بندوق جي فائر سبب سخت زخمي شوڪت نيازيءَ کي رورل هيلٿ سينٽرگهارو ۾ طبي امداد بعد ڪيس ڳنڀيرءَ جوڳي حالت ۾ ڪراچي منتقل روانو ڪيو ويو شوڪت نيازيءَ پاڻ تي بندوق جو فائر ڪرڻ ڪري خودڪشي جي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: هڪ سوزوڪي تي وڏي انگ ۾ شاگرد ڇت تي سفر ڪري رهيا آهن

سجاول ۾ سماجي تنظيم پاران سياسي عدم برداشت ۽ مسئلن بابت تقريب منعقد

سياسي اختلافن کي ذاتي زندگي ۾ نه آڻي گڏيل راءِ سان مسئلن کي اجاگر ڪرڻ گهرجي:مقرر

سجاول (ڊ ر) سجاول ۾ سماجي تنظيم ويڪيئر فائونڊيشن پاران نوجوانن ۾ سياسي عدم برداشت ۽ اجتماعي مسئلن تي گڏيل چارٽر آف ڊمانڊ جي عنوان سان پريس ڪلب سجاول ۾ هڪ تقريب ڪوٺائي وئي جنهن ۾ سجاول جي سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن شرڪت ڪئي

بقايا نمبر17 ڏسو صفحو 5

ريلوي حيدرآباد جي ڪارروائي، ڪيترائي ايڪڙ زمينن تان قبضا خالي

پنجاب ريلوي ٽريڪ تي ڊيٺا، پليجاڻي، الهڏنو سانڊ ۾ ڪارروائي ڪئي وئي

ٽنڊوڄام(ت ر) ريلوي حيدرآباد جي آفيسر آفتاب ملاح جي ڪوشش سان ريلوي جي ڪيترائي ايڪڙ زمين تان قبضو خالي ڪرايو زمين جي ليز ڪرائي ريلوي کي لکين روپين جو فائدو پهچايو ويو خبر

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

فريد آباد ۾ ڳوٺاڻن جو بااثر ۽ پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو

فريد آباد(ن ع) فريدآباد ويجهو ڳوٺ چيچاپور جي رهواسي عورتن ۽ مردن غلام علي ڪوسو پٽ غلام قادر ڪوسو سنڌن ٻارڙن عورتن سردار خاتون فاطمه امير خاتون ۽ ٻين احتجاج ڪندي ڏانهيون ته ڪي اين شاهه تعلق اسپتال ۾ ديوٽي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

باقراڻي واسي تعليم کاتي جو رٽائرڊ آفيسر سعودي عرب ۾ دل جو دوري پوڻ سبب فوت

باقراڻي(ن ع) تعلقي باقراڻي جي ڳوٺ مراد مشوري واسي بهترين استاد رٽائرڊ اسسٽنٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري لاڙڪاڻو محمد معشوق مشوري پنهنجي گهر ڀاتين سان عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ سعودي عرب ويو هو جيڪو

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڳڙهي ياسين ۾ بلڊنگ مٽيريل جون قيمتون آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳيون، رهواسين نوٽيس جو مطالبو

ڳڙهي ياسين (ن ع) ڳڙهي ياسين ۾ بلڊنگ مٽيريل بجري ڪرش ريتي سيمنٽ سرئيون لڪڙا پٿر ڪلي جا ريٽ چوٽ چڙهي ويا هن وقت ريتي بليڪ تي وڪرو ٿيڻ لڳي آهي ان حوالي سان شهر جي سياسي سماجي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

نصرت پروين سهتو سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي نئين سيڪريٽري ٿيندي

ڪراچي(بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ڪاليج ايجوڪيشن کاتي 18 هين گريڊ جي ڊپٽي ڊائريڪٽر

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ پورهيت جو قتل ٿي ويل پٽ جي خون سان انصاف نه ٿيڻ خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي لهر باءِ پاس واري علائقي جي رهواسي پورهيت طرفان 5 مهينا اڳ مبينا طور قتل ٿي ويل پٽ جي خون سان انصاف نه ٿيڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي احتجاج ڪندڙ پورهيت

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ گهر جي قيد ڪيل عورت کي عدالتي حڪم تي دارالامان حيدرآباد موڪليو ويو

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان شهر جي مشترڪ ڪالوني ۾ 3 ڏينهن اڳ گهر جي اندر زنجير سان ڪٽ ۾ ٻڌل 50 سالا مسمات آمنه چوهاڻ کي پوليس پاران بازياب ڪرڻ ڪانپوءِ ڪيس هڪ ڏينهن سيف هائوس ۾ رکڻ کانپوءِ ٽنڊو محمد

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو ۾ قومپرست اڳواڻن پاران سنڌو درياءَ جي سڪل پيٽ ۾ گل نڇاور، پاڻي لاءِ جدوجهد جو وچن

سنڌو درياءَ رواداري مارچ مهم تحت ريلي ڪڍي ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم جي وچ ۾ ڊرٽو هنيو ويو

وفاق ڪئنال ڪڍي گرين پاڪستان نالي سان سنڌو درياءَ تي جي پاڻي تي ڌاڙو هڻي پيو: سنڌو نواز گهانگهرو

سنڌو درياءَ اسان جو جياپو آهي جانيون قربان ڪري سگهون ٿا پر ڌاڙو هڻڻ نه ڏينداسين: پنهل ساريو ۽ ٻين جو خطاب

ڄامشورو (ڊ ر) ڄامشورو سنڌو درياءَ بچايو رواداري مارچ ڪندڙ سنڌو نواز گهانگهرو پنهل ساريو، عاليا بخشل ٿلهو فوزيه سينگان ، حمز علي چانڊيو اقبال ملاح ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪيٽرن رواداري اڳواڻن

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

محتسب اعليٰ سنڌ جو ريجنل ڊائريڪٽر گهوٽڪي پهتو، اسپتال، جيل جو دورو

فضل محمد شيخ ڊسٽرڪٽ جيل، اسڪول، اسپتال، بورچيخاني جو جائزو ورتو

قيدين جائز مسئلن کي حل ڪرڻ بابت سپرنٽينڊنٽ کي هدايتون ڪيون آهن: فضل محمد

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ سنڌ گهوٽڪي فضل محمد شيخ ڊسٽرڪٽ جيل گهوٽڪي پهچي جيل جي مختلف وارڊن اسڪول اسپتال بورچيخاني جو دورو ڪري صورتحال جو جائزو ورتو ۽ قيدين کان مسئلا معلوم ڪيا ان موقعي تي هن ڳالهائيندي چيو ته

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو: محتسب اعليٰ سنڌ جو ريجنل ڊائريڪٽر ڊسٽرڪٽ جيل گهوٽڪي جو دورو ڪري رهيو آهي

پنوعاقل لڳ پورهيت جو لاش هاءِ اسڪول مان هٿ، گهر ۾ ڪهرام

پيلار هاءِ اسڪول مان بختاور ولد علي نواز چاچڙ جو لاش هٿ آيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش کڻائي تعلقي اسپتال منتقل ڪرايو

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل ويجهو بائيجي ٿاڻي جي حد پيلار هاءِ اسڪول مان پورهيت بختاور چاچڙ جو لاش هٿ، ڪافي وقت کان اسڪول ۾ ليبر ڪم ڪندي هئي هڪ ئي خاندان جا اٺ کان وڌيڪ پورهيت اسڪول اندر ڪم ڪندا آهن پورهيت بختيارو ولد علي نواز چاچڙ ويٺل ڳوٺ ڏاڳو

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

مسوڀرڳڙي لڳ آئل ٽرالر ۽ ڪار ۾ ٽڪر سبب 3 ڄڻا سخت زخمي

لطيف شاهه اسٽاپ وٽ حادثي ۾ جلال گوپانگ، عبدالفتاح ۽ دوست محمد زخمي ٿي پيا

زخمين کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو، پوليس ٽرالر کي تحويل ۾ وٺي جاچ شروع ڪئي

مسوڀرڳڙي (ن ع) مسوڀرڳڙي لڳ نيشنل هاءِ وي ٻڌائي ٿاڻي جي حد لطيف شاهه اسٽاپ وٽ تيز رفتار آئل ٽينڪر ۽ مهراڻ ڪار ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿي پيو آهي جنهن جي نتيجي ۾ ڪار ڊرائيور جلال گوپانگ، عبدالفتاح دوست محمد سخت زخمي ٿي پيا جن کي مقامي ماڻهن فوري

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ محتسب اعليٰ پاران کلي ڪچهري، ملازمن پاران شڪايتن جا انبار

ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيس ۾ منظور علي سومرو آڏو سرڪاري ملازمن مسئلا پيش ڪيا

ڪچهري جو مقصد آهي ته حاضر ۽ رٽائرڊ ملازمن جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا وڃن: محتسب اعليٰ

بدين (ڊ ر) ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب اعليٰ بدين منظور علي سومرو پاران ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيس بدين ۾ کلي ڪچهري منعقد ڪئي وئي هن موقعي تي ملازمن ۽ انهن جي وارثن شڪايتن جا ڍير لڳائي ڇڏيا تفصيل موجب ضلعي بدين جي ناڻي کاتي واري آفيس ۾ منعقد ٿيل

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: سنڌ سوشل سڪيورٽي پاران مزدورن ۽ رڪشا ڊرائيورن جي رجسٽريشن ڪئي پئي وڃي

ٽنڊوآدم لڳ تيز رفتار ڪار ۽ ڦٽا رڪشي ۾ ٽڪر، 3 ڄڻا زخمي اسپتال داخل

نعمت بسال آئل فيلڊ وٽ حادثي ۾ عثمان آرائين مالڪ سولنگي قيصر پيل زخمي ٿي پيا

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جهول روڊ تي نعمت بسال آئل فيلڊ وٽ تيز رفتار ڪار ۽ ڦٽا رڪشا ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ ڪار ۾ سوار سنجهورو جا رهواسي محمد عثمان آرائين، عبدالمالڪ سولنگي ۽ ڦٽا رڪشا ڊرائيور قيصر پيل سخت زخمي ٿي پيا جن کي تعلقه اسپتال آندو ويو جتان قيصرپيل کي حيدرآباد اسپتال نئيو ويو

جام نوازعلي لڳ سرڪاري مڊل اسڪول کي بااثر وڏيري ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو

جام نوازعلي (ن ع) جام نوازعلي ويجهو دلور پرسان ڳوٺ علي گل خاصخيلي ۾ قائم سرڪاري مڊل اسڪول کي بااثر وڏيري پاران ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو سرڪاري اسڪول جون سرون لوهه در دريون پڪڙڻ جي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

چند ڪمپنين کي فائدو پهچائڻ لاءِ سنڌو درياءَ تي ڌاڙو هڻڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي: راشد محمود سومرو

سنڌ ۾ پيئڻ جو پاڻي موجود ناهي ۽ وري پنجاب جون زمينون آباد ڪرڻ لاءِ سنڌو درياءَ مان 6 ڪئنال ڪڍڻ واري منصوبابندي ٿي رهي آهي

گهوٽڪي ڪنڌڪوٽ ۽ قمبرشهداد ڪوٽ جهڙا ضلعا نوگو ايرايا بڻيل آهن مغرب کان پوءِ پنهنجي جان ۽ مال بچائي گهر ڪيئن پهچون

شماريات کاتي پاران سنڌ بابت پيش ڪيل آدم شماري جي انگ اکرن تي اسان کي خدشا آهن جنهن کي اسين تسليم نٿا ڪيون

جيڪب آباد (ڊ ر) جي يو آءِ سنڌ جي جنرل سيڪريٽري علامه راشد محمود سومرو چيو آهي ته سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال تمام خراب آهي گهوٽڪي ڪنڌڪوٽ ۽ قمبرشهداد ڪوٽ جهڙا ضلعا نوگو ايرايا

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: جي يو آءِ اڳواڻ راشد محمود سومرو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

پروفيشنل باورچي ۽ هائوس ڪيپنگ فيلڊ ۾ نوجوان ناڻو ڪمائي سگهن ٿا: خير محمد ڪلوڙ

ٿر جا ماڻهو انتهائي گهڻو محنتي ۽ جفاڪش آهن ۽ هو پنهنجي تقدير کي بدلائڻ چاهن ٿا

ٿر فائونڊيشن بلاڪ ٿر جي نوجوانن لاءِ تربيت جا موقعا فراهم ڪري مثالي ڪم ڪيو آهي

خير محمد ڪلوڙ جي نوجوانن کي تربيتي بعد سرٽيفڪيٽ ورهائڻ واري تقريب ۾ خطاب

اسلام ڪوٽ(رپورٽ:سڪندر علي ٻجير) ٿر فائونڊيشن طرفان ٿر ڪول بلاڪ ٿر جي 48 نوجوانن کي پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ٽورازم اينڊ هوٽل مئنيجمينٽ جي سهڪار سان مرحلي وار پروفيشنل باورچي ۽ هائوس ڪيپنگ جي تربيت ڏني وئي، تربيت يافته نوجوانن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهائڻ بلاڪ ٿر

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

سنڌ حڪومت جو عزم
ماهيگيري جي صنعت رهي ترقي جي راهه تي گامزن
21 نومبر ماهيگيرن جو عالمي ڏينهن
World Fisheries Day
سنڌ حڪومت ماهيگيري جي صنعت کي بهترين سهولتون، صاف ماحول ۽ مڪمل تحفظ فراهم ڪري رهي آهي
اسان جو مقصد اهو آهي ته صنعت ڏينهن رات ترقي ڪري ۽ ان جا فائدا ايندڙ نسلن تائين پهچن.
ماهيگيرن کي جديد ٽيڪنڪ ۽ جار جي بهتر استعمال ۽ سامونڊي قانونن جي آگاهي فراهم ڪرڻ
سنڌ حڪومت جا اهم قدم
- سنڌ جي سمورن مهاڻن جو باقاعده علاج
- سمنڊ ۾ مڇي مارڻ لاءِ لائسنس جاري ڪرڻ
- هر ٻيڙيءَ جي رجسٽريشن
- مهاڻن کي ماهيگيري، جار ۽ سمنڊ جي قانونن کان آگاهي
- سنڌ فشريز آرڊيننس 1980 تي يقيني عملدرآمد، خلاف ورزي تي قيد ۽ ڏنڊ جي صورت ۾ قانوني ڪارروائي ته جيئن سنڌ صوبي جي ماهيگيري کي سرڪاري سرپرستي ۽ قانوني تحفظ ميسر ٿئي
- مڇين جي نسلن جي تحفظ لاءِ نوان قدم
- قدرتي وسيلن جي حد کان وڌيڪ استعمال جي روڪٿام
- پاڻيءَ جي گدلاڻ کي گهٽ ڪرڻ لاءِ صفائي جي مهم
- صنعتي فضلي کي درست طريقي سان ناس ڪرڻ لاءِ قدم
مهاڻن جي روشن مستقبل لاءِ رٿل، سنڌ حڪومت
لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز کاتو، حڪومت سنڌ
www.livestocksindh.gov.pk
livestockfisheriesdepartment
livestockdept
INF/KRY/3756/2024

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.